روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

2

حيات سڌار تعليم: ڇا ۽ ڇو؟

سيني لاءِ

# سيڪيولرزم

# ۽

# عقليت پسندي

محمد ابراهيم جويو

سي پي سي ايس

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي

B-98 قاسم نگر-قاسم آباد، حيدرآباد

Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401

cpcs.sindh@hotmail.com

حيات سڌار تعليم: ڇا ۽ ڇو؟

سيني لاءِ

# سيڪيولرزم

# ۽

# عقليت پسندي

محمد ابراهيم جويو

ايڊيٽر: جامي چانڊيو

CPCS

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليکڪ: | محمد ابراهيم جويو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | مارچ 2007ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | پنجاهه روپيا |


**All Rights Reserved**


| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Secularism, Pluralism & Rationality |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-2 |
| **Authored by**: | Mohammad Ibrahim Joyo |
| **Year**: | March 2007 |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانديي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# سنڌاءُ


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | ـ جامي چانڊيو | 6 |
| سنڌي سماج جو ”مجرم“ عوامي عدالت ۾ | | 11 |
| ارتقا جو نئون جنم | | 17 |
| جڙ ـ واد: هڪ انسان دوست سماجي نظريو | | 32 |
| ماڻهو جديد نظريا ڇو قبولين ٿا؟ | | 45 |
| تهذيبي، تمدني قدر ۽ مذهب | | 55 |
| سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي | | 63 |

# ارپنا

**روشن خياليءَ، ترقي پسنديءَ ۽**
**سائنسيت جي متيءَ مان ڳوهيل**
**نئين سنڌ جي خواب جي ساپيان**
**جي نالي.**

– جامي چانڊيو

# مهاڳ

انسان ڪائنات جي سيني ڪان حسين، زندهہ ٻهڪندڙ متحرڪ ۽ لطيف هستي آهي ۽ سندس اُن سموري عظمت جو راز سندس عقل، ادراڪ، استبداد توڙي استدلال جي همہ گير صلاحيت آهي. انسان باقي سموري ڪائنات جي هر مظهر ۽ وجود ڪان جيڪڏهن عظيم آهي تہ اهو فقط ۽ فقط پنهنجي شعور جي ڪري آهي. اڄوڪي زماني ۾ ان بظاهر سادي ۽ واضح حقيقت کي سمجهڻ ۽ قبولڻ لاءِ بہ انسان کي سوين صدين جو سفر طئي ڪرڻو پيو آهي ۽ خود اهو سفر ڪو سؤلو ۽ سادو نہ هو. هزارين ۽ لکين ڏاهن انسانن جي لوچ ۽ قربانين ڪان پوءِ اڄ وڃي انسان پنهنجي ان عظمت کي ڄاتو آهي پر پوءِ بہ اهو پوريءَ طرح جهالتن ۽ جهالت تي ٻڌل عقيدن ڪان پنهنجي جند آڃي نہ ڪرائي سگهيو آهي. جڏهن انسان کي پنهنجي عقل ۽ شعور جي عظمت جو احساس ۽ ادراڪ نہ هو تڏهن هن لاءِ وهم، ڏند ڪٿائون، انڌا ويساهہ ۽ مافوق الفطرت ڳالهيون ۽ وجود ئي سڀ ڪجهہ هئا. انهن جهالتن جو انسانذات مٿان ذهني تلسط Status_quo (شين کي "جيئن جو تيئن" برقرار رکڻ جو نظام) برقرار رکڻ لاءِ وري پادرين، بشپن، مُلن، ٻاون اهي فتوائون ڏنيون تہ ان "اوهام پرستيءَ" تي عقلي طرح غور ڪرڻ دراصل "ڪفر" آهي. روشني نہ تہ اوندهہ ڪان ڊڄندي آهي ۽ نہ ان جي محتاج هوندي آهي، اُن ڪري گڏوگڏ اُن جو سفر بہ جاري رهيو. روشنيءَ مان منهنجي مراد "سائنس" آهي، جنهن جي سچي

عمارت جو بنياد خالص ۽ خالص عقل, مشاهدي ۽ تجربي تي رکيل آهي. جيتوڻيڪ "سائنس" بظاهر کُليل نموني اوهام پرستيءَ سان ڪو وڏو ٽڪر نه کاڌو پر غير محسوس طريقي سان ۽ آهستي آهستي اُن جا بنياد پنهنجين دريافتن, ايجادن ۽ خالص عقل جي بنياد تي واضح ڪيل اُصولن سان کوکلا ڪرڻ شروع ڪيا.

انسان جو وڏي ۾ وڏو سماجي هٿيار سندس شعور آهي ۽ اوهام پرستيءَ جو وار به ان تي ہو ۽ آهي. عوام جي قطعي گهٽائيءَ کي صدين کان حڪمران طبقن جو غلام بڻائڻ ۾ جنهن عنصر بنيادي ڪردار ادا ڪيو اهو به اها جهالت هئي. اوهام پرستي انسان کان تخليقي سوچ ۽ تبديليءَ جو شعور کسي ورتو. مثلاً صدين جون صديون, بشپن, پنڊتن, پاون توڙي پادرين انسانن کي ٻڌايو ته "غربت" ڪنهن ناهموار ۽ ڦورو سماجي, اقتصادي توڙي سياسي سرشتي جي پيداوار نه پر قدرت طرفان متعين ڪيل آهي. صدين تائين انسانن کي ٻڌايو ويو ته قدرت جنهن تي مهربان ٿئي ٿي, اُن کي امير بڻائي ٿي ۽ جنهن تي ڏمرجي ٿي, اُن کي غريب رکي ٿي. ڪنهن کائڻ اهو نه پڇيو ته ڀلا هي جو عوام جو قطعي اڪثريت زمانن کان غربت جي چڪيءَ ۾ پئي پيڙهجي ته آخر قدرت, اڪثريت ۽ پورهيو ڪندڙ عوام تي ئي ڇو ٿي ڏمرجي؟ اها ظالم , ڦورو ۽ ڪوبه پورهيو نه ڪندڙ حڪمران طبقن تي ڇو نه ٿي ڏمرجي؟ ايئن جي جزويات ۽ تفصيل ۾ وڃبو ته معلوم ٿيندو ته عوام جي صدين کان پسماندگيءَ توڙي حڪمران طبقن جي هر نڳيءَ ۽ ڦُرلٽ کي ڪنهن نه ڪنهن هٿ ٺوڪيي روحاني جواز تحت Justify انهيءَ اونداهه جي سفيرن ئي پئي ڪيو آهي. مثلاً اُن سوال تي غور ٿيڻ گهرجي ته آخر دنيا ۾ هيءَ جيڪا اٿاهه ۽ بيپناهه ترقي ٿي آهي, اُها آخر ويجهي ماضيءَ يعني چوڏهين عيسوي صديءَ کان پوءِ ئي ڇو ٿي آهي؟ هيترين سوين صدين کان ساڳيءَ ڌرتيءَ تي ساڳين وسيلن سان انسان اها ساڳي ترقي ڇو نه ڪري سگهيو هو؟ جواب بنهه سؤلو آهي ته بدقسمتيءَ سان تاريخ جو اهو طويل عرصو اوهام پرستيءَ جي, انسان جي شعور مٿان اجاره داري رهي ۽ انسان جو عقل ۽ تخليقي شعور نه گهڻو اُسري سگهيو ۽ نه ڪو گهربل ڦل ڏئي سگهيو پر پندرهين صديءَ جي آخر ۽ سورهين صديءَ جي اوائلي تاريخ ۾ هڪڙو وڏو بريڪ ٿرو Break Through (ٽوڙ) ٿيو ۽ اهو هو يورپ جي تنگ نظر ۽ رجعت پسند عيسائي سماج ۾ مذهبي سُڌارن جو اچڻ. اهو ئي سبب آهي, جو 16هين صديءَ کي تاريخ ۾ "مذهبي سڌارن" (Reformation) جي صدي چيو وڃي ٿو. عيسائي سماج جيڪو صدين کان بشپن ۽ پادرين جي تسلط هيٺ هڪڙو معصوم ۽ مجبور معاشرو بڻجي ويو هو. ان کي مارٽن لوٿر (اول) ۽ بين جي انهن مذهبي سڌارن ڪاپاري ڌڪ هنيو. اهو تسلط ايترو ته ظالمانو ۽ تنگ نظر هو جو هاڻي خود يورپ وارا اُن کي "اونداهين دؤر" (Dark Age) جي نالي سان تعبير ڪن ٿا. جيتوڻيڪ اُن تسلط خلاف

12هين صديءَ کان ئي وٺي هلڪو هلڪو چوٻول شروع ٿي ويو هو پر 16هين صديءَ ۾ اهو خاص نهج تي پهچي نتيجه خيز ثابت ٿيو. اُنهن سڏارن جا ٻه نتيجا نڪتا. هڪ ته عيسائي معاشرو "اوهام پرستي" جي بدترين شڪل ۾ تسلط کان ڪنهن حد تائين آجو ٿيو ۾ ٻيو ته عقليت پسنديءَ جو هيسيل ۾ دٻيل دٻيل ڪردار وري ڪر کڻڻ لڳو. انهيءَ مذهبي سڏارن جو غير معمولي نتيجو اهو نڪتو جو دنيا جي سڀ کان پست حال ۾ گهُٽيل معاشري منجهان ئي نئين سجاڳيءَ (Renaissance) جون اهي سگهاريون ۾ لڳاتار فڪري تحريڪون اُٿيون، جو اسان اڳ اُنهن جو تصور به نه ڪيو هو. 16هين صديءَ کان وٺي 19هين صديءَ تائين يورپ لڳاتار فڪري تحريڪن جي اُپرڻ جو ڳڙهه رهيو ۾ اڄ سڄي دنيا اُن دؤر جي حاصلات تي فخر ڪري ٿي، جو ان جو همه گير اثر رڳو يورپ تي نه پر سموري انسانذات ۾ عالمي معاشري تي پيو آهي. خود جمهوريت، سيڪيولرزم، دنيا جو بهترين تخليقي ۾ فڪري ادب، فلسفو، فلسفي جون انيڪ ڌارائون، سائنس جون عظيم دريافتون ۾ ايجادون، مصورري، موسيقي ۾ جماليات جي تصور ۾ مزاج ۾ نواڻ -اِهي سڀ اُن دؤر جون حاصلات آهن ۾ اُن سڄي ڳالهه جو راز اهو آهي ته عقليت پسنديءَ کي پير کوڙڻ جو موقعو مليو. جڏهن انڌن ويساهن ۾ عقيدن جي جاءِ عقل، دليل ۾ ڇنڊڇاڻ ۾ جستجوءَ ورتي ته انسان ذات جا وارا به نيارا ٿيڻ لڳا. فلسفي جي دنيا ۾ 18هين صديءَ کي ته سڏيو ئي وڃي ٿو "Age of Reason"، يعني "عقليت پسنديءَ جو دؤر". چوڻ جو مطلب اهو آهي ته عقليت پسنديءَ کي رڳو پير کوڙڻ لاءِ "زمين" ملي ته ٽن چئن صدين ۾ اهو ڪجهه حاصل ٿيو جيڪو انسان سوين صدين ۾ حاصل نه ڪري سگهيو هو. اُن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اوهام پرستيءَ جا علمبردار انسانذات کي ڪيترو عرصو روڪيو بيٺا رهيا. پوءِ چاهي اُهي کهڙي به دؤر ۾ کهڙي به قوم، ملڪ ۾ معاشري جا هجن. خود سائنس کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو تڏهن مليو جڏهن وهمن جي جاءِ تي عقليت پسنديءَ جو دؤر آيو. نه ته اڳوڻن زمانن ۾ سائنسدانن سان جيڪي عقوبتون ڪيون ويندڙيون هيون، اُنهن جو اڄ تصور به نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته هر سائنسي دريافت ايجاد ۾ قانون ڪنهن نه ڪنهن عقيدي جي ڪوڙي طلسم کي ٽوڙي ٿي ۾ نتيجي ۾ جهالت جي اونداهين ڏرن مان عقيده پرست چمڙا اُٿي ڪڙا ٿي ٿيا، جو سندن "پُڇَ" تي لَتَ ٿي آئي.

بدقسمتيءَ سان اسان هن 20هين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ به هڪ اهڙي معاشري ۾ رهون ٿا، جيڪو اڃا تائين سماجي سطح تي اوهام پرستيءَ جي تسلط مان جند ڇڏائي نه سگهيو آهي. وهمن وِسوِسن ۾ فرسوده عقيدن جون ڄڙون اڃا به اسان کي نه رڳو ڇهتيل آهن، پر اُهي پنهنجو حق سمجهن ٿيون ته عوام کي ايئن ڇهتيل ئي رهن. مثان وري هن ملڪ جو رياستي ڍانچو ۾ مزاج اهڙو آهي، جو سندن من گهڻو وڌي ويو آهي. پنجاهه ۾ سٺ

جي ڏهاڪي ۾ هتي بہ اوهام پرستيءَ جي مقابلي ۾ عقليت پسنديءَ جا لاڙا متعارف ٿيڻ شروع ٿيا. سنڌ ۾ اهڙا روشن خيال عنصر اُڀري رهيا هئا، جن جي بنيادي تربيت 16هين صديءَ کان 19هين صديءَ جي اُن نئين سجاڳيءَ جي فڪر منجهان ٿي هئي، ۽ نتيجي ۾ اُنهن سنڌ ۾ بہ دنيا جي سڀ کان اڳتي وڌي ويل سائنسي شعور کي متعارف ڪرائڻ شروع ڪيو. سنڌ ۾ اُن نئين سجاڳيءَ جي سفر جو پهريون امين محمد ابراهيم جويو هو ۽ پوءِ تہ سنڌي سماج منجهان روشن خياليءَ جي هڪ زبردست لهر اُڀري. ظاهر آهي تہ روشني ايندي تہ اوندهہ ضرور پريشان ٿيندي. رجعت پسندن هڪ وڏي تحريڪ بڻجي اُن نئين ايندڙ فڪر جي تازي هوا ۽ روشنيءَ کي روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر هوائن ۽ روشنين کي ڀلا ڪير روڪي سگهيو آهي؟ ادب ۽ علم جي ميدان تي محمد ابراهيم جويي، مولانا گرامي، رسول بخش پليجي، محمد عثمان ڏيپلائي، ابن حيات پنهور ۽ شيخ اياز جهڙن ماڻهن ڪين شڪستون ڏئي تاريخ جي ڊسٽ بن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. پر هينئر جڏهن روس جي زوال ڪانپوءِ دنيا ۾ هڪ دفعو وري سرمائيداري حاوي ٿي آهي تہ سرمائيداريءَ اُنهيءَ اوهام پرستيءَ کي سڄيءَ دنيا ۾ اُڀارڻ شروع ڪيو آهي، جنهن کي شڪست بہ يورپ ۾ سرمائيدار بورجوا لبرل ازم ڏني هئي، پر هي حڪمران طبقن جو جيڪو صدين جو موقعي پرستاڻو مزاج آهي، اهو هيتري جدت اختيار ڪرڻ باوجود بدلجي نہ سگهيو آهي. هينئر دنيا ۾ وڏي فڪري واڌ ڦاٽ کي ورائڻ جا سانباها پيا ٿين. ادب بہ اهو عظيم قرار ڏنو پيو وڃي، جيڪو اعليٰ ۽ گهري سماجي ۽ سائنسي شعور جي ترجماني نہ ڪري، پر ماڻهن کي واڳڙو ۽ بتال ڪري يا زندگيءَ جي بنيادي معاملن کان انسان کي لاتعلق ڪري. لازمي طور اُن جا اثر سنڌ ۾ بہ پيا آهن. لاڙا ۽ نوعيتون ضرور مختلف آهن، پر بنيادي طور رجحان پس و پيش ساڳيو آهي. هڪڙو تہ اُگهاڙي اوهام پرستي وري وڏي اڊمبر ۽ ڦهر وچان ڪر کڻڻ شروع ڪيا آهن. 30، 40 سالن کان پوءِ وري سندن مئل گهوڙي ۾ ساهہ پوڻ شروع ٿيو آهي ۽ چاڪاڻ تہ سندن بنيادي جهيڙو آهي ئي عقل، سائنسي علم، دليل ۽ مادي شعور سان، اُن ڪري سندن نشانو بہ اهڙا ماڻهو، قدر ۽ رجحان آهن، جيڪي تاريخ، فطرت ۽ سماج جي مادي شعور جي ترجماني ڪن ٿا. هڪ رسالي (نام نهاد) "بيداري" ۾ هڪ اهڙي ئي صاحب (محمد موسيٰ ڀُٽي) طويل مضمون لکي پنهنجيءَ پر ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي سماج جي هن پست حاليءَ جو سبب سائنسي ۽ مادي فڪر جي ترويج آهي ۽ اُن سڄي "ڏوهہ" جو ذميوار هن جويي صاحب کي قرار ڏئي کيس "مجرم" جي لقب سان مخاطب ڪيو آهي. هن جديد سائنسي دؤر ۾ ايئن چوڻ تہ ڪو سائنس مادي شعور سان، معاشرو پست حال ٿيندو آهي، بلڪل ايئن آهي جيئن ڪو چوي تہ روشنيءَ سان اونداهي ڦهلجندي آهي ۽ يا علم سان ماڻهو جاهل ٿيندو آهي. اهو ڪو نئون الزام ناهي، اوائلي زمانن کان ان مڪتبہ فڪر جا پرچارڪ اهڙيون هوائي خبرون ڪندا اچن، جيئن چمڙن کي روشني پاڻ ۽ نہ پوندي آهي، جو اُهي روشنيءَ ۾

انڌا ٿي پوندا آهن. تيئن جهالتن جي هيراڪن کي به سچو علم (سائنس)، سمجهه ۽ ساڃاهه پاڻ ۾ نه پوندي آهي. اُن ڪري فيض صاحب وانگر "نه اُن ڪي رسم نئي هي نه اپني ريت نئي" اسان کي سنڌي سماج جي سائنسي بنيادن تي اڏاوت جو سفر جاري رکڻو آهي. جي رجعت پرست سمجهن ٿا ته سنڌن هوائي خبرن ۽ هٿ ٺوڪين الزامن سان اسان معذرت خواهاڻو رويو اختيار ڪنداسين ته اها سراسر ڀُل آهي. سو پرواهه نه آهي. هي وائڙائپ جو واءُ گهڻا ڏينهن جٽاءُ نه ڪري سگهندو. موجوده دور ۾ "ڏسڻا وائسڻا" ماڻهو پنهنجن ويساهن ۽ آدرشن تان هٿ کڻي وڃي چمڙن جي اونداهن ڏرن ۾ لڪا هئا ته به خير جي ڳالهه آهي. هر ايندڙ ڏينهن سائنس، عقل ۽ دليل جو آهي، اهو سفر جاري رهڻو آهي. اُن کي ڪو چاهي ته به روڪي نه ٿو سگهي. يورپ ۾ جڏهن ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ ڊيڪارٽ ۽ بيڪن عقليت پسنديءَ جي ڳالهه ڪئي هئي ته اُتي به ڪهرام مچي ويا هئا پر اهو سفر جاري رهيو ۽ ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيو سڌريو ۽ سائنسيت سان سلهاڙجندو ويو. اڄ اتي رجعت پسنديءَ جا اُهي علمبردار ڳولهيا نه ٿا لهن. ڊارون ارتقا جي ڳالهه ڪئي ته جڻ سڄيءَ دنيا جي جهالت پرستن جي پُڇَ تي لت اچي وئي. گليلو کي چا چا نه ڇيو ويو پر اڄ هن جي عظمت انسان ذات لاءِ قابلِ تسليم آهي. سو ڀل ته وقتي طرح بدحواسيءَ جو ماحول حاوي ٿي ويو هجي پر سائنس، سچ ۽ سونهن جو سفر جاري رهڻ گهرجي. اوندهه روشنيءَ سان ڪيترو به اُلجهي اُها روشنيءَ جو رستو روڪي نه ٿي سگهي. ڪنهن ڪيترو نه سُٺو چيو آهي ته سموري دنيا جي اوندهه گڏجي ته به اها روشنيءَ جي فقط هڪ ڪرڻي کي ختم ڪري نه ٿي سگهي، پر روشنيءَ جو هڪ ترورو به سڄيءَ دنيا جي اوندهه ۾ ڏار وجهڻ لاءِ ڪافي آهي.

سائين محمد ابراهيم جويي جو هيءُ فڪر انگيز ڪتاب اسان جي سموري باشعور ۽ سائنسي سوچ جي ترجماني ڪري ٿو. نه رڳو ترجماني ڪري ٿو پر اهو هڪ آزاد، روشن خيال، سائنسي ۽ عقليت پسند سنڌي سماج جي اڏاوت جا بنياد پڻ فراهم ڪري ٿو. هيءُ ڪتاب سنڌ جي هر ان باشعور ماڻهوءَ ۽ خاص طور نوجوان کي پڙهڻ گهرجي، جيڪو اڪين ۾ هڪ نئين ۽ روشن خيال سنڌ جا نه رڳو خواب رکي ٿو پر ان جي ساڀيان لاءِ علمي، ادبي، فڪري، سماجي ۽ سياسي ميدانن ۾ وکون کڻي ٿو/ ٿي.

**جامي چانڊيو**
**ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر**
**سي پي سي ايس**
13 **آگسٽ** 2007ع

# سنڌي سماج جو "مجرم" عوامي عدالت ۾

## ابتدائيه

هڪُ شخصُ، پارسائيءَ جو داعي، پاڻمرادو هڪ هٿ ٺوڪِيِ "بيداري عدالت" قائم ڪرڻ ڪانپوءِ، خيالن ئي خيالن ۾ هڪ ماڻهوءَ کي "مجرم" طور اُن عدالت ۾ پيش ڪري ٿو ، اُهو شخص جيڪو مُدعي بہ پاڻ آهي، تہ مُنصف بہ پاڻ، سو اُن خيالي "مجرم" کي عدالت جي ڪٺهڙي ۾ بيهاري، مٿس استغاثي طور ڪي تهمتون مڙهي ٿو ۽ پوءِ پاڻ ئي منصف بڻجي فيصلي جو حڪم صادر فرمائي ٿو.

اُنهن ٻن فردن مان هڪ جٽو تقليدي، ايمان جي پختگيءَ جو قائل، رجعت پرست قوتن جو نمائندو ۽ دين جو دعويدار آهي، جڏهن تہ ٻيو فرد عقليت پسند، انسان دوست، جدت ڏانهن مائل، سيڪيولر ۽ ترقي پسند نظرين جو ترجمان آهي.

مُدعيءَ "مجرم" تي هينيان الزام مڙهيا:

- "ملزم" ڪائنات جي مادي ۽ ارتقائي نظريي، جدلياتي ماديت ۽ سيڪيولرزم جي نظريي تي پختو ويساهہ رکي ٿو.
- هُن سنڌ ۾ اِلحاد، دهريت وغيره جي فلسفي کي وڌايو آهي ۽ اُن جي لاءِ پلاننگ سان ڪم ڪيو آهي.

- هُن ترقي پسند تحريڪن جي سرپرستي ڪرڻ، جديد نظرين کي مڃڻ ۽ جديد قوم پرستيءَ کي ترقي ونرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.
- "اسان جي نظر ۾ سندس ڪردار جو سڀ کان اهم پهلو جيڪو سنڌ ۽ اهل سنڌ لاءِ نهايت هاجيڪار آهي، جنهنڪري سنڌ جا هزارين پڙهيل لکيل نوجوان پنهنجي تهذيب، روايتن ۽ قدرن کان محروم ٿي، مادي فڪر جي وهڪري ۾ وَهي، اعتماد ذات جي بُحران ۾ مبتلا ٿي ويا آهن."
- هن اهڙا ڪتاب ترجمو ڪرايا آهن، جيڪي مذهبي نقطي نظر کان اعتراض جوڳا آهن.
- "سنڌ ۾ ماده پرستيءَ جي جنهن فڪر جو ٻج هن 60_50 سالن کان وٺي پوکيو آهي ۽ اُن جي آبياري ڪئي آهي، اُن فڪر جي نتيجي ۾ سنڌي سماج کي ڇا مليو؟ ماضيءَ کان بغاوت، مثالي قدرن کان بغاوت، پاڪيزه تهذيب کان بغاوت، آفاقي قدرن کان بغاوت، سماج ۾ مسلسل انتشار، ڦيٽاڙو، جذبات جو مظاهرو، مارا ماريءَ جي فضا، سڪون ۽ اطمينان جو خاتمو"، وغيره وغيره.

انهن الزامن کان علاوه ڪجهه ٻيا گهڻ اهميت جوڳا الزام پڻ مڙهيل آهن، جن جي تفصيل ۾ وڃڻ نٿا چاهيون.

"ملزم" تي فرد جرم عائد ڪرڻ ڪانپوءِ مدعي انصاف واريءَ مسند تي براجمان ٿئي ٿو ۽ هيٺيون فتوائون جاري ڪري ٿو:

"ملزم" توحيد ۽ وحدانيت واريءَ ڦرهيءَ کي پڙهي ۽ اُهو سبق ياد ڪري ۽ گمراهه فلاسافرن جي سطحي فڪر کي ذهن جي تختيءَ تان ميساري ڇڏي.

"جيڪي ماڻهو ماده پرستيءَ جي نظريي جا علمبردار آهن، جيڪڏهن اُهي نالي جي آڌار تي پاڻ کي مسلم ملت ۾ شامل فردن کي حاصل ٿيندڙ سمورا فائدا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، تہ اُها سندن وڏي بدديانتي شمار ٿيندي، يا تہ ڪين اسلام جي اعتقادي نظام تي ويساهہ رکي، ماديت ۽ ماده پرستيءَ جي نظريي جي تلقين جو ڪم ڇڏڻو پوندو، يا ڪين اخلاقي جُرئت جو ثبوت ڏيندي. مُسلم ملت جي رياستي ادارن جي اهم عهدن تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي ۽ پاڻ کي مسلم ملت جي فرد جي حيثيت سان متعارف ڪرائڻ جي پڻ ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي."

(**حوالو: ماهوار "بيداري"، حيدرآباد، شمارو جون 1997ع**)

شرعي مُنصف پنهنجو فيصلو صادر فرمائي ڇڏيو آهي. "مجرم" کي نہ ئي صفائي پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي ۽ نہ وري فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ اپيل جو حق.

چاڪاڻ تہ ان قسم جا خيال ۽ ويچار "بنيادي انساني حقن" جي ڏمري ۾ اچن ٿا، تنهنڪري اُهي "جديد نظريا" آهن، اُنهن جو "دين" سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

هاڻي اچو تہ منصف جي فتوائن جو تسلسل ڳوليون تہ سندس پيرا ڪٿي بيهن ٿا. اسين تاريخ جي دنيا ۾ اندر جهاتي پائي، اُن ڪان ڪجهہ مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

ڪيتريون ئي صديون اڳ، هڪ مجرم کي اٿينس جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو. سندس نالو "سقراط" هو. مٿس الزام لڳايا ويا هئا تہ، "هُو نوجوانن کي بگاڙي ٿو. هُو اُنهن ديوتائن تي ايمان نٿو آڻي، جن کي شهر وارا مڃين ٿا. هُن پنهنجا نوان نظريا ناهيا آهن ۽ اُنهن جو پرچار ڪري ٿو. تنهنڪري سماج ۾ ڦيٽاڙو پيدا ٿِي پيو."..... وغيره وغيره.

عدالت سڄوريءَ ڪيس زهر جو پيالو پيارڻ جي سزا ڏني، جيڪا اُن وقت جي سڀ کان وڏي سزا هئي. هُو کلندي کلندي زهر جو جام پي ويو ۽ موت کي مات ڏيئي هميشہ هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. اڄ سقراط سچائيءَ جي علمبردار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

هڪ ٻيءَ ديني عدالت ۾ "گليلو" نالي هڪ مجرم کي پيش ڪيو ويو. مٿس الزام هو تہ، "هو جديد نظرين جو پرچارڪ آهي." دراصل گليلو اعلان ڪيو هو تہ، "ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي." اها نئين ڄاڻ هئي ۽ بائيبل ۽ ارسطوءَ جي تعليم جي برخلاف هئي. مذهبي عالمن ان ڳالهہ تي ويچار ڪيو تہ جيڪڏهن ڌرتي ڦري ٿي تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اُها ڪائنات جو مرڪز نہ هئي، پر گليلو موجب ڪائنات ۾ فقط هڪ نقطو هُئي! گليلو جي انهيءَ ڪوجنا جي جواب ۾ هڪ مذهبي عدالت ويهاري وئي، عدالت گليلو کي سزا طور چيچلائي مجبور ڪيو تہ هُن جيڪي ڪجهہ چيو ٿي، تنهن تان هٿ کڻي وڃي. ان تي گليلو چيو: "هاڻ منهنجي ايئن چوڻ يا نہ چوڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو. آئون هاڻ جيڪڏهن ايئن چوان بہ کڻي تہ ڌرتي سج جي چوڌاري ڪانہ ٿي ڦري، تڏهن بہ اُها اُن جي چوڌاري ڦرندي ئي رهندي." گليلو جي انهيءَ عقلي دليل جي باوجود بہ مذهبي آقائيت "مان نہ مڃان" واريءَ روش تان نہ مُڙي.

ڪجهہ صديون بعد جو قصو آهي، منصور حلاج اناالحق جو نعرو هنيو. مذهبي پيشوائيت، دين کي خطري ۾ محسوس ڪندي، اُن کي بچائڻ لاءِ حرڪت ۾ اچي ويئي. منصور کي مُلن جي هڪ جماعت آڏو پيش ڪيو ويو. تنهن جماعت منصور کي ڪُفر جي اُنهن گفتن چوڻ تي سُوليءَ تي لٽڪائڻ جي سزا جو حڪم

ڏنو. جڏهن ڪيس سوليءَ ڏانهن نيو پئي ويو تڏهن سُوليءَ وٽ موجود سندس مُريدن مان ڪن عرض ڪيو: ”اسان جن ۾ پنهنجن دشمنن جي حق ۾ ڇا چوڻو اٿئي؟“

فرمايائين: ”منهنجي دشمنن کي بيٽا ثواب ملندا ۽ اوهان کي هيڪوٽا. ڇو ته توهان کي فقط مون لاءِ حُسن ظني آهي. پر هنن کي نه فقط خدا جي وحدانيت جو خيال آهي، پر شريعت لاءِ پڻ عزت آهي.“ ماڻهن کي مٿس پٿرن جي وسڪاري ڪرڻ لاءِ چيو ويو ۽ اُنهن شرعي احڪامن جي بجا آوري ڪئي. پوءِ سندس هٿ ڪپيا ويا، پير ڪپيا ويا، اکيون ڪڍيون ويون. جڏهن سندس زبان ڪپڻ تي هئا، تڏهن پُڪار ڪري چيائين ته ”ڪجهه صبر ڪريو مون کي ڪجهه چوڻو آهي.“ پوءِ آسمان ڏانهن منهن ڪري چيائين ته ”يا خدا، هنن ايذائن ۾ عقوبتن جي صدقي هنن ماڻهن تي رحم ڪر. ڏس ته ڪيئن نه آئون هن سُوريءَ تي تنهنجو مشاهدو پيو ماڻيان.“ ان کانپوءِ سندس زبان وڍي ڦٽي ڪيائون ۽ آخر ۾ ڪيس سُوريءَ جو سينگار ڪيائون.

اورنگزيب جي دؤر ۾ سرمد کي هڪ ديني عدالت فتوي ڏيندي واجب القتل قرار ڏنو. مٿس الزام هو ته هُن جي هڪ رُباعيءَ مان معراج جي واقعي جو انڪار ثابت ٿئي ٿو. مُلي طرفان ڪيس سزا ٻُڌائڻ جي بئي ڏينهن تي هُن کي دهليءَ جي جامع مسجد جي سامهون قتل ڪرڻ لاءِ وٺي ويا. سرمد اُن وقت گد گد ٿي نظر آيو. شيخ اياز انهيءَ قصي کي ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي:

مُلان پنهنجي عمامي ۾
بيٺو ڏاڙهي نوچي،
سرمد ڇا تو سوچي.

جلاد جڏهن سرمد جو سِرُ قلم ڪرڻ لاءِ هن جي سامهون آيو ته هن مُرڪي (فارسيءَ ۾) چيو ته ”توتي گهور وڃان! اَچُ، اَچُ! تون جنهن به صورت ۾ اچين ٿو مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو.“ ۽ پوءِ هيٺيون شعر پڙهي، تلوار جي هيٺان پنهنجو ڪنڌ رکي ڇڏيائين:

”شور ٿيو ۽ مون عدم جي خواب مان اک کولي،
ڏٺم ته اڃا فتني جي رات باقي هئي، وري سُمهي پيس!“ (ترجمو)

شاهه عنايت شهيد کي اِن ڏوهه سبب ماريو ويو هو جو چون ٿا ته هُن هڪ جديد خيال پيش ڪيو هو: ”جو کيڙي، سو کائي!“

اسان جي پنهنجيءَ سانير ۾، ذوالفقار علي ڀُٽي نالي هڪ ”مجرم“ کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. مٿس ڪجهه الزام لڳايا ويا هئا. ڪيس پڻ سُوريءَ جو سينگار

ٻڌايو ويو هو. جڏهن هن کي قاسيءَ گهاٽ ڏانهن نيو پئي ويو، تڏهن سندس لبن تي هيءُ گيت هو: ”سهڻي ڌرتي الله رکي، قدم قدم آباد...“ هُن قاسيءَ جي ڦندي کي چُمي ڏيئي پنهنجي ڪنڌ ۾ وڌو ۽ مُرڪندي مُرڪندي تختي دار تي چڙهي ويو.

قاسيءَ واريءَ رات هُن خوُب گهري ننڊ ڪئي هئي. جڏهن ڪيس ڦاهي ڏيڻ لاءِ اگهور ننڊ مان جاڳايو ويو هو ته، هُن هڪدم چيو ته: ”منهنجي ڏاڙهي ناهڻ جو بندوبست ڪريو. مان پنهنجي محبوب سان ملڻ پيو وڃان. اُن کي خوبصورت شيون وڻنديون آهن. منهنجي چهري تي ڏاڙهي ڏسي متان فرشتا ڪٿي پلجي مون کي مُلو سمجهي ويهن ۽ مون سان مُلن وارو ورتاءُ ڪن!“

سچ وڏو ڏوهاري آ،
روز ازل کان پڪڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ،
ڪڏهين زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهين ڦاهيءَ چاڙهيو ويو آ،
تيل ڪڙهائيءَ ڪاڙهيو ويو آ،
گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آ،
چوٽيءَ تان اُڇلايو ويو آ،
ها پر پوءِ بہ انهيءَ جي ساڳي
رهندي آئي ريت اپاڳي!
جنهن جي مَنَ ۾ ڪات هڻي ٿو،
تنهن جو سارو چيڻ ڪٽي ٿو!

(اياز)

الزام لڳائيندڙن کي ٻئي ماڻهوءَ تي گند اُڇلائڻ کان اڳ پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائڻ گهرجي. هيءُ تہ هڪ اهڙو مثال ٿيو جنهن ۾ هڪ مينهن ڪنهن ڳئونءَ کي چيو: ”هل ڙي ڳئون هل، تنهنجو پُڇ ڪارو!“ ٻئي جي پڳ ۾ هٿ وجهڻ کان اڳ اهڙن ماڻهن کي اِها ڳالهہ چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ سندن پنهنجي پڳڙي پڻ ڏوڙ تي سگهي ٿي.

ڪالهہ منهنجو انڌو پاڙيسري،
سچ کي ٻُجو ڏيئي، چوڻ لڳو،
جيڪڏهن مان ڏسي نٿو سگهان،
تہ پوءِ تون چمڪين چو ٿو!

(اياز)

بهرحال، اسين علم دوست ماڻهو آهيون، تنهنڪري اسين اهو معاملو سنڌي عوام جي عدالت ۾ پيش ٿا ڪريون ۽ عوام تي ڇڏيون ٿا ته اُهي نياءُ ڪن. ڇاڪاڻ ته اسان جو انهيءَ اُصول ۾ پختو ويساهه آهي ته عوام ئي ڪُل مُختيار آهي. سنڌي عوام جو فرض بيهي ٿو ته اُهي سنڌ ۽ سنڌي سماج جي هُوڙهين، مت ماريلن ڪي عوامي ڪٽهڙي ۾ بيهاري، بنا رياءَ جي مٿن جرح ڪن. فيصلو عوام ڪي ڪرڻو آهي ته سنڌي سماج لاءِ هاڃيڪار ڪير آهي. سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌي عوام جي سيوا، هڪ بي لوث خادم وانگر ڪنهن ڪئي آهي؟ اسان پنهنجو امين سڄاڻ ۽ ساڃاهه وند سنڌي عوام ڪي چونديو آهي.

رڪارڊ جي دُرستگيءَ لاءِ پاڻ لڳل الزامن جي طويل فهرست مان چند اهم نوعيت جا الزام چونڊ ڪري، اُنهن جو جواب علمي انداز ۾ الڳ الڳ مضمونن جي صورت ۾ ڏيڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش ڪريون ٿا. مضمونن جي سٽا هن ريت آهي:

1ـ ارتقا جو نئون جنم.
2ـ جڙ-واد: هڪ انسان دوست سماجي نظريو.
3ـ ماڻهو جديد نظريا ڇو قبولين ٿا؟
4ـ تهذيبي، تمدني قدر ۽ مذهب.
5ـ سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي

# 1 _ارتقا جو نئون جنم

اها 1987ع جي گرمين جي ڳالھ آهي. آمريڪي سپريم ڪورٽ اندر ٻہ طبقا هڪٻئي جي آمهون سامهون هئا. هڪ طبقو پادرين جو هو ۽ ٻيو سائنسي سوچ رکندڙ. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جهڳڙو بہ عجيب نوعيت جو هو. يعني، ارتقا درست آهي يا تخليق! پادرين جو ٽولو جيڪو پاڻ کي تخليقي يا “فطري سائنس” جو حامي چورائي رهيو هو سو انهيءَ ڳالھ جي حق ۾ هو تہ. “اڄ کان چند هزار ورهيہ اڳ خدا تعاليٰ هيءَ ڌرتي تخليق ڪئي هئي ۽ انهيءَ تي حياتي پڻ.” جڏهن تہ ٻيو گروھ سائنسي سوچ رکندڙ هو ۽ ارتقا تي بحث ڪرڻ ٿي چاهيائين. اُن جي دعويٰ هئي تہ. “زمين ڪائنات جي درجي بدرجي وجودجڻ جي سلسلي ۾ ٺهي هئي. ۽ اُن تي حياتي وڏيڪ ارتقائي منزلون طئي ڪري, هاڻوڪيءَ شڪل ۾ ظاهر ٿي آهي.”

مقدمي جي ڪارروائيءَ دوران ٻنهي طبقن پنهنجا پنهنجا مؤقف پيش ڪيا. ٻنهي ڌرين پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڳالھ کي صحيح ۽ سچ ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏنا. ٻنهي ڌُرين کي ٻُڌڻ کانپوءِ عدالت عاليہ ٻن جي ڀيٽ ۾ ستن ووٽن جي اڪثريت سان ارتقا جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ گڏوگڏ اهو حڪم پڻ صادر فرمايو تہ. “جن پبلڪ اسڪولن ۾ ارتقائي سائنس پڙهائي وڃي ٿي, اُتي تخليقي نظريو نہ پڙهايو

وجي ۽ جتي ارتقائي سائنس نئي پڙهائي وجي، اُتي انهيءَ جي پڙهائيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي.“ يعني ڪائنات جي وجودجڻ جي سلسلي ۾ مذهب ۽ سائنس کي قطعي طور تي جدا جدا ڪيو ويو. انهيءَ فيصلي تي ارتقا جي حامين جي سرهائي هڪ فطري ڳالهه هئي. پٿرايل بوٽن (Fossils) بابت ڄاڻ رکندڙ جڳ مشهور ماهر اسٽيفن جي۔ گولڊ چيو ته ”کيل ختم ٿي چڪو ميدان هاڻي اسان جي هٿ ۾ آهي.“ هڪ ٻئي ماهر چيو ته، ”تخليقات جا حامي هاڻي اسڪولن ۾ ارتقا سان گڏ تخليق جي موضوع تي بحث ڪرڻ لاءِ اُستادن کي مجبور ڪري نه سگهندا.“

تخليقات جي حامين تي انهيءَ فيصلي جو ڪهڙو اثر ٿيو؟ اچو ته جائزو وٺون. اُنهن جي فاضل وڪيل پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته، ”تخليقات اجا مُئي نه آهي. اُها زنده آهي ۽ اُنهيءَ جي تدريس جا موقعا اجا به ايترائي روشن آهن، جيترا اڳي هئا.“ هڪ ٻئي حاميءَ چيو ته، ”اهو ته فقط ڪورٽ جو فيصلو آهي، اسين سُٽت ئي ٻيهر عدالت جو در کڙڪائينداسين، ۽ اسان کي پڪ آهي ته اُنهيءَ ڀيري اسين سُٺيءَ اڪثريت سان ڪيس کٽينداسون، ڇو ته ڪورٽ سڄوريءَ تخليقي نظريي تي پابندي فقط اسڪول لاءِ وڌي آهي ۽ ساڳ اُتي، جتي ارتقا جي تعليم ڏني وڃي ٿي، پر پبلشرن کي انهيءَ بابت ڪتاب ڇاپڻ کان جهليو نه ويو آهي. تخليقات جي پرچار تي بندش نه وڌي ويئي آهي. ارتقا جي هيءَ جيت محض وقتي آهي.“ جيڪي ماڻهو وچٿرا هئا، يعني نه ته ڪٽر مذهبي ۽ نه ئي ارتقا کي حرف آخر سمجهندڙ، تن جو رايو هو ته، ”انهيءَ فيصلي کان پوءِ اُستادن کي انهيءَ ڳالهه جو موقعو ملندو ته اُهي وڌ ۾ وڌ جديد نظرين ۽ علمي موضوعن کان پنهنجن شاگردن کي آگاهه ڪري سگهندا ۽ اهڙيءَ ريت آزادانه بحث مباحثي لاءِ هڪ نئون ميدان جُڙي پوندو.“ ڪيس ته خير پنهنجيءَ پڄاڻيءَ تي پهتو پر جهڳڙو نه نبريو. اچو ته ڏسون ته ان جي شروعات ڪيئن ٿي هئي؟

1925ع ۾ ارتقائي نظريي کي آمريڪا جي نصابي ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو ۽ اُتان ئي هن نظرياتي جهيڙي جي شروعات ٿي. هاڻي اچو ته هڪ نظر انهيءَ نظريي تي وجهون ۽ ڏسون ته انهيءَ ۾ آخر اُها ڪهڙي ڳالهه هئي، جيڪا جهڳڙي جو ڪارڻ بڻي؟

ارتقا جي لفظي معنيٰ آهي ”ڏاڪي به ڏاڪي قدرتي ترقي، واڌ يا اوسر“. انگريزيءَ ۾ ان کي Evolution چئبو آهي. هن نظريي موجب، ”هن ڌرتيءَ تي موجود سمورا ٻوٽا ۽ جانور هڪ ڊگهي ارتقائي عمل مان گذري موجوده حالت ۾ پهتا آهن. زندگيءَ جو

اوائلي روپ فقط هڪ سادو گهرڙو (Cell) آهي.” اهڙو نظريو سڀ کان پهرين هڪ فرانسيسي سائنسدان لامارڪ (1825_1745ع _ Lamarck) ”فلاسافيہ زولاجيڪا“ (Philosophia Zoolagica) نالي ڪتاب ۾ پيش ڪيو هو.

لامارڪ جو اهو نظريو اجا بہ ڪجھ ڪوتاهين ۽ خامين وارو هو پر پوءِ بہ اُنهيءَ تي گهٽي ڏي وٺ ٿي. آخرڪار انگريز سائنسدان چارلس ڊارون (1888_1809) پنهنجي وسيع مشاهدي ۽ عظيم الشان تحقيق کان پوءِ 1859ع ۾ پنهنجي جڳ مشهور تصنيف ”نسلن جو بُڻ _ بُنياد“ (The Origin of Species) نالي ڪتاب ۾ باقائدي طور اِهو خيال ڏنو تہ ”ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ ۾ ارتقا ٿي آهي.“ ڊارون (Darwin) پهريون پيرو چٽن لفظن ۾ انهيءَ خيال کي رد ڪري ڇڏيو تہ هيءَ دنيا ڪنهن مخصوص تخليق جو نتيجو آهي، يا هن ڪائنات ۽ اُن ۾ موجود سيني شين کي خلقيندڙ ڪائي مافوق الفطرت هستي (Metaphysical Entity) آهي. ڊارون تمام سادن لفظن ۾ چيو آهي تہ ”انسان سميت هن سنسار ۾ موجود هرهڪ شيءِ اُن ڊگهي ارتقائي عمل جو نتيجو آهي، جيڪو سنسار ۾ اول کان وٺي روان دوان آهي.“ هن چيو تہ ”انسان بہ اُن ارتقائي عمل ذريعي سادن جانورن منجهان ڦُٽي نڪتو آهي.“ اهو نظريو پادرين جي ڪئمپ تي جڻ تہ سائنسدانن پاران اُڇلايل بم ٿِي ڪريو. ڊارون جو اِهو انڪشاف مقدس انجيل جي ”خصوصي تخليق واري نظريي“ (The Theory of Special Creation) جي بلڪل اُبتڙ هو جنهن مذهبي حلقن ۾ جڻ تہ ممَڻ مچائي ڏنو. اها ڳالھ اشرف المخلوقات حضرت انسان جي شان ۾ گُستاخيءَ برابر هئي. ظاهر آهي تہ اهڙيءَ مهانُ، اوچي ۽ عاليشان هستيءَ جي شان ۾ ايڏي وڏي گُستاخي ڪيئن ٿي برداشت ٿي سگهي؟

سگمنڊ فرائڊ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ”تاريخَ ۾ سائنس هٿان، ٻہ دفعا مذهب جي رُسوائي ٿي آهي، پهريون پيرو اُن وقت جڏهن اِهو معلوم ٿيو تہ زمين ڪائنات جو مرڪز نہ پر ڪائناتي نظام ۾ رڳو هڪ ٽُبڪي مثل آهي. ۽ ٻيو پيرو اُن وقت جڏهن علم حياتيات (Biology) انسان کي سندس خصوصي تخليق جي وقار يا عظمت کان محروم ڪري، عالمَ حيوانات (Animal Kingdom) منجهان سندس ابتدا ڏانهن ڍِڪي ڇڏيو.“

سوئيڊن جي مشهور اسڪالر ۽ نباتاتي سائنسدان ڪئرولَس لينيئس (Carolus Linnaeus 1778_1707ع) پنهنجي جڳ مشهور تحقيقي ڪم ”عالم حيوانات جي درجي بندي“ ۾ انسان کي بہ شامل ڪيو ۽ کيس Homo

Sapiens جو نالو ڏنائين. اينگلس (Engels) پنهنجي ڪتاب ( Origin of Family, Private Property and State) ۾ لکيو آهي تہ، "انسانَ پاڻ ڪي پاڻ ئي انسانُ بڻايو آهي."

ڊارون جي انهيءَ مَتي (Theory) ظاهر ٿيڻ کان پوءِ پادرين ان سائنسي دريافت تي اعتراض ڪيا، الزام مڙهڻ شروع ڪيا ۽ هميشہ وانگي هن نئين سائنسي تخليق ۽ دريافت تي بہ ڪُفر جون فتوائون جاري ڪيون. سائنس خلاف اعلان جنگ ڪيو ويو! دراصل ارتقا جي متي ڪي مچڻ سان اُن آسماني ڏاهپ (Divine Intelligence) جي نفي پئي ٿي، جنهن موجب هر جاندار ڪي سندس خاص ماحول مطابق گهڙي ناهي موڪليو ويو هو. همراهہ ذاتياتي انا ( Species Egoism) جي ڪُوڙي شانَ ۽ احساس ۾ قاتل هئڻ ڪري، پنهنجي اکين تي انڌ ـ وشواسَ جي پٽي چاڙهي ويهي رهيا، ۽ حقيقت جي ڪؤڙي گوريءَ ڪي هضم ڪري نہ سگهيا. مسئلو ايڏو تہ ڳنڀير ۽ پنيت پڙڪائيندڙ ٿي پيو. جيڏو ڪُوپرنيڪس جي انهيءَ سائنسي انڪشاف (1543) تہ، "ڌرتي هن ڪائنات جو مرڪز ناهي، پر اُها تہ سورج منڊل جو هڪ ننڍڙو ۽ خسيس گرهہ آهي!" مهل ٿيو هو.

يونان جي تباهيءَ کانپوءِ رومي سلطنت وجود ۾ آئي تہ اُن تي پادرين جي گرفت مضبوط هئي. رومن ڪليسا جو ڏاڪو هر شيءِ تي ڄميل هو. اُن وقت ئي عيسائيت جي سکيا هيٺ "زندگيءَ جي خصوصي تخليق جو نظريو" دنيا کي ڏنو ويو. هن نظريي مطابق: "خدا تعاليٰ هيءَ ڪائنات فقط ڇهن ڏينهن ۾ جوڙي راس ڪئي. اُن ئي عرصي دوران هن ٻوٽن ۽ جانورن جون سموريون جنسون هڪ ئي سَٽَ ۾ تخليق ڪري ورتيون، ۽ ستين ڏينهن پاڻ وڃي آرام ڪيائين. اُن وقت کان وٺي اج ڏينهن تائين هيءَ ڪائنات ايئن ئي هلي رهي آهي، نہ ڪا انهيءَ ۾ بنيادي تبديلي آئي آهي ۽ نہ ئي ڪا وڌي ترقي. البت انهيءَ جي اصلوڪين حد کان ٻاهر جيڪي ڪجهہ تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سي درحقيقت سڀ شيطاني شعبدا آهن، جن کان پادرين جي بقول هر خدا پرست کي پناهہ جي دعا پنڻ گهرجي ۽ اُن کي مچڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص پادرين جي انهيءَ منطق خلاف ٻڙڪ بہ ٻاهر ٿي ڪيي تہ اُن کي "ڪافر"، "مُلحد"، "دهرئي"، "جادوگر" ۽ "بدعتي" جي لقبن سان نوازي، ڪيس ڪُهايو ٿي ويو.

ساڳيءَ طرح 1859ع ۾ ڊارون جي ڪتاب "نسلن جا بُڻ بُڻياد" ( The Origin of Species) ڇپجڻ کان پوءِ پادرين طرفان اُن تي واويلا مچائڻ جو

ڪارڻ بہ اهو ئي هو تہ اُهو ڪتاب پاڪ انجيل جي "خصوصي تخليق واري نظريي" سان مطابقت رکندڙ نہ هو. بس ڪن پل ۾ مَمَڻ مچي ويو. ڪکر ۾ جڻ تہ ڪڙو لڳي ويو. عيسائي ڪليسا گجڻ ۽ وسڻ لڳي. چوطرف ڪافر، مُلحد ۽ دهرئي جون فتوائون صادر ٿيڻ لڳيون. پريس، اخبارون، رسالا، سرڪاري ميڊيا وغيره سان گڏوگڏ ڪجهہ سائنسدانن پڻ ڊارون خلاف واويلا شروع ڪري ڏني. همراهہ جو گويا جيئڻ حرام ڪري ڏنائون.

ڊارون خلاف رجعت پرست حلقن طرفان هيڏي چِتي مخالفت ڪا نئين ۽ عجيب ڳالهہ ڪانہ هئي. دراصل اها جدلياتي تاريخ جي مخالفت جي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي، جيڪا تاريخ جي هر دؤر ۾ رجعت پرست طبقو روشن خيال ماڻهن خلاف ڪندو آيو آهي. عيسائي ڪليسا جتي گيارڊنو بُرونو (1600ـ 1570) کي انجيل جي سچائيءَ ۽ تقدس جي آڙ ۾ جيئرو جلائي ٿي سگهي، جتي گليلو کان "پاڪ انجيل" جي صداقت جي آڙ ۾ معافي، توبهہ ۽ گيسيون ڪرائي ٿي سگهي ۽ سندس ڪيل سائنسي تحقيق کي سندس ئي واتان ڪوڙو ۽ غلط چورائي ٿي سگهي، اُتي اُها جيڪڏهن ڊارون کي مقدس انجيل جي آڙ ۾ ڪافر، مُلحد ۽ دهريو چوي تہ اها ڪا عجب ۾ پوڻ جهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي ڪتاب "علم تحقيق" ۾ لکي ٿو تہ "ڪافرن ۽ مُنڪرن جي تاريخ پراڻي آهي ۽ سندن فهرست بہ ڊگهي آهي. تاريخ جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ سڀ کان پهريون مُنڪر ٽوليمي (Ptolemy) هو جنهن روايتن ۽ اُنهن جي راوين کان انڪار ڪندي ٻڌايو هو تہ "تارن جي چرپر جو سبب آسماني طاقتن جي مداخلت نہ آهي، پر اُهي رياضيءَ جون حقيقتون آهن." چارلس ڊارون انسان جي وجود ۽ نسلن جي واڌاري جي باري ۾ پاڻ کان اڳ وارن سيني ٻڌايل ۽ مڃيل راين کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ "ڪافراعظم" جو خطاب حاصل ڪيو." ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو تہ "غور سان ڏٺو ويندو تہ معلوم ٿيندو تہ جيڪي ماڻهو انقلابي هئا ۽ سچا انسان دوست هئا، اهي روايتن جا مڃيندڙ نہ پر منڪر هئا. ان ڪري انسان جي ڪنهن راءِ، اعتماد جي ڪنهن بہ سَنَدَ ۽ روايت جي ڪنهن بہ تقدس جا انڌا پوئلڳ ٿي نہ سگهيا ۽ ڪافر سڏيا ويا."

تخليقات جي حامين ۽ ارتقا جي مخالفن هميشہ کان اها ڄاڪوڙ پئي ڪئي آهي تہ ڪنهن بہ طرح سان ارتقائي نظرين کي جڙ کان اُکيڙي ڦٽو ڪجي، پر ڊارون، آلفريڊ رسيل ويلس (1913ـ1823ع) ۽ ٻين ڪيترن ئي ارتقائي ماهرن

طرفان پيش ڪيل زبردست ارتقائي ثبوتن، عوام کان ارتقا جو مُکيہ متو ڪاميابيءَ سان مڃرايو.

ارتقا جي مخالفن هرو ڀرو انهيءَ ڪي ذاتي انا جو مسئلو بڻايو ۽ دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان ڪهي، گڏجي، هڪ پليٽ فارم تي اچي مڙيا. 1935ع ۾ "رليجن ائنڊ سائنس- ائسوسيئيشن" (Religion and Science Association) جي نالي سان باضابطہ طور تي هُو پهريون ڀيرو هڪ متحده سطح تي گڏ ٿيا. اهو گروهہ پهريون "تخليقي سائنس گروپ" (Creative Science Group) هو. ان کان صرف ٽي سال پوءِ هڪ ٻيو گروهہ "ڪري ايشن ڊي لوگاس سوسائٽيءَ" ( Creation De Logos Society) جي نالي سان ميدان ۾ آيو جيتوڻيڪ انهن تنظيمن جا نالا سائنس سان لاڳاپيل هئا، پر پوءِ بہ هو الهام ۽ روحانيت ۽ اهڙن ٻين مذهبي قدرن يا علمن کي قابل قبول سمجهندا هئا ۽ مذهب کان علاوه هر شيءِ، مثال طور سائنس، ماديت ۽ جديديت کي "شيطاني قوتن جو ڪرشمو" سمجهندا هئا.

موقعي جي مناسبت سان آڳاٽي زماني جو اهڙو هڪ واقعو ياد اچي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ ڪجهہ مذهبي ڏاها انهيءَ معاملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا تہ گهوڙي جي وات ۾ ڪيترا ڏند ٿيندا آهن؟ بحث ۾ گرما گرمي ٿيندي ويئي، ڪنهن ڪجهہ چيو تہ ڪنهن ڪجهہ. ايتري ۾ هڪ نوجوان اُتان اچي لانگهائو ٿيو ۽ همراهن کي مُنجهيل ڏسي، معاملي جي نوعيت بابت ڪائنس پڇيائين، ۽ پوءِ صلاح ڏنائين تہ، "چو نہ گهوڙي جو وات کولي ڏند ڳڻي وٺجن؟ مسئلو پاڻهي نبري ويندو!" فلسفين جو اهو ٻُڌو تہ ڪين باهہ وٺي ويئي ۽ اُن نوجوان کي ماري ماري ادا-مُئو ڪري ڇڏيائون ۽ چوڻ لڳا تہ، "هن ڪافر کي تہ ڏسو مذهب ۽ فقہ کي ڇڏي شيطان جو عقلي رستو اختيار ڪيو اٿس!"

بهرحال، مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي گروهن پنهنجيءَ پر ۾ ارتقا خلاف ثبوت ڳولڻ شروع ڪيا. 1968ع ۾ ڪين سندن پيمانن ۾ ين ڪجهہ اهڙا ثبوت ملي ويا، جن جي آڌار تي سندن خيال موجب اُهي ارتقا کي غلط ثابت ڪري پئي سگهيا. آمريڪي سپريم ڪورٽ ۾ دعوي داخل ڪيائون تہ، "پبلڪ اسڪولن ۾ ڏني ويندڙ ارتقا جي تعليم غلط، غير قانوني ۽ مذهب خلاف آهي." عدالت ٻنهي ڌرين جا دليل ٻُڌا، ۽ سندن پاران پيش ڪيل ثبوتن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ کانپوءِ ارتقا جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو. ارتقا جي مخالفن طرفان پيش ڪيل شهادتون غير حقيقي، غير عقلي، غير سائنسي ۽ اڻ پوريون هيون ۽ ايئن سندن پهريون ڀرپور حملو زائل ٿي ويو.

انهيءَ فيصلي تخليقين جي سوچ ۾ وڏو ڦيرو آندو. پوءِ هنن لفظ ”سائنس“ کي وڏ ۾ وڏ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. نہ صرف ايترو پر انهيءَ کي يعني سائنس کي پنهنجي مطلب ۽ مفاد جو مفهوم ڏنائون. هر مذهبي ڳالهہ کي سائنسي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون ۽ هر سائنسي حقيقت کي مذهب جو لبادو پهرايائون. هُنن انهيءَ اٽڪل بازيءَ جو ڀرپور فائدو ورتو. همراهن مطالبو ڪرڻ شروع ڪيو تہ زمين جي تخليق بابت بائبل ۾ بيان ڪيل آکاڻيءَ کي سائنسي تعليم ۾ شامل ڪيو وڃي، مذهبي نظرين جو پرچار ارتقا سان گڏوگڏ ڪيو وڃي. وغيره وغيره. ۽ ٻيو ڀرپور وارُ اهو ڪيائون جو چيائون تہ ارتقائي متي ۾ پيش ڪيل سيئي ڪڙيون مڪمل طرح هڪبئي سان نهڪندڙ نہ آهن. بلڪ اُهي ٽٽل ڪڙيون آهن ۽ سائنسي بنيادن تي پورو نٿيون ٻيهن. انهيءَ پوئين ”دليل“ البت ارتقا جي حامين کي جهنجهوڙي وڌو ۽ همراهہ اڄ ڏينهن تائين انهيءَ سلسلي ۾ منجهيل پر ساڳئي وقت گم ٿيل ڪڙين کي ملائڻ لاءِ ڪوشش ۾ جُنبيل آهن ۽ ڀرپور طرح سان جاکوڙ ڪري رهيا آهن تہ انهيءَ ماهري جي تهہ تائين ڪيئن پهچجي. انهيءَ سلسلي ۾ هنن کوڙ سارا ثبوت ڳولي لڌا آهن. تازه ترين اطلاع آهن تہ ڪين اها وچايل ڪڙي ملي آهي، جا گذريل 30 جولاءِ 95ع تي بي بي سي ٽيليويزن تان هڪ خبر طور ٽيلي ڪاسٽ بہ ٿي هئي، تہ هڪ آمريڪي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر دعوي ڪئي تہ هُن ڏکڻ آفريڪا ۾ جوهانسبرگ ويجهو غارن ۾ هڪ 30 ملين (ٽي ڪروڙ) سال پراڻي انساني جسم جو پٿرايل بوتو (Fossil) لڌو آهي، جيڪو بن مانس (Ape) ۽ انسان جي وچ ۾ گهُربل ڪڙيءَ کي ملائي ٿو. انهيءَ پروفيسر دعوي ڪئي تہ هاڻي هو انهيءَ قابل ٿي ويو آهي تہ انساني ارتقا جي سيني ڪڙين کي سهيڙي مڪمل ڪري سگهي. اُن کان اڳ 29 جولاءِ 1994ع تي بي بي سي ريڊيو پنهنجي اردو سائنسي پروگرام ۾ ٻڌايو هو تہ ايٿوپيا مان 44 ملين سال پراڻي انسان جا پٿرايل بوتا مليا آهن. هن سلسلي ۾ ڏينهون ڏينهن اسان جي معلومات ۾ واڌ ايندي رهي ٿي ۽ نئين کوجنائن جون خبرون اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ ذريعي اسان تائين پهچنديون رهن ٿيون.

ڪجهہ سال اڳ برطانيا جي ارتقائي ماهر عورت، ايلين مارگن، وڏيءَ جاکوڙ ۽ تحقيق کان پوءِ انسان جي ارتقا بابت هڪ ڪتاب ”عورت جي پيدائش“ (Descent of Woman) لکيو آهي. سندس لکڻيءَ دليلن ۽ پيش ڪيل سائنسي حقيقتن ۾ وڏي صداقت نظر اچي ٿي. هُن انسان جي ارتقائي ڪهاڻيءَ جون گُم ٿيل ڪڙيون، سائنسي، حقيقي ۽ منطقي دليلن سان اهڙي نموني تہ ملايون

آهن. جو اُها ذري گهٽ مڪمل ٿي پئي آهي. سندس پيش ڪيل خيال وڌ ۾ وڌ معقول، منطقي ۽ حقيقت ۽ سائنس جي وڌيڪ ويجهو لڳن ٿا.

جين پال سارتري (Jean Paul Sartre) پنهنجي ڪتاب ( Being and Nothingness) ۾ لکي ٿو ته. "انسان جي عظمت انهيءَ راز ۾ لڪل آهي ته هو نامڪمل آهي ۽ پنهنجي نامڪمل هئڻ جو شعور به رکي ٿو. اها ئي ڳالهه کيس مجبور ڪري ٿي ته هو مستقل طور تي پنهنجي تڪميل جي جدوجهد ۾ پنهنجي عقل پسند تحقيق جاري رکي ٿو."

خصوصي تخليق واري نظريي جا حامي دعوي ڪن ٿا ته ڌرتي 6000 کان 7000 ق.م ورهيه پراڻي آهي ۽ جڏهن زمين پيدا ڪئي وئي ته اُن تي مڙني قسمن جي مخلوقات پڻ جيئن جي تيئن ۽ ساڳئي وقت موجود هئي، ٻوٽا، وڻ، گل، ميوا، درياهه، آبشار، سمنڊ، جبل، ميدان، انسان، حيوان، پکي پکڻ ۽ جيت جڻيا وغيره سڀ انهيءَ ساڳيءَ حالت ۾ هئا، جيئن اُهي اڄ آهن. انهن ۾ ڪوبه ارتقائي عمل نه ٿيو آهي. ايتريءَ مدت تائين رسڻ جي باوجود وٽن سڄيءَ پنهنجيءَ تخليق واريءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوبه ٺوس ثبوت نه هو جيڪو هُو پيش ڪري سگهن.

1650ع ۾ آئرلنڊ جي آرچ بشپ جيمز اُشر (James Usher) ڊاڪٽر لائٽ فُوٽ (Dr John Light Foot) جيڪو ڪيمبرج يونيورسٽي، انگلنڊ، جو وائس چانسلر به رهي چڪو آهي، تنهن چيو ته. "هن ڌرتيءَ تي پهريون انسان جولين ڪئلينڊر موجب 4004 سال اڳ 23 آڪٽوبر صبح جو نائين بجي، جمعي جي ڏينهن مِسُو پوٽيما (عراق) ۾ جائو هو." جمعي جي ڏينهن تي سندس زور انهي ڪري هو ڇاڪاڻ ته عيسائي عقيدي موجب هيءَ ڪائنات جوڙڻ کان پوءِ ستين ڏينهن يعني ڇنڇر جي ڏينهن خدا تعاليٰ آرام ڪيو هو. اُن ڏينهن ڪابه تخليق نه ڪئي هئائين، ڇو ته ڇهن ڏينهن ۾ ڪائنات مڪمل طرح سان تخليق ٿي چڪي هئي ۽ انسان انهيءَ سلسلي جي آخري تخليق هئي.

انگلستان جي آرچ بشپ سينٽ آگسٽين (St: Augustine) ڇهين صديءَ عيسوي ۾ پنهنجي ڪتاب "خدا جو گهر" ۾ ڪائنات جي پيدائش جو عرصو پنج هزار ورهيه قبل مسيح طئي ڪيو هو. جڏهن ڪائنس ڪنهن پڇيو ته. "جيڪڏهن ڪائنات جي تخليق فقط پنج هزار سال پراڻي آهي ته پوءِ خدا تعاليٰ جيڪو هميشه کان موجود آهي، ڪائنات ناهڻ کان اڳ ۾ ڇا ڪري رهيو هو؟" انهيءَ جي جواب ۾ هن وراڻيو ته. "وقت ڪائنات جي صفت آهي، تنهن ڪري اُن جي تخليق

ڪان اڳ وقت جو وجود ئي نہ هو. خدا تعاليٰ انهيءَ عرصي ۾ تو جهڙن منافق ماڻهن لاءِ، جيڪي اهڙي قسم جا گستاخانہ سوال ڪن ٿا، جهنم ٺاهي رهيو هو.“

سي اي ايم جوڊس تخليقي نظريي بابت لکي ٿو تہ، ”اڄ انهيءَ نظريي کي پنهنجي موجوده شڪل ۾ قبول ڪرڻ ڪان جيڪا شيءِ جهلي ٿي، سا آهي هميشہ ڪان وٺي موجود رهندڙ اها شهادت تہ في الحقيقت ڪيترين ئي جنسون پنهنجي جسماني بناوت جي حد تائين، پنهنجي ئي طرح جي ڪيترين ئي جنسن ڪان درجي- وار ارتقا ڪري وجود ۾ آيون.“

ارتقا جا حامي انهيءَ سلسلي ۾ چون ٿا تہ مختلف قسم جي مخلوقات جا هٿ آيل انيڪ پٿرايل ڍانچا (Fossils) لڳاتار بدلجندڙ دنيا، زمين، بدلجندڙ موسم، زمين اندر لڪل ڪوئلي، تيل ۽ گئس جا ذخيرا، ٻي معدنيات، ڌاتو وغيره، اهي سڀئي محض چند هزار سالن جا نٿا ٿي سگهن. انهن لاءِ اربين سالن جو عرصو گهربل آهي. بائبل جي ڳالهہ ڪڏهن بہ سائنس نٿي ٿي سگهي، ڇو تہ سائنس رڳو عقيدي بجاءِ ٺوس حقيقتن ۽ تجربن تي ٻڌل علم آهي. اهو انساني شعور جي ٻاک ڦُٽڻ ڪان وٺي هيل تائين جي انيڪ ڏاهن ۽ ڪاهوڙين جي ڪيل مشاهدن ۽ تجربن جو نچوڙ آهي، اُها ڪنهن واحد فرد جي ڪاوش جو نتيجو ڪونهي پر انهيءَ ۾ هر ڳالهہ کي عقل، شعور ۽ تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويجي ٿو. جيڪڏهن بائبل جي ڳالهہ کي مڃجي بہ ڪٽي، تہ بہ انهيءَ سان مسئلو حل نہ ٿو ٿئي، اٿلو نوان مسئلا اُٿي ٿا پون. سائنس جي ڪيل تحقيقن ۽ تجربن کي رڳو عقيدي جي بنياد تي رد نٿو ڪري سگهجي، بلڪ تحقيقن ۽ تجربن تہ مُرڳو عقيدي جي بنياد تي ٻڌل ڪيترين ئي ڳالهين کي نسورو ڪوڙ ثابت ڪيو آهي. هونئن بہ سائنس ڪنهن بہ ڳالهہ کي حرف آخر نٿي سمجهي، اُن ۾ ترميم جي گنجائش بهرحال موجود آهي. تجربن جي آڌار تي سائنس اڄ جي اٽڪل ڳالهہ کي سياڻ پورو بيان ڪري سگهي ٿي، ۽ اڄ جو سچ سڀاڻ ڪوڙ بہ ثابت ٿي سگهي ٿو. سائنس ڪنهن ڳالهہ کي انا جو مسئلو بنائڻ يا ڪفر جون فتوائون جاري ڪرڻ بدران صحيح مشاهدي ۽ تجربي جي مدد سان ترقيءَ جي راهن تي ثابت قدميءَ سان گامزن آهي، علم جي دائري کي وسعت ڏيئي رهي آهي، حياتيءَ ۽ ڪائنات کي نوان رنگ ۽ ڍنگ ڏيڻ سان گڏوگڏ انساني زندگيءَ کي پڻ بدلائي ۽ رچائي رهي آهي.

تخليقات جا حامي جيڪڏهن ٿورو بہ حقيقت پسنديءَ ڪان ڪم وٺن ها ۽ عقلي بنيادن تي معاملي جي تهہ تائين پهچڻ جي جستجو ڪن ها، تہ هوند اهڙي ڳنڀير صورتحال پيدا ٿئي ئي نہ ها! پر اُنهن هر پيري اُها ئي ٻاراڻي روش اختيار

ڪئي ۽ ڪٽرپڻي جو سهارو ورتائون. ضد ڪري ويهي رهيا ته، "بائبل صرف ۽ صرف سچو سچ آهي ۽ اُنهيءَ تي تنقيد نٿي ڪري سگهجي. اُنهيءَ ۾ جيڪو ڪجهه به لکيل آهي، تنهن کي اکيون پوري، بنا چُون چرا جي مڃڻ گهرجي. بائبل خدا جو مقدس ڪلام آهي ۽ تنهنڪري هر قسم جي تنقيد کان بالاتر آهي."

پادرين انهيءَ سوچ کي "نئين سائنس" جو نالو ڏنو ۽ ماڻهن لاءِ فتويٰ جاري ڪيائون ته، "بائبل کي لفظ به لفظ سچ مڃيو وڃي، سڀني ڳالهين، لقائن، معروضي حقيقتن کي انهيءَ ئي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي." جيڪڏهن ڪائي ڳالهه يا مسئلو سائنسي نقطي نظر کان ڪٽي صحيح چو نه هجي پر اُن جو ذڪر بائبل ۾ نه آهي، ته سندن مؤقف هو ته، "اُها صحيح ڳالهه وڃي جهنم ۾ پوي- اسان جو انهيءَ سان ڪهڙو واسطو!"

جواهر لال نهرو انهيءَ معاملي کي هيئن ٿو بيان ڪري ته، "قديم زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪجهه ماڻهو ڪائنات بابت عجيب ۽ غريب قسم جا شوشا اُڀاريندا رهندا آيا آهن ته جيئن موجوده انفرادي ۽ اجتماعي سماجي مسئلن کان عام ماڻهن جو ڌيان هٽايو وڃي ۽ جڏهن اُهي ڪائنات جي اهڙي اُلجهيل ڳُتيءَ کي سُلجهائڻ ۾ ناڪام ٿين، تڏهن مايوس ٿي بي عملي ۽ آرام پسنديءَ ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن يا پنهنجي تسڪين لاءِ ڪوئي الهامي عقيدو اختيار ڪري وٺن ٿا. اِن ريت انسانُ عقلي ۽ علمي سوچ ترڪ ڪري بي عقليءَ، توهم پرستيءَ، نامعقول ۽ غير منصفاڻي تعصب جي اوڙاهه ۾ وڃي پناهه وٺي ٿو."

پنهنجي عظيم تصنيف "ڊسڪوري آف انڊيا" ۾ جواهر لال نهرو لکي ٿو ته، "جڏهن آئون هن وشال ڪائنات تي نظر وجهان ٿو ته مون کي اڪثر پُراسرار راز ۽ اڻجاتل گهراين جو احساس ٿئي ٿو. دل بي اختيار چاهي ٿي ته جيستائين ٿي سگهي، اُنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان ۽ اُنهن اسرارن کان واقفيت حاصل ڪريان. اُن وقت انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجي اڳيان فقط هڪ ئي رستو هوندو آهي ۽ اُهو آهي، سائنس جو طريقو."

ڪئليفورنيا رياست جي علائقي سانٽي ۾ تخليق جي حامين "انسٽيٽيوٽ فار ڪري ايشن ريسرچ" (Institute For Creation Research) نالي هڪ ادارو برپا ڪيو آهي، جيڪو ڪرسچن هيريٽيج ڪاليج سان لاڳاپيل آهي. هن اداري ۾ لائبريري، عجائب گهر وغيره به آهن، جتي تخليقات جا نوان ۽ پراڻا حامي اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ تربيت حاصل ڪندا آهن. هيءُ ادارو پڙهڻ پڙهائڻ، لکڻ، بحث مباحثا ڪرائڻ، نوان ميمبر ناهڻ کان علاوه باربادوس، ميڪسيڪو ۽ ڪوريا جهڙن

ڏورانهن علائقن ڏانهن مشنري (تبليغي) پروگرام ترتيب ڏيڻ جهڙن ڪمن ۾ لڳل آهي. انهيءَ اداري (I.C.R) جا باني ۽ هلائيندڙ هينري مورس ۽ ڊيوان گُش آهن. ٻئي اعليٰ تعليم يافته هئڻ جي باوجود ارتقا جي نظريي جا سخت مخالف آهن. گش جو مؤقف آهي ته، "جيڪڏهن ارتقا واقعي ٿي به آهي، ته پوءِ يقيناً اُها ڪجهه عرصي لاءِ ٿي هوندي ۽ پوءِ بس! ان هوندي به جيڪڏهن جديد ارتقا جا حامي نوس ثبوتن سان انسان ۽ بن مانس (Ape) جي وچ واريون ڪڙيون مڪمل ڪري مون کي آڻي ڏين ته جيڪر آئون ارتقا جي حمايت ڪرڻ ۾ دير نه ڪندس." گُش کان جڏهن تخليقات بابت ثبوت طلب ڪيا ويا ته هُن اِهو چئي معاملي کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي ته، "اسين ته فقط انهن ڳالهين جي وضاحت ڪريون ٿا جيڪي هُو (يعني سائنس جا حامي) ڪري رهيا آهن. پر اُنهن حقيقتن کي استعمال ڪريون ٿا، جيڪي ارتقا کي اڻ ٿيڻي ڳالهه ثابت ڪرڻ ۾ مددگار هجن ٿيون."

گُش ۽ سندس ساٿي مورس جي سڀ کان وڏي خامي اها آهي ته هُو ڪٽرپڻي جا عقلمند شڪار آهن. جنهنڪري عقيدي کي گهڻو ويجهو ۽ عقل کان گهڻو دور نڪري ويا آهن. ارتقا جي نظريي جي حق ۾ لڳي پئي وري اها عقل جي ڳالهه اٿل ۽ اڏول اچي ٿي بيهي ته جيڪڏهن اُن کي في الحال ڪٽي غلط به مڃجي پر پوءِ به سائنس ۾ گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ ڳالهه جي گنجائش موجود آهي ته نون حقيقتن جي روشنيءَ پٽاندر پُراڻن نظرين کي سُڌاري، ترميم ڪري ۽ بدلائي به سگهجي ٿو. جيئن اُهي عقل جي وڌيڪ ويجهو اچن!

جيرالڊ آر ڊسما آءِ سي آر جو نئون رُڪن آهي. هُن ٽورنٽو مان ڊاڪٽريٽ جي سَنَد حاصل ڪئي آهي. هن جي اچڻ سان آءِ سي آر جي مؤقف ۾ اِها نواڻ آئي آهي ته چو نه بائبل ۾ ذڪر ڪيل واقعن تي "مُستند" کوجنا شروع ڪجي؟ جيرالڊ آر ڊسما پاڻ حضرت آدم عليه السلام ۽ بيبي حوا کي آسمانن مان هيٺ اُڇلائڻ واري واقعي جي شهادت هٿ ڪرڻ جي ڳولا ۾ آهي. هُو چوي ٿو ته، "عين ممڪن آهي ته حضرت آدم ۽ بيبي حوا کي جنت مان ايئن اُڇلايو ويو هجي جو اُهي ڦهڪي سان هيٺ ڪريا ئي نه هجن! ايئن به ٿي سگهي ٿو ته کين تمام آهستي آهستي زمين تي لاٿو ويو هجي!" انساني ارتقا بابت هن جو چوڻ آهي ته، "اسين انساني موجودگيءَ لاءِ ايڏي ساري ڊگهي آڪاڻي چو ويهي گهڙيون ته ماڪيءَ جي مکين جي راڻيءَ، جنهن پنهنجي پيءُ کي قتل ڪيو هڪ مڇيءَ کي جنم ڏنو ۽ پوءِ اُها مڇي خود به هڪ انساني ٻچي کي جنم ڏيئي مري ويئي!"

آءِ سي آر جي باني هينري مورس جو پٽ جون مورس حضرت نوح عليہ السلام واري طوفان جا آثار ڳولي لهڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي. هُو انهيءَ سلسلي ۾ ٽيڪساس ۽ ارارات جبل وغيره جهڙن مختلف علائقن ۾ ويو ۽ حضرت نوح جي ٻيڙيءَ جا نشان ڳولياڻين. هن کي هڪ قديم پير جا نشان مليا، جنهن بابت سندس دعوي آهي تہ اُهو نشان ثابت ڪندو تہ ڪنهن جُڳ ۾ انسان ۽ اجگر حيوانُ جن کي ڊائناسار چئون ٿا، هڪ ئي وقت ڌرتي زمين تي موجود هئا! مورس کان علاوه ٻين انيڪ کاهوڙين نُوح عہ جي طوفان ۽ ٻيڙيءَ بابت کوجنا ڪئي آهي. ڪن ماڻهن وري "عدن جي باغ" جي ڳولا ۾ ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ڪڙڇ لتاڙي آهي ۽ ڪيئي خيالي مفروضا پيش ڪيا اٿن. معاملو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڳنڀير ٿيندو ويو نيٺ، 1987ع ۾ انهيءَ ڊگهي نظرياتي جنگ جو نبيرو آمريڪي سپريم ڪورٽ ارتقا جي حق ۾ فيصلو ڏيئي ڪيو ! هارائيندڙ ڌُر انهيءَ فيصلي کي دل سان نہ مڃيو آهي ۽ اڃا تائين پنهنجي عقيدائي رَوش تي بيٺل آهي. ڪورٽ جي آڏو سندن شڪست جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ بہ اهو ئي هو جو اُهي تحقيق کان وڌ عقيدي جا قائل هئا. پنهنجن خيالن بابت نوس ۽ جامع حقيقتون ۽ شهادتون گڏ ڪرڻ بدران هُنن پنهنجي سڄي توانائي ارتقا کي غير سائنسي ثابت ڪرڻ تي ضايع ڪئي. ان جي مقابلي ۾ ارتقا جي حامين پنهنجي ڪيس جو دفاع مضبوط حقيقتن جي بنياد تي ڪيو. سندن پيش ڪيل شهادتون عقلي بنيادن تي ٻڌل هيون ۽ سائنسي معيارن ۽ ماپن تي پوريون بيٺيون ٿي. اڃا بہ تخليق جا حامي پنهنجي موجوده ٻاراڻيءَ سوچ کي ترڪ ڪري، حقيقت پسنديءَ ڏانهن ڌيانُ ڏين، تہ جيڪر اُهي ٽُرت ئي اُنهيءَ عالم آشڪار حقيقت کي سمجهي ۽ مڃي وٺندا تہ "ارتقا جو عمل اڏول، مادي قانون پٽاندر مسلسل جاري ۽ ساري آهي."

هاڻي اچو تہ ڏسون ۽ انهيءَ ڳالهہ جو ٿورو وڌيڪ جائزو وٺون تہ ارتقا جي نظريي جي ڪاميابيءَ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا:

ڊارون پنهنجو نظريو ڪنهن الهامي ڪتاب جي بنياد تي قائم ڪونہ ڪيو هو ۽ نہ ئي ڪنهن از غيبي قوت جي آشيرواد جو سهارو ورتو هئائين، پر هُن تہ هڪ ئي ڌَڪ ۾ ٻنهي جي وجود کان انڪار ڪيو هو. هُن روايتي ۽ دقيانوسي خيالن کي ٺڏي، پنهنجي سوچ کي سائنس جي اٽل اُصولن پٽاندر ترتيب ڏنو. هن پنهنجي نظريي جوڙڻ ۾ ٽيهہ سالن جو ذاتي مشاهدو ۽ تجربو شامل ڪيو هو. هُن دنيا جي مختلف ڪنڊن جي مختلف ملڪن جو دورو ڪيو هو. جهنگ ۽ جبل جهاڳيا هئا، سمونڊ لتاڙيا هئا، ميدانن، بيابانن ۽ ريگستانن جي خاڪ ڦلهوري هئي، ڀانت ڀانت جا ٻوٽا،

وڻ، انسان، حيوان وغيره پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ آندا هئا. هن علم حياتيات، علم حيوانات، ارضيات، اٿاناٽامي، فزيالاجي، ايمبريالاجي، پتراپل بوتن جو علم يعني پئلينٽالاجي ۽ انسانن متعلق علم يعني ائنٿراپالاجي پڙهيا هئا. اُنهن تي تمام سُٺي دسترس رکندو هو ۽ اُنهن ئي سائنس جي آڌار تي هُن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي ۾ آندل جانورن جو تقابلي ابياسَ (Comparative Studies) ڪيا هئا ۽ اُن سڄي پنهنجي ابياس کي بنياد بڻائي، جاندارن ۾ هڪجهڙاين ۽ اختلافن کي جاچيو ۽ پرکيو اُنهن جي مختلف حياتياتي عملن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ اُنهن مان حاصل ڪيل مڙني نتيجن کي سهيڙي هڪ نظريي جي روپ ۾ دنيا آڏو پڌرو ڪيائين، جنهن کي اسين سڀئي "ارتقا" جي نالي سان ڄاڻون ٿا.

ڊارون سڀني شهادتن، مُشاهدن ۽ گڏ ڪيل معلومات کي وڏي احتياط، دانشمنديءَ ۽ سليقي منديءَ سان ترتيب ڏنو ۽ اُنهن جي خوب ڇنڊ ڇاڻ ڪيائين. پنهنجي ڦُوهه جوانيءَ جا پنج سال لڳاتار، ڏينهن ۽ راتيون جيءَ جوکي ۾ وجهي، "بيگل" نالي بحري جهاز جي تختي تي هڪ "حياتياتي ماهر" جي حيثيت سان گذاريائين. انهيءَ طويل ساموندي سفر ۾ کوجنا دوران کيس جيڪي بہ ننڍا وڏا حياتياتي اُهڃاڻ ۽ نشان مليا تن جو پنهنجين اکين سان مشاهدو ڪيائين، اُهي گڏ ڪيائين، روزنامچا ترتيب ڏنائين ۽ حاصل ٿيل نتيجن کي اُٿلائي پُٿلائي ڏٺائين. اُنهن جي مختلف پهلوئن جو جائزو ورتائين ۽ اُنهن بابت سوچ ويچار ڪيائين.

ڊارون جي پرورش سائنسي ماحول ۾ ٿي هئي، سندس پيءُ هڪ مڃيل ڊاڪٽر هو. سندس ڏاڏي ارسمس ڊارون ارتقا جي تشريح ۾ هڪ سالُ مقالو لکيو هو جنهن جو مٿس ڳُوڙهو اثر هو. تنهنڪري ارتقا هُن لاءِ ڪا نئين شيءِ نہ هئي، البت هُو انهيءَ جي تَهہ تائين پهچڻ لاءِ ماندو هو. انهيءَ کان علاوه هُو هِنَ ڪائنات ۽ اُن ۾ حياتيءَ بابت مذهبي سوچ کان پڻ پليءَ پت واقف هو. هُن حياتيءَ جي ابتدا بابت انيڪ ڏاهن جا خيال ۽ سوچون پنهنجي ابياس جو محور بڻايون هيون. هُو سقراط (Socrates, Circa469_399 B.c) بُقراط، اِنڪسماندر (Anaximander)، ارسطو (Aristotle, 384_322 B.c)، ايپي ڪيورس ( Epicurus, 341_270 B.c)، پٿا گورس (Phytha Goras)، لوڪريشس (Lucretus, 95_51 B.c) کان وٺي وليم هاروي (William Haryey 1578_1657)، ايڊورڊ ٽائسن (Adward Tyson) تائين ۽ ڪلڊيس گيلين ( Cladius Galen Circa 200_130 B.c)، ليوناردو ـڊا ـونچي (Leonardo_da_Vinci)، شوڪر

(Andreas Vesallus 1514_1564) آندري ويزيلس (N.Hart Soecker)، ۽ لامارڪ (Lamarck) تائين وارن فلاسافرن، ڏاهن، اسڪالرن ۽ سائنسدانن جي خيالن، سوچن، نظرين، مشاهدن ۽ تجربن بابت وِشال آگاهي رکندو هو.

هِن ڪائنات ۽ اُن تي حياتيءَ جي وجود بابت خيال ۽ نظريا تہ انساني شعور جي باک ڦُٽڻ سان ئي دنيا آڏو پيش ٿيندا رهيا آهن. ارتقا تي بہ هزارين ڏاهن پنهنجي ڏاهپ جا جوهر ڏيکاريا آهن. پر ڊارون سيني کان گوءِ کٽي ويو. هُن هر ڳالهہ مادي بنيادن تي، تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ پيش ڪئي. هُن ارتقا جي عمل کي ثابت ڪرڻ لاءِ مُشاهدن، تجربن ۽ ثبوتن جو تمام جهجهو ۽ قيمتي مواد ڪٺو ڪيو جنهن مان سندس ورتل/ اخذ ڪيل نتيجا وڏيڪ منطقي ۽ سائنسي هئا.

ڊارون جي پيش ڪيل متي جي عوام طرفان مجتا جو اندازو انهيءَ ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 24 نومبر 1859ع تي سندس ڪتاب "نسلن جا بُڻ بُنياد" جيئن ئي مارڪيٽ ۾ آيو اُن جو پهريون ايڊيشن پهرئين ئي ڏينهن ختم ٿي ويو. ٻيو ايڊيشن ڇاپجڻ کان اڳواٽ ئي سُوٽجي (Book ٿي) ويو. ڊارون جي پنهنجي حياتيءَ ۾ انهيءَ ڪتاب جا ڇهہ ڇاپا (Editions) ڇپجي چڪا هئا، جيڪي هٿو هٿ وڪامجي ويا. اڄ انهيءَ ڪتاب جو ٽيهن (30) کان بہ وڌيڪ بين الاقوامي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

ٿامس هڪسلي (T.H.Huxley, 1825_1895) ڊارون جو اهو ڪتاب پڙهي چيو تہ "اسين ڪيڏا نہ احمق هئاسون، اهو خيال اسان کي پهرين ڇو نہ آيو؟"

ڪارل مارڪس (K.Marx) 1861ع ۾ لاسالي (Lassalle) ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ لکيو تہ "ڊارون جو اهو ڪتاب تمام اهم آهي ۽ تاريخ ۾ طبقاتي جدوجهد جي حوالي سان هِن ڪتاب منهنجي لاءِ هڪ قدرتي ۽ سائنسي بنياد فراهم ڪيو آهي."

ڊارون 1860ع ۾ لکيل هڪ خط ۾ پنهنجي نظريي بابت هن ريت اظهار ڪيو آهي: "سيني ماڻهن کي حق آهي تہ اُهي انسان جي تخليق کي ڪنهن هستيءَ جو ڪرشمو ڪري مڃين، مون کي اُنهيءَ جي پرواهہ ناهي، پر منهنجي نظريي کي يڪسر رد ڪرڻ سرار بدنيتي ٿيندي."

1871ع ۾ ڊارون جو هڪ ٻيو ڪتاب "انسان جي پيدائش" (Descent of Man) ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ هُن انسان جي بُڻ بُنياد ۽ ارتقا تي روشني وڌي آهي.

تاريخ جي بين اَٽل سچن وانگر دائمي ۽ آخري فتح بہ هن سچ جي ٿي. ڊارون جي دريافت ڪيل نظريي کي اڄ هن دنيا جو هر باشعور ماڻهو پڙهيل ڳڙهيل طبقو مڃي ٿو. ائين اڄ حياتياتي دنيا جي ارتقا سميت انسان جي ارتقا کي تسليم ڪيو وڃي ٿو. خود ڪي مذهبي عالم سڳورا پڻ هاڻي ارتقا جي نظريي جي سچائيءَ کان

متاثر ٿي اُن کي مڃين ٿا. ايتري قدر جو پنهنجن مقدس ڪتابن منجهان ارتقا کي ثابت ڪرڻ لاءِ دليل پيش ٿا ڪن.

هندن جا "اُپنيشد" انهيءَ سلسلي ۾ اهم بُنياد فراهم ڪن ٿا. ڪيترائي پنڊت ۽ مذهبي پيشوا اها هام هڻندي ڏکجن ئي نٿا ته "ويد" ۽ "اُپنيشد" ئي اُهي ماخذ آهن، جتان سائنس ڦُٽي نڪتي آهي. "تيتريہ اُپنيشد" ۽ "منداڪا اُپنيشد" ته حياتيءَ جي ابتدا بابت ڪنهن "ڀڳوان" يا ڪنهن ازغيبي قوت کي اُن جو تخليق ڪندڙ جوڙيندڙ ۽ سنڀاليندڙ نٿا سمجهن. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسجي ڪي- دامودرن K. Damodaran جو لکيل ڪتاب Man and Society in Indian Society, 1970).

ارتقا گذريل ڪن صدين کان هن دنيا متعلق انساني ذڪر لاءِ سڀ کان وڏو انقلابي تصور رهيو آهي. ڪائنات، دنيا، ڌرتي، حيوانات، نباتات، انسانَ ۽ انساني معاشري بابت ارتقا ۽ تبديليءَ جو متو فقط ڊارون جي ڪتاب "نسلن جا بُڻ بُنياد" جي ڇنڊ ڇاڻ سان ظاهر ڪونہ ٿيو آهي، پر اهو اُنهن سمورن مُفڪرن، دانشورن، عالمن ۽ سائنسدانن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هو جن پنهنجن نظرين ۾ سوچن کي پکيڙڻ شروع ڪيو هو. ڊارون جو ارتقائي نظريو ان سلسلي جي آخري، مضبوط ڪڙي ۽ ارتقائي نظريي جو سائنسي معراج هو. فرينچ ڏاهي جارج بفن ( George Buffon) کان وٺي جرمنيءَ جي جي-اي ليسنگ (J.E.Lessing) تائين، هرڊر کان وٺي هيگل تائين، فيوئرباخ کان وٺي مارڪس تائين ڪائنات، زندگي، انسان ۽ سماج متعلق هي ارتقائي تصور مختلف ٻوليءَ ۽ بيان جي صورت ۾ پيش ٿيو آهي. ڊارون انهيءَ کي پختو ۽ بقادار رُوپ ڏنو. نوان نوان کاهوڙي کوجنائون ڪندا رهندا ۽ پنهنجي عقل، شعور، مُشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي انهيءَ ۾ چار چنڊ لڳائيندا رهيا.

شايد ڊارون، اياز جي هنن لفظن ۾ پنهنجي آدرش جي پورڻتا ماڻي:

مرنداسين تہ مٽيءَ مان پنهنجي،
جڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متوارا ايندا،
هڻندا تن جي هام.

---

مرنداسين تہ مٽيءَ مان پنهنجي،
ملندو هيءُ ماناڻ،
ڪَتيون اسان جي ڪچ ۾ هونديون،
چنڊ اسان سان ساڻ.

## 2_ جڙ_واد: هڪ انسان دوست سماجي نظريو

اخلاقيات جا بنيادي اُصول_ همدردي، سخاوت، ٻئي انسان لاءِ فقط اِن صورت ۾ ئي عمل جوڳا ٿي سگهن ٿا، جڏهن ماڻهو دُنيوي ۽ انساني قدرن ڏانهن لاڙو رکندڙ هجن. ڏٺو وڃي تہ اهڙن عملن ۾ الاهي رضا حاصل ڪرڻ هرو ڀرو ضروري بہ ڪانهي. جيئن متي ذڪر ڪيل ڊرامي جو ليکڪ ڄاڻائي ٿو ڇا ماڻهوءَ کي ڏڍُ ڏيڻ واسطي ڪنهن مذهب جو هجڻ ضروري آهي؟ ۽ ڇا ماڻهن سان سماجي لڳ لاڳاپا قائم رکڻ لاءِ وچ ۾ ڪنهن اِلاهياتي وجود جو هجڻ ضروري آهي؟ ظاهر آهي تہ اهڙن سوالن جا جواب نفيءَ ۾ ئي ڏئي سگهجن ٿا، ڇاڪاڻ تہ سماجي لڳ لاڳاپا انسانن کان باهمي تعلقات ۽ تعاون جي تقاضا ڪن ٿا. جڏهن تہ مذهب مختلف قسم جي ذهني مزاج رکندڙ ماڻهن سان لڳ لاڳاپا رکڻ خلاف ڪين شڪ شُبهي ۾ مبتلا ڪندا رهندا آهن. پورڙن ۽ ساده لوح ماڻهن کي ابديت ۽ بهشتي نجات جي نالي ۾ ڇني هڪٻئي کان ڌار ۽ هڪٻئي جي مد مقابل، برسرپيڪار ڪندا رهندا آهن. مذهب جي تعليم ئي فرق ۽ نفاق واري اُصول تي ٻڌل آهي. هندن ۾ ورڻ سستم (ذات پات جي بنياد تي انسانن جي ورهاست ۽ اڇوتپڻو) ۽ مسلمانن ۾ فرقي بندي انهيءَ جا چٽا پٽا مثال آهن.

هڪ برطانوي بشاپ 22 آڪٽوبر 1994ع تي Ecumenical Council ۾ شڪايت ڪئي: "اڄڪلهه جيڪا مشڪلات آهي، سا هيءَ آهي ته جيئن بائيبل جي چوڻي آهي: ڪم ڌاران ايمان مري چڪو آهي، "Faith without work is dead" سا هاڻي هڪ اُبتڙ حقيقت ۾ تبديل ٿي ويئي آهي. اڄڪلهه جي دؤر ۾ "سُٺا ڪم" ڪيا وڃن ٿا، پر بنا ايمان جي "بنا عقيدي جي"! مٿين چوڻي عيسائيت جي انسان دوست تصور جي هڪبئي روپ کي ظاهر ڪري ٿي- يعني "سُٺا ڪم" "عقيدي" جي نالي ۾ سرانجام ڏنا وڃن. حقيقت هيءَ آهي ته نياءُ، ڳهلَ، دوستن، عزيزن ۽ ساٿين جي مدد ڪرڻ وغيره. نيڪيءَ جا ڪم آهن پر اُهي خدا جي نالي ۾ ڪيا وڃن ٿا ۽ اُن جي رضا لاءِ ڪيا وڃن ٿا، ۽ جيڪڏهن اهي نيڪيءَ جا ڪم نه ڪيا وڃن ته؟ يا هيئن ته نيڪيءَ جا ڪم ڪيا وڃن پر خدا جي نالي ۾، يا اُن جي رضا لاءِ نه، پر پاڻ جهڙن ٻين مسڪين، محڪوم ۽ ڏُتڙيل ماڻهن جي ڀلائيءَ واسطي ڪيا وڃن ته؟

دراصل ماڻهو هاڻي مذهبي دڙڪن، داٻن ۽ دَمن دلاسن کي پاسيرو رکي انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ انسان جي ڀلي واسطي "ڪم" ڪن ٿا. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا بنان ڪنهن "وچ واري" جي چڱا "ڪم" نٿا ٿي سگهن؟ ڇا، نيڪ "ڪم" ماڻهوءَ جا پنهنجا اُتم آدرش نٿا ٿي سگهن؟ ڇا، ان جو مطلب اهو ٿيندو ته ڪنهن "وچ واري" جي نه هُجڻ ڪري نيڪ ڪم ۽ نيڪي بذات خود نيڪي ۽ چڱائي بذات خود چڱائي ٿيڻ بند ٿي ويندي؟ ڪنهن ڏکويل ماڻهوءَ جي مدد يا سهائتا اثرائتي ٿيڻ بند ٿي ويندي؟ اڄ جي دؤر جو ماڻهو بنهه عظيم صفائيءَ سان محسوس ڪري ٿو ته دنيا ۾ انسانيت جي قدرن کان انڪاري ٿيڻ بنهه هڪ بي بنياد ڳالهه آهي.

حقيقت کان فرار ٿيڻ جي ڪابه صورت ڪانهي، جيئن هڪ برطانوي بشاپ چيو آهي ته، "اڄڪلهه ماڻهو چڱن "ڪمن" کي اهميت ڏين ٿا. چڱا ڪم بنان ڪنهن عقيدي جي به ٿي سگهن ٿا. اهو مڃڻ ته چڱا ڪم ڪنهن مخصوص عقيدي کي مڃڻ کان سواءِ به ڪري سگهجن ٿا، اهو منطق ساڳئي وقت ان ڳالهه جو پڻ دليل آهي ته چڱا ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن مخصوص عقيدي يا مذهب کي مڃڻ لازمي شرط ڪونهي، اُهي ايئن ئي ڪري سگهجن ٿا ۽ اُنهن جي چڱائي يا نيڪي متاثر به نه ٿيندي.

جرمنيءَ ۾ ڪئٿولڪ جو هڪ وڏو پادري ڪارڊينل ايل- جيگر ( Cardinal L-Jeager)، جيڪو وچٿري سوچ وارو ماڻهو آهي، سو لکي ٿو ته، "ايئن ڀانئجي پيو ته اُهو وقت هاڻ ايترو گهڻو پري ڪونهي، جڏهن عيسائيت صفا ختم ٿي

ويندي. اُها عيسائيت جيڪا خيالن، نظرين، عظمت ۽ عمل جي ڪسوٽيءَ جي معراج تي پُهتل هُئي، جيڪا قُسطنطينه وارن ڏينهن ۾ هُئي.“

دراصل اڄڪلهه دنيا ۾ ڪجهه اهڙيون قوتون وجود ۾ اچي چُڪيون آهن، جيڪي اُنهن ڪوشش ۾ جُنبيل آهن ته نااُميديءَ جو شڪار ٿيڻ بنان، روحاني پار ۽ مُبهم دنيا جي اجائي سَڌ ڪرڻ ڏاران، اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن، جن ۾ انسان هِتي، هِن ڌرتيءَ تي سُکيو ستابو رهي سگهي. اُهي مصيبتن ۽ لُڙڪن جي واديءَ کي ميسارڻ لاءِ جاکوڙي رهيون آهن. اِهي قوتون هاڻ اِن قابل ٿي چڪيون آهن ته عوام جي صحيح معنيٰ ۾ رهبري ڪجي، سماج ۾ ماڻهپي جا اعليٰ آدرش قائم ڪجن، اِهي قوتون آسمان مان رحمتن جي مينهن وسڻ جي ڪلپنا ڪرڻ بدران عمل تي ويساهه رکن ٿيون.

زندگي پنهنجي مکيه جوهر ۾ بامقصد حياتي گذارڻ ۽ روشن دماغيءَ جي تعليم ڏئي ٿي. سماج انسانن کي حياتيءَ ۾ پنهنجو جائز مقام ڳولي لهڻ ۾ مدد ڪري ٿو سندس بهتر لياقتن، صلاحيتن ۽ ڏاتين کي اُجاگر ڪري ٿو ۽ اُهو کين هن ئي جهان ۾ خوشيون ۽ ”حياتيءَ جو مقصد“ ڳولڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

جڙ-واد فلسفو اهڙين مڙني تقاضائن جي ڪسوٽيءَ تي بلڪل صحيح ثابت ٿيو آهي. جڙ-واد فلسفو هميشه اڳتي وڌندڙ (يعني ترقي ڪندڙ) سماجي قوتن جي مفادن جو ترجمان آهي. جڙ-واد پسندي عقل، سائنس ۽ عقل سليم تي پروسو ڪري ٿي. جڙ-واد فلسفو اسان کي نه رڳو دنيا کي سمجهائڻ پر اُن کي بدلائڻ جي سکيا ڏئي ٿو. تاريخي طور تي ماڻهو هڪ فعال ۽ بي آرام عنصر آهي، جيڪو دنيا ۾ تبديليون آڻي سگهي ٿو ۽ ماديت جي تاريخ اسان کي هڪ فعال زندگيءَ جو دڳ ڏسي ٿي.

جڙ-واد ڪو هٺ-ڌرمي، عقيدائي سرشتو ڪونهي، بلڪ اُهو هر سوال کي کولڻ، ويچارڻ ۽ سمجهڻ جو هڪ رستو آهي. اهو ڪائنات جي سائنسي سمجهاڻيءَ جو فلسفو آهي. جڙ-واد اسان کي ڪنهن به شيءِ کي عقيدي طور قبول نه ڪرڻ، معروضي حقيقت جي استدراڪ تي شڪ ڪرڻ، هر شيءِ تائين پاڻ پهچڻ، مادي دنيا جي هر شيءِ کي سببن ۽ عوامل جي صورت ۾ آزمائڻ، سمجهي سگهڻ ۽ پنهنجي وس ۾ آڻي سگهڻ جو درس ڏئي ٿو. جڙ- واد فلسفو اسان کي ٻڌائي ٿو ته اسين هن دنيا کي ڄاڻڻ لائق آهيون ۽ ڄاڻي سگهون ٿا. ۽ هن مادي دنيا بابت جيڪي ويچار اسين قائم ڪريون ٿا اُهي سائنس جي مدد سان، جو ڪجهه اسين اڳي ئي ڄاڻون ٿا اُن کي وڌيڪ چٽو ۽ صحيح ڪري سگهڻ جي صلاحيت

رکون ٿا، ۽ جو ڪجهه اجا نٿا ڄاڻون اُهو ڳولي لهي سگهون ٿا ۽ معلوم ڪري سگهون ٿا. جڙ- واد مَتي جيِ ان ريت اؤسر حقيقت ۾ اُنهن نظرين واسطي زهر قاتل ثابت ٿي آهي، جيڪي حاڪم طبقن جي رُتبن، گادين ۽ خصوصي رعايتن کي ٽيڪو ڏين ٿا ۽ اُنهن جي حفاظت ڪن ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ "موجود سدا موجود" (Status Quo) واري نظام جا محافظ هن نظريي خلاف ازل کان وٺي ڪات ڪُهاڙا کڻندي رهيا آيا آهن.

تائيوان جي بشاپ پال-يُو-پِن وَٽيڪن سِٽيءَ کان مطالبو ڪيو تہ جڙ-واد نظريي کي هڪ پيرو ٻيهر نندڻ گهرجي. سندس اِنهيءَ خيال جي تائيد ارجنٽائنا جي وڏي پادريءَ پڻ ڪئي، جنهن جڙ-واد متي جي "فريب" تي چرچ جي خاموشي اختيار ڪرڻ واري پاليسيءَ جي ڪڙي نندا ڪئي. هڪ ٻئي بشاپ اعلان ڪيو تہ جڙ-واد خلاف نظرياتي ويڙهہ ڪافي ڪانهي، هُن سياسي مداخلت ڪرڻ جي حمايت ڪئي. هالنڊ ۾ بشاپن جي هڪ جماعت وٽيڪن سٽيءَ جي مُک پادريءَ (Father) کي هڪ پيغام اُماڻيو تہ، "چرچ کي اُنهن فلسفن سان پيڇيو پيو وڃي، جيڪي پاڻ کي اگنان-وادي، مارڪس وادي، ناستڪ وادي، انسان دوست، وجوديت پسند، وغيره جهڙن نالن سان سڏرائين ٿا. جيتوڻيڪ اسان ايمان وارن لاءِ اِها اڻ ٽيڙي ڳالهہ آهي تہ انهن فلسفن کي مڃون، پر تنهن هوندي بہ اسان اِهو ڳولي لڌو آهي تہ اُهي پنهنجن فلسفن ۾ ڪهڙا "سچ جا موتي" سمائي رکن ٿا...... اسان جو صاف صاف مطلب هيءُ آهي تہ اُنهن حياتيءَ جي دُنيوي تصورن کي ڳولي لڌو آهي، جن جي آڌار تي اُهي اسان سان وڙهن ٿا."

هڪ جڙ-واديءَ جي تعليم جو مول متو هيءُ آهي تہ ماڻهوءَ کي سندس زندگيءَ ۾ سندس جائز مقام ڳولڻ ۾ مدد ڪجي ۽ پڻ ماڻهن کي اها خواهش چڱيءَ طرح دل نشين ڪرائجي تہ اُهي پنهنجو ڪم، پنهنجي محنت سڌو سنئون سماج کي ارپڻ ڪن، ماڻهن کي ارپڻ ڪن، تہ جيئن سندن حياتي هن مادي دنيا جي حقيقي خوشيءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهي، ۽ ڪين اهو بہ ذهن نشين ڪرائجي تہ سندن اهو اُدم ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ ثواب کٽڻ لاءِ تياري ڪرڻ واسطي نہ هجي.

هڪ جڙ-واديءَ جو ڪم سيني انسانن سان اٿاهہ پيار ڪرڻ ۽ وهمن، ڏند ڪٿائن ۽ اهڙن خيالن کان ناموافقت ڪرڻ جي تقاضا ڪري ٿو جيڪي سماجي طرح ماڻهوءَ کي هڪ بامقصد حياتي بسر ڪرڻ کان روڪين ٿا.

اِها آس تہ ماڻهو نيڪ هجن- فقط پنهنجي ذاتي مفاد، ذاتي نفعي، ذاتي ڪاميابيءَ ۽ واپار ۾ نفعي لاءِ نہ سوچڻ، سماج ۽ ماڻهن ۾ (يا جيئن مذهبي ماڻهو چوندا آهن: "پنهنجي پاڙيسرين سان سٺو سلوڪ ڪريو") ماڻهو جي ڀلي ۾ ۽ سماج جي ڀلائيءَ جي ڀلي ۾، ۽ اڳينءَ دنيا ۾ رحمت حاصل ڪرڻ جي خواهش بنان اهڙن ويچارن کي ترقي وٺرائڻ جنهن سان ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو مريادا، سيوا، ڀائپي ۽ برابريءَ جهڙا اُتم گڻ پيدا ٿين، سموري سماج جو ڪلياڻ ٿئي- اهڙا ۽ ان قسم جا ويچار ڪو پنهنجو پاڻ کُنڀيين وانگر اوچتو ڦُٽي پوڻ جوڳا هرگز ڪونہ آهن. اهڙيون ڳالهيون، اهڙا اُصول ۽ آدرش ۽ قدر ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي تمام لازمي ضرورت بنائڻ، ڪنهن ماڻهوءَ جي وجود ۽ روز مره جي تعلقاتن جو جُز بڻائڻ- سچ پچ تہ جيءَ کي جوکي ۾ وجهندڙ ڪوشش جي تقاضا ڪن ٿا، ماڻهوءَ جي شعور جي آزادي ۽ بيداريءَ جي تقاضا ڪن ٿا، سماج ۽ ماڻهوءَ متعلق اجاين ڀرمن ۽ تقليدي متي کان نجات جي تقاضا ڪن ٿا، ۽ اِنهن ڳالهين لاءِ جوڳو وقت پڻ گهربل هجي ٿو.

اهڙين ڪوشش کي سامهون رکندي، جڳ مشهور پراٽسٽنٽ ۽ سماجيات دان پروفيسر راجر شُٽز (Roger Shutz) کي چوڻو پيو تہ، "اسان کيماديت پسندن ۾ سچائيءَ ۽ سچائيءَ جا عنصر لازمي طرح ڏسڻ گهرجن.... اسان کي اهو هرگز نہ وسارڻ گهرجي تہ هڪ جڙ-وادي پڻ هڪ سڀاجهو رحمدل ۽ سخي انسان ٿي سگهي ٿو. هو پڻ ممڪن آهي تہ ماڻهن سان پيار ڪندو هجي.... اهو ضروي آهي تہ اسان کي سندن سوچڻ جي طريقي ڪار ۽ مخلص پڻي جي عنصرن جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ گهرجي."

ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ فرينچ بِشاپن جي هڪ ڪائونسل پادرين جي هڪ ٽولي کي مختلف ڪارخانن، فيڪٽرين وغيره ۾ مزوريءَ جي ڪمن ڪرڻ بهاني مزورن ۾ تبليغ ڪرڻ واسطي موڪليو ويو. مٿن "خاص مشن" طور اهو فرض رکيو ويو تہ اُهي عام مزورن وانگر ڪم ڪندا ۽ اُن دوران اُنهن ڪارخانن وغيره ۾ مزوري ڪندڙ "ڪامريڊن" سان پنهنجا لاڳاپا قائم ڪري کين طبقاتي جدوجهد کان پري رکڻ لاءِ ڪوشون ڪندا، ڇاڪاڻ تہ چرچ طبقاتي جدوجهد جي مذمت ڪري ٿي، مٿن اهو بہ فرض عائد ڪيو ويو تہ اُهي مذهبي تبليغ سان گڏوگڏ اُنهن مزورن سان سهڻو سلوڪ ڪن تہ جيئن مزور طبقي جي اخلاقي قدرن مٿان سولائيءَ سان حاوي ٿي سگهن. اهو هڪ عجب جهڙو ۽ اچرج ۾ وجهڻ جهڙو مثال هو. اُنهن پادرين مليل هدايتن تي عمل ڪندي پنهنجو پاڻ کي عام مزورن وانگر

ٻڌائي ڇڏيو ۽ اُنهن سان بنھ گهٽا رلي ملي ويا. ڪيترائي سال ايئن گذارڻ ڪري ڪين حقيقي زندگيءَ ۾ عملي طرح داخل ٿيڻ جو تجربو حاصل ٿيو. اُنهن پادرين مخلصاڻي نموني مزورن کي سمجهڻ، سندن زندگيءَ جي مختلف لاڙن کي باريڪ بينيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مذهبي مُول متن ۽ سڏانتن کي زندگيءَ جي حقيقتن سان ڀيٽڻ جو ڪين هڪ نادر موقعو مليو. ڪجھ سالن ڪانپوءِ اُنهن وٽيڪن سٽيءَ ۾ منعقد ٿيندڙ ساليانيِ ميڙ ۾ هڪ سنيهو موڪليو (جيڪو ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ڇپيو هو)، اُن جو مڪمل متن هن ريت هو :

”اسين هيٺ صحيح ڪندڙ 40 کان 65 ورهين جي ڄمار وارا، مختلف هنڌن تي 10 کان 17 سالن تائين مختلف نوعيت جون مزوريون ڪندا رهيا آهيون، جن ۾ هٿ جا هُنر جهڙوڪ جنڊيءَ جو ڪم، بجليءَ جو ڪم، سِرن ٺاهڻ کان وٺي مزوريون ڪرڻ، پيلا ڪاٽڻ، مشينون هلائڻ، ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ، ويندي جنڊ پيهڻ ۽ اٽي پيهڻ جهڙا ڪم بہ ڪيا اٿئون. هتي اسان لکين مزورن سان پنهنجا ناتا قائم ڪيا، جن بابت اسان جا پوپ ۽ سندن جانشين اڪثر اها شڪايت ڪندا رهيا آهن تہ اُهي مقدس چرچ کان ڪُجھ مُنهن مَٽيل آهن. اسين سندن زندگيءَ جي ڏک سکن ۾، سندن جدوجهدن ۾، اُميدن ۽ مايوسين ۾، سندن برابر جا ڀاڱي ڀائيوار رهياسون ۽ پنهنجو پاڻ کي اُنهن جو هڪ حصو سمجهيوسون..... اسين اُنهن جي زندگين ۽ پنهنجي روز مرھ جي زندگيءَ جي تجربي جي ڪن خاص پهلوئن جو اظهار ڪرڻ چاهيون ٿا، جن بابت اسين سمجهون ٿا تہ چرچ انهن کي سمجهي نہ سگهي آهي، يا غلط فهميءَ جي شڪار آهي.

”اج جي دؤر جو مزور لڏو.... زندگيءَ جي تلخ تجربن مان لنگهڻ ڪانپوءِ هاڻ اِن نتيجي تي پهتو آهي تہ اها جڳ مشهور چوڻي تہ ”پنهنجي پاڙي وارن سان پيار ڪريو“، هاڻي هڪ ڪنور پوڳ بڻجي چُڪي آهي، جڻ تہ هڪ مدي خارج شيءِ يا کوٽو سڪو هجي، ڇاڪاڻ تہ عملي زندگيءَ ۾ انهيءَ تي عمل نہ هجڻ برابر آهي. اها چوڻي هاڻي انهيءَ کان مٿي ڪابہ اهميت نٿي رکي تہ جڻ ناسور جي ڦَٽَ مٿان کو گرم ڪپڙو اُڇلائي ڇڏجي! ان کان بہ بدتر صورتحال تڏهن پيدا ٿئي ٿي، جڏهن چرچ اُن منافقاڻي سوچ کي واجب قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ غربت انسان جي پنهنجي نصيب ۾ لکيل هوندي آهي. غريب ماڻهو ان منطق تي گهڻو چڙن ٿا ۽ چون ٿا تہ چرچ ايئن چئي غربت لاءِ هڪ جواز پيدا ڪري، ان کي درست قرار ڏيئي، اُنهيءَ ناانصافيءَ تي بحث مباحثي کان جهلي ٿي.“

۽ مذهب پاران سخاوت، اَهنسا ۽ ثواب وغيره جي پرچار بابت مزور ڇا ٿا سوچين؟
چرچ سخاوت کي رحمدلي ڪوٺيو آهي، نياءُ لاءِ معاف ڪري ڇڏڻ، درگذر ڪرڻ، جو درس ڏنئي ٿي، ۽ سيني لاءِ پيار. پهريون اُصول اهو هو تہ ڪنهن کي نہ رنجائجي ۽ هنسا (خون خرابي) کان پاسو ڪجي. ٻيو اُصول هو تہ هرهڪ ماڻهوءَ کي لازمي طرح زڪوات ڏيڻ گهرجي، غريبن جي سار سنڀال ۽ سندن مدد ڪرڻ گهرجي، ۽ پاڙيسرين جي مدد ڪرڻ گهرجي. اهي برابر سٺا خيال آهن، پر انهن تي عمل؟ سوال آهي تہ انهن سُٺن ويچارن تي عمل ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ ضرور ڪٿي تہ خرابي آهي، جو ماڻهو انهن خيالن، آدرشن تي عمل نٿا ڪن. ٿورڙن لفظن ۾ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ انساني سماجي وهنوار جي سلسلي ۾ بنان ڪنهن معاشي ۽ سياسي اجاره داريءَ بابت سوال ڪرڻ جي يا اعتراض اُٿارڻ جي، ماڻهن کي خدائي ڪائنات بابت سيڪاريو وڃي ٿو. ماڻهن کي هڪ اهڙي خيالي سماجي ڍانچي بابت تعليم ڏني وڃي ٿي، جتي هميشہ کير جون نديون وهندڙ هونديون آهن! اهڙي سماجي ڍانچي جي اُبتڙ هتي ظلم ۽ ڏاڍ جي عمل کي خدا جي رضا، تقدير جو لکيو ۽ ”تلاءُ ۾ وڏي مڇي، ننڍي مڇيءَ کي کائي ٿي“، جهڙا من گهڙيا اَٽ سٽا ناهي، اُنهن کي جائز قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي! اهڙي بي انصافيءَ واري سماج ۾ اُهي ماڻهو جن کي مزور طبقو پيڙيندڙ سمجهن ٿا، سي چرچ ۾ وڃي سگهن ٿا، پادرين ۽ بشاپن سان سُٺا تعلق قائم ڪري سگهن ٿا. اُهي مذهبي مهندار سڀُورا بہ چانديءَ جي چمڪ ڏسي هرڪجي پون ٿا ۽ چرچ طرفان سماج جي اهڙن ناسورن کي ننڊڻ، لعنت ملامت ڪرڻ بدران کين پيرويءَ لائق هجڻ جا سرٽيفڪيٽ ڏنا وڃن ٿا.

مزور پادرين جو اهو تبليغي ٽولو جڙ- واد جو جيتوڻيڪ ازلي مخالف آهي، پر تنهن هوندي بہ سندن اخذ ڪيل نتيجا ڏاڍا ذڪر جوڳا آهن:

”.... ماڻهو هاڻي سمجهدار ٿي ويا آهن. اُهي هاڻ چون ٿا تہ چرچ هميشہ کان اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو پرچار ڪيو آهي ۽ بغاوت کي ننديو آهي، تنهنڪري اُها هڪ طبقي هٿان ٻئي طبقي جي استحصال کي روا رکڻ ۾ برابر جي شريڪ رهي آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ اڄڪلهہ جو محنت ڪش طبقو چرچ کي سندس قول يا سهڻين چوڻين ۽ سهڻن سخنن جي بدران عمل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ لڳو آهي. هاڻي چرچ سندن بنيادي گهرجن کان بي نياز رهي ڪري کين گهڻي عرصي تائين ٻيءَ دنيا ۾ اجر ملڻ جا دلاسا نٿي ڏئي سگهي.“

پورهيت طبقي جي سماجي مسئلن جي حل جي سلسلي ۾ اسين مذهب جي حڪمت عمليءَ کان ڀليءَ پت واقف آهيون. اسان مزور پادرين جا ويچار ۽ سندن

تجويزون پڻ معلوم ڪيون. هاڻي اسين جڙ ـ وادي فلسفي طرف اچون ٿا. جڙ ـ وادي فلسفو انهن مسئلن جو حل طبقاتي جدوجهد وسيلي پيش ڪري ٿو.

طبقاتي جدوجهد محض ڪو هوائي خيال ڪونهي، پر اهو هڪ (ظالم) طبقي کان ٻئي (مظلوم) طبقي جي نجات حاصل ڪرڻ جي عملي جدوجهد جو رستو آهي. حياتي بذات خود جدوجهد کي تخليق ڪري ٿي: اسان جي اڄ جي دؤر ۾ حقن ماڻڻ ۽ اختيار حاصل ڪرڻ جو مکيه وسيلو پئسو آهي. جڏهن هڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو ته هو پنهنجي روزگار جي ڳولا جي سلسلي ۾ وڃي، در در جون ٺوڪرون کائي ته جيئن هو زنده رهي سگهي ۽ ان ريت هو جڏهن ڪن پيداواري وسيلن جي مالڪن اڳيان روزگار واسطي ليلڙاٽ ڪندو تڏهن لازمي طرح اسان مان ڪو ته کيس يا ته ڪم ڏيندو يا کيس جواب. روزگار کان جواب ملڻ جي صورت ۾ اُهو رزق جو ڳولائو ماڻهو سندس ـ حياتي، سندس ضمير، سندس شخصيت ـ مطلب ته سڀ ڪجهه سندس بي انصاف معاشي نظام جي ظلم جو شڪار بڻجي ويندو. بلڪل ايئن جيئن موجوده سرڪار ماڻهن کان روزگار کسي کين حالتن جي رحم ڪرم تي ڇڏي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ پورهيت جي زندگي، سندس ٻچن جي حياتي، سندس ترقي ڪرڻ جو حق، سندس ماڻهپو انسان پڻو ايتري قدر جو سندس جيئڻ جو حق ۽ کائڻ پيئڻ يا رزق جو حق ـ ٻين جي نفعي تي دارومدار رکي ٿو. هو ايئن محسوس ڪري ٿو ته ڄڻ هو ڪا استعمال ٿيڻ جي هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي اُهي ماڻهو استعمال ڪن ٿا، جن وٽ دولت هجي ٿي. اهو سچ پچ ته هڪ ماڻهوءَ هٿان ٻئي ماڻهوءَ جو استحصال آهي، هڪ طبقي هٿان ٻئي طبقي جو استحصال آهي. هن زماني جو باشعور پورهيت ڄاڻي ٿو ته غربت هڪ انتهائي ڳنڀير ناانصافيءَ جو نتيجو آهي، کيس اها به خبر آهي ته اها غربت هن لاءِ کهڙا جسماني، ذهني ۽ اخلاقي عذاب پاڻ سان گڏ کڻي ايندي آهي ـ اها ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي ذلت جي ڏُهڻ ڏانهن پڻ نيئي ٿي. هُن لاءِ اڄ اهو بلڪل واضح ٿي چڪو آهي ته غريبي نجس آهي، لعنت آهي، اُنهيءَ جي واڪاڻ ڪرڻ ۽ اُن کي خدائي رضا يا رحمت ۽ تقدير جو لکيو ڪري پيش ڪرڻ دراصل انهن ماڻهن جي توهين آهي، جيڪي سچ پچ به غريب آهن.

ڏسي ڏکيا ڏيل، ڳوڙها ڳل ڳڙي پيا،
ٻُکن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زر ۽ زور ذليل، ماڻهوئڙا ڪيا ملڪ جا.

(اياز)

جيستائين انسان جا اقتصادي مسئلا حل نہ ٿيندا تيستائين روحاني مسئلا بڪواس ڪان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهن. هڪ پورهيت ۽ بکئي پيٽ ماڻهوءَ لاءِ ڀوڳي ۽ ٿوم جي بوءِ روح جي هر خوشبوءِ ڪان وڌيڪ پياري آهي. چُلهہ ۽ تئو محراب ۽ منبر ڪان وڌيڪ مقدس آهن. مضمون نويس "جين يان ون" هڪ هنڌ لکيو آهي تہ. "ڪروڙين بکين واتن مان ماٺ ميٺ ۾ رڙيون. دانهون پيون نڪرن. پر اُهي ڪوڪون نہ ٿو ٻُڌي"

"مان وهم. وسوسي ڪان مٿي چڙهي چُڪي آهيان.
"مان ڀانيان ٿي تہ هيءَ ڌرتي هڪ گهر آهي.
"۔ ۽ خدا دستر خوان تي ويٺو آهي.
"هر ڪو جواُن مان پنهنجو حصو کڻڻ آيو آهي.
"پر هيءَ ماني. جا منهنجي هٿ ۾ آهي.
"فقط منهنجي پٽ لاءِ آهي." (مئگري گلمور)

مذهب هيٺين جي پيٽ ۾ هميشہ ڏاڍي جي مفاد جي رکوالي ڪئي آهي. اُن پنهنجا اُصول ۽ مول متا ان ريت جوڙيا آهن. جن پٽاندر ظالم طبقو هميشہ ظلم ڪندو رهي ٿو ۽ مظلوم ازل ڪان وٺي ظلم ۽ ناانصافيءَ جي بہ۔ پُڙي جنڊ ۾ پيسجندو رهي ٿو. ظلم خلاف نہ دانهيو تقدير جي لکئي آڏو زور نٿو هلي. خدا جي رضا ائين آهي. وغيره وغيره.اِهي سڀ ڳالهيون ظالم جي مفاد وٽان آهن. زڪوات ڏيو هيٺن جي مدد ڪريو غريبن تي ڪهل ڪريو وغيره جهڙيون ڳالهيون حقيقت ۾ ظالم جي ڏاڍ خلاف مظلومن جي ڪاوڙ غصي ۽ احتجاج کي "ماٺي ڪرڻ" جي ڪوشش ثابت ٿيون آهن ۽ گهٽي قدر سدائين. رڳو ڪوڙيءَ سخا يا ڪوڙيءَ فيض بخشيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيون آهن. سچ پچ تہ اهڙي ڪابہ ڪوشش انهيءَ پري ڪان ڏسجندڙ فيض ۽ سخا جي سطح ڪان مٿي چڙهندي ئي نہ آهي. ظالم استحصالي ماڻهو جيڪي پنهنجن وسيلن ۽ طاقت جي ٻل تي ظلم ڪن ٿا. ڦرمار ڪن ٿا. ٻين جي حقن تي ڌاڙو هڻن ٿا. اُنهن جون عزتون لُٽين ٿا. تن کي "فيض ۽ سخا" جي اظهار لاءِ سدائين موقعو مهيا هجي. ان لاءِ ضروري آهي تہ اُهي پنهنجي ظلم ۽ بي انصافيءَ کي بہ سدائين قائم رکن. هڪ بي انصاف سماجي نظام ئي هتي جي فيض ۽ سخا جو دائمي سرچشمو آهي. جيڪو سدائين موت. نراسائي ۽ غريبيءَ جي طُفيل ئي قائم رهي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي. جو اُن جا هلائيندڙ ۽ حمايتي ڪوڙي فيض ۽ سخا جي ان سرچشمي يا مُهگ لاءِ ٿورڙو بہ ڪتان ڪو خطرو ڏسن ٿا تہ مچرجي بيهن ٿا ۽ پنهنجي آپي ۾ نٿا رهن.

سچي سخاوت ۽ فياضي انهيءَ ۾ آهي تہ اُنهن مول سببن کي ختم ڪيو وڃي ۽ اُنهن جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي، جيڪي ڪوڙي دانَ يا خيرات جي ڏيک کي قائم رکن ٿا. ڪوڙو دانُ يا خيرات، ڊنل، هيسيل ۽ "زندگيءَ جي ڏڪاٽيل" انسانن کي مجبور ٿو ڪري تہ اُهي "ان داتائن" جي اڳيان پنهنجا ڏڪندڙ هٿ ٽنگين. سچي سخاوت اِنهيءَ ۾ آهي تہ هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، جنهن ۾ اهڙا هٿ شخصن جا، يا قومن جا ڪنهن "خيرات" يا "زڪوات" لاءِ اُڀا نہ ٿين، بلڪ اُهي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اهڙا انساني هٿ بڻجن، جيڪي ڪم ڪن ۽ ڪم ڪندي ڪندي دنيا کي تبديل ڪن.

سچو ڏيهہ ڏاتا ڪري جي اُپا،
لکين عيد جا چنڊ اُپري پون.

(اياز)

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ هتي ٻہ دنيائون قائم آهن – هڪ روحانيت پسندن جي ۽ ٻي جڙ–وادين جي. ٻہ ڇتا ڦِٽا سماجي سرشتا. ٻہ نظام، هڪ تقليد پسند تہ ٻيو عقليت پسند. پهرينءَ دنيا يعني عقيدائي دنيا کي مڃڻ وارن کي لازمي طرح ٻيءَ دنيا يعني عقليت پسندن جي دنيا تان هٿ ڌوئڻو پوندو. عقليت پسند دنيا ۾ قدم رکڻ لاءِ پهرينءَ دنيا کي ڦٽو ڪرڻو پوندو. پورهيت طبقي لاءِ انهيءَ جو مطلب هي ٿيندو تہ جيڪڏهن هو عقليت پسنديءَ تان هٿ کڻن ٿا تہ ڄڻ هو اُن نئين دنيا تان هٿ ٿا کڻن، جيڪا سندن پنهنجي ئي ڪاوشن، ڪوششن، محنت ۽ هٿن جي ٺاهيل آهي، جيڪا سدائين تحرڪ ۾ آهي، ترقي پذير آهي، روشن آهي – اُن تان هٿ کڻڻ معنيٰ هڪ اهڙيءَ دنيا ۾ پير پائڻ، جيڪا پراڻي آهي، جتي سڀ ڪجهہ اڳ ۾ ئي فيصل ٿيل آهي. طئي ٿيل آهي، جتي سڀئي انساني مسئلا اڳ ۾ ئي نبريل آهن.

اسان جو ويساهہ آهي، ڪامل يقين آهي، اهو اسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي، تہ ماڻهن جي زندگي لڳاتار مادي حالتن پٽاندر ترقي ڪندڙ سڌرندڙ رهي، ۽ پڻ اهو تہ انساني عظمت جي تڪميل لاءِ اُدم ڪرڻُ هڪ اهڙي حياتيءَ جي تعمير لاءِ . جيڪا ڏکويل، پيڙيل، ڏڪاٽل، هيسيل ماڻهن سان بي لوث پيار واري جذبي سان ٽمٽار هجي، ۽ اهو ئي احساس هر هڪ فرد ۾ مضبوط ڪرڻُ، جو اسان جي حياتيءَ کي هڪ خاص معنيٰ ڏئي ٿو، ۽ انسان ذات سان پيار ڪرڻُ، هر ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻُ ۽ انسان ذات جي قسمت ۾ هر فرد جي بهتر قسمت جي آرزو ڏسڻُ – انساني گروهہ جي رهنمائيءَ لاءِ اِهي بنيادي اُصول آهن. اسان جو هي پڪو ويساهہ آهي تہ، "انسان ئي هر شيءِ جو قدر آهي، ماڻ آهي."

اَمُـرَ ڪـي آڏو ڦـري سـگهي ٿـو انسـان،
آهــي مـاڻهوءَ وسَ ۾، ازل ڪـان امڪـان،
لـيلا! سـو نـادانُ، جيڪـو لکيـو لـوڙئي.“
(اياز)

انساني حياتي بامقصد ۽ سڦل تڏهن آهي، جڏهن اها اُتم آدرشن ۽ اعليٰ منزل لاءِ پاڻُ ارپڻ ٽيل هجي، جڏهن اها هڪ ڏنل وقت جي حدن اندر سيئي ممڪن ۽ وڏ ۾ وڏ چڱايون ۽ انصاف حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي. اهو مقصد بهرحال، اهڙن خيالن توڙي جذبن کان نجات حاصل ڪرڻ جي تقاضا ڪري ٿو، جيڪي انساني زندگيءَ ۽ هن دنيا جي سرحدن کان ٻاهر يا پرانهان هجن.

اج هڪ پاسي، مذهب جو بچاءُ ڪندڙ نُنهن چوٽيءَ جا زور لائي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن ته “جڙ- واد هڪ تنگ نظر خيال آهي، جيڪو سپني قدرن کي تباهه ڪري ٿو اهو اهم- واد (انا پرست) آهي ۽ ڪهڙيءَ به برائيءَ کان نه ڊڄندڙ ۽ خدا جي وجود کان انڪار ڪرڻ وارو نظريو آهي. جڙ-واد جو پرچار دين ۽ ايمان وارن خلاف هڪ منظم سازش آهي.” ٻئي پاسي، اُهي پنهنجيءَ پر ۾ خاموشيءَ سان اهو به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته “جڙ- واد فلسفو دليلن ۽ سائنسي ڊيوالپٽي جو شڪار ۽ انسان دشمن سياءُ رکندڙ آهي.”

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا جڙ- وادين کي ايئن نندڻ وارن ۾ ڪا ساڃاهه به آهي؟ جڙ- وادي ته فقط اهو چاهين ٿا ته ماڻهن کي سندن پنهنجي دنيوي مسئلن جي حل ڳولڻ جي سلسلي ۾ حالتن پٽاندر، سماجي ادم جي بنيادن تي مدد ڪئي وڃي. هاڻي اهو فيصلو عوام تي ڇڏيل آهي ته اُهي انسان دشمن سياءُ رکندڙ ڪنهن کي ٿا سمجهن.

جڙ- وادين کي نندڻ جو عمل هڪ وسيع محاذ تان ڪيو پيو وڃي. پر جڙ- وادي انهيءَ لباڙ کي خاطر ۾ نه آڻيندي، سماج ۽ فرد جي وچ ۾ لاڳاپن جي سهج ۽ سڌار بابت جديد ترين جاڻ جي رهنمائيءَ ۾ ۽ ساڳيءَ طرح سماجياتي انگن اکرن جي مدد سان، سائنسي اُصولن ۽ ترڪيبن جي استعمال سان، انهيءَ ڪوشش ۾ رُڌل آهن ته هتي، هن ڌرتيءَ تي اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪجي، جنهن جون سڌون ديندار ماڻهو هڪ مبهم دنيا ۾ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا. اهو ئي اعليٰ ترين آدرش آهي، هڪ جڙ- واديءَ جو.

ماديت پسندي پنهنجي مختصر معنيٰ ۾ اَهم- واد (آءً- پڻي) جي هرگز داعي نه آهي ۽ نه ئي اُن ڪڏهن اهڙي هام هنئي آهي. اهو فلسفاڻي مول متي جو ڏنل

هڪ روپ آهي، هن دنيا ۾ زندگيءَ ڏانهن مثبت لاڙن جو هڪ نظام آهي، هڪ نچوڙ آهي، جيڪو پنهنجي جوهر ۾ هن نظام جي گهٽ يا وڌ ضرورت ۽ منطق منجهان ڦُٽي نڪتو آهي. جڙ- واد فلسفو دنيا جي سماجي ۽ ثقافتي ترقيءَ جو هڪ منطقي نتيجو آهي.

هڪ مذهبي ماڻهوءَ لاءِ خدا هڪ بِلا اعتراض حقيقت آهي ۽ هو اُن جي پوڄا ڪري ٿو ۽ پڻ اُن جي طاقت ۾ ايمان رکي ٿو. هڪ مذهبي ماڻهو پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪا بہ شيءِ ماڻي ٿو يا سندس زندگيءَ جا جيڪي بہ قدر آهن، سي خدا سان جڙيل آهن. هر ڪا شيءِ اُن طرفان اچي ٿي ۽ اُن ڏانهن واپس وڃي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هڪ مؤمن لاءِ هر ڪم خدا جي رضا لاءِ اُن جي منشا مطابق هجي ٿو. سوال هيءُ آهي تہ هڪ ناستڪ، هڪ جڙ- وادي، ڪنهن جي رضا لاءِ نيڪيءَ جا ڪم ڪري ٿو؟ ڇا، هڪ جڙ- واديءَ هٿان سرانجام ڏنل عوامي فلاح جا ڪم "نيڪ عمل" نہ هوندا؟

جڙ- وادي فلسفو ماڻهوءَ کان اها تقاضا ڪري ٿو تہ منجهس ايتري سگهہ هئڻ گهرجي جو هُو حياتيءَ ۾ پنهنجي حقيقي حيثيت کي محسوس ڪري سگهي، سچائيءَ سان هُو اُن جنگ ۾ داخل ٿي سگهي ۽ اُن کي فتح ڪري سگهي.... جڙ- واد فلسفو جن بنيادن تي جوڙيل آهي، تن پٽاندر.... ماڻهو پنهنجي سڄي ساري ڄاڻ، سڄو سارو شعور وغيره حواسن، پنهنجي ذهن ۽ دنيا ۾ حاصل ٿيندڙ تجربن مان حاصل ڪري ٿو.

مارڪسي فلسفو هڪ سچي انسان لاءِ سماجي ۽ اخلاقي نظرين جي دنيائي فطرت کي قائم ڪري ٿو. اينگلس هڪ هنڌ لکيو هو: "ماڻهوءَ لاءِ لازم آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي. حياتيءَ ۾ سيني قسمن جي تعلقاتن جي پنهنجي سر ڳڻ ڪري. کيس لازمي طرح اُنهن جي اهميت موجب اُنهن جي قيمت لڳائڻ گهرجي. پنهنجي فطرتي گهُرجن جي پورائي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي سچ جي ڳولا هن ڪائنات جي حدن کان ڏورانهن، اڻ ڇتن علائقن ۾ نہ پر، پنهنجي آسپاس، پنهنجي ويجهو حقيقتن جي تهہ ۾ وڃي ڪرڻ گهرجي.

مارڪسي فلسفو تقدير پرستي، تصوراتي ڳالهين، مايوس ڪندڙ ويچارن، انسان کي غلام بڻائيندڙ اٽڪلن ۽ اٺ سنن کي بلڪل رد ڪري ٿو. مارڪسي فلسفو ماڻهوءَ جي خوشي، سندس انساني وجود ۽ آزاديءَ کي پنهنجي توجهہ جو مرڪز بڻائي ٿو. ماضيءَ جا سيئي ماديت پسند- ايپيڪيورس کان وٺي ويندي

فرانسيسيماديت پسندن تائين ۽ لدوگ فيوئر باخ تائين، سڀني اُهو پرچار ڪيو آهي، اهو ئي درس ڏنو آهي.

هڪ جڙ_ واديءَ جو ڪم هُن ڪان انسان لاءِ اٿاهه پيار، بي لوث خدمت، بي غرضيءَ، حڪمت، بي انت فهم ۽ فراست جي تقاضا ڪري ٿو. ماديت جي سڪيا، ڦرمارَ ۽ دغابازيءَ وغيره ڪان مڪمل طرح آجي آهي، جيڪڏهن هيئن چئجي تہ ڪوبہ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ ان ۾ حيوانيت وارو ڪوبہ عنصر ڪونهي ۽ اها جيئن جيئن ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ جو فريضو سرانجام ڏيندي ويندي، ان ڳالهہ کي تيئن تيئن ٻنهي عملن سان سچو ثابت ڪري سگهندي. ماديت پسندن جي نظرين جي سچائي، سندن سوچڻ جي آدرشي نموني ۽ سندن زندگي گهارڻ واري انسان پسند طريقي مان ثابت ڪري سگهجي ٿي.

جڙ_واد فلسفو هڪ فرد کي شخصي آزادي ڏياري ٿو. ڪيس هڪ ٻيءَ دنيا وڏيڪ حقيقي دنيا ۽ سچيءَ پچيءَ دنيا ڪان واقفيت حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو جنهن جا مول متا بنا ڪنهن شڪ شبهي جي لاڪيٽا ۽ فخر ڪرڻ جوڳا آهن. تنهن هوندي بہ جڙ_ واد جي اؤسر وارين ڪوشش کي اسين فقط تڏهن ئي واجب ۽ مناسب قرار ڏئي سگهون ٿا، جڏهن اُهي هڪ ماڻهوءَ جي حياتيءَ کي وڌيڪ سؤلو ۽ سهنجو بڻائن ۽ جيڪڏهن اُهي گگدام، اپوجهہ ۽ ساده لوح عوام جي زندگين کي هڪ بامقصد معنيٰ ڏيڻ ۾ ڪامياب وڃن، سندن موجوده بي وسي، رحم جوڳي حالت جي ڪايا پلٽ ڪري وجهن، تڏهن ئي اسين اهڙين ڪوشش کي واجب قرار ڏئي سگهنداسين.

جـي جهنـگ ڪنـدو تنـگ تـہ سـاڙي اڇبـو،
اينـــدو بيابـــان تـــہ لتـــاڙي اڇبـــو،
او منــــزل مقصـــود توســـان واعـــدو آ،
آيـو جــي اڳيــان اُپ تــہ بــہ ڦــاڙي اڇبـو.

(استاد بخاري)

## 3_ ماڻهو جديد نظريا ڇو قبولين ٿا؟:

هيءَ ڪائنات لڪل اسرارن جو هڪ اکُٽ خزانو آهي. گياني ماڻهن، فلسفين ۽ سائنسدانن هزارين سالن جي لڳاتار ۽ اڻٿڪ مٿاڪُٽ، عقلي دليلن، سوچ ويچارن، مشاهدن ۽ تجربن ڪانپوءِ نيٺ اها راءِ قائم ڪئي آهي تہ هيءَ دنيا هڪ مادي دنيا آهي. يعني اها مادي منجهان وجود ۾ آئي آهي. ڪائنات جو هر جنسار، هر لقاءُ مادي منجهان وجود ۾ آيو آهي. اسين انسان، جيڪي اشرف المخلوقات هستي آهيون، سي پڻ مادي جي پيداوار يا مادي مان نهيل آهيون. ڪائنات جي هڪ بنھ خسيس جُز پر گڏوگڏ شعوري خصلت رکڻ جي ڪري اسين روزانو هن جنسار ۾ سوين لقاءُ ڏسون ٿا. قدرتي جنسارن ۽ لقائن تي سوچيندي، اسين اُنهن جي ڳُجهن رازن ۽ رمزن کي ڳولڻ ۾ مُنجهي پوندا آهيون. گرهہ، اُپگرهہ، تارا، چنڊ، سج ۽ ڌرتي، اهو سڀ ڪجھ ڇا آهي؟ ڪٿان آيا، موت پڄاڻان ڇا ٿو ٿئي؟ خوشي ۽ خوشحالي ڇا آهي؟ اهڙو سماج ڪيئن جُڙي جنهن ۾ سڀ انسان برابر ۽ سُکي ۽ سَرها هجن؟ زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي يا ڇا هجڻ گهرجي؟ اهي ۽ ان جهڙا ٻيا بيشمار سوال هميشہ ۽ هر جاءِ تي اسان جي ذهن ۾ اُڀري اچن ٿا. اهي سوال اڻتر ۽ اَشد ضروري آهن. اُتي هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اهڙن سوالن جو جواب ڏئي سگهجي ٿو؟ فلسفي جي سڄي تاريخ اهڙي قسم جي بحث مباحثن سان پري پئي آهي.

فلسفي جي اپياس مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ انساني شعور جي باک ڦُٽڻ کان وٺي اج ڏينهن تائين دنيا ۾ ٻن مختلف پر مکيہ مکتبہ فڪرن وارا ماڻهو موجود رهيا آهن. هڪڙا عقليت پسند، سائنسي ترقي پسند سوچ رکندڙ ۽ ٻيا غير عقليت پسند، غير سائنسي، انڌ وشواسي ۽ رجعت پرست سوچ رکندڙ. تاريخ جي هر دؤر ۾ اهي ٻئي گروهہ فيلسوفاڻن نُقطن تي هڪٻئي سان ڇڪتاڻ واري

ڪيفيت ۾ رهندا آيا آهن. فلسفي ۾ انهن مان هڪ ڏُر کي جڙ–وادي ۽ ٻيءَ کي مايا ـ وادي (تصوريت پسند) جي نالن سان سڏيو ويو ٿو.

تصوريت جي ابتدا ۽ پوري اوسر يا واڌ مذهبن جي هنج ۾ ٿي آهي، جيڪي چون ٿا تہ "خالص" روح، "نج" آتما، "پرم" آتما يعني خيال، مادي جو ناهيندڙ آهي، جڏهن تہ اُن جي اُبتڙ ماديت جو بنياد هيءَ ويساهہ آهي تہ "وجود (يعني مادو) خيال کي پيدا ڪندڙ آهي."

اينگلس لکي ٿو: "مذهب ماڻهوءَ جي تنگ (محدود) خيالن مان ڄائو آهي." اينگلس جي ڳالهہ بجا طور تي درست آهي. ماڻهن جا تنگ خيال ان ڪري هئا جو اُهي جهالت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جو شڪار هئا. قديم ماڻهن لاءِ اڻ ڄاڻائي ٻِني قسم جي هئي ـ فطرت کان اڻ ڄاڻائي، پاڻ کان اڻڄاڻائي.

اول اول ماڻهن کان وڏيڪ سگهارن وجودن کي مڃيندي جيڪي وري بہ ڪنهن مادي صورت ۾ تصور ڪيا ٿي ويا، قديم ماڻهو آهستڙي آهستڙي، پاڻ جهڙن عام ماڻهن جي روحن کان برتر روحن جي صورت وارن "خدائن" جي وجود کي مڃڻ لڳا ۽ اهڙيءَ ريت خدائن جي هڪ وڏي انبوهہ پيدا ڪري گڏرڻ ڪانپوءِ جن مان هرهڪ جو پنهنجو پنهجو ۽ خاص ڪارج هو ـ جيئن پراچين يونان ۾ مڃيو ٿي ويو ـ ماڻهو هڪ خدا جي تصور تائين پهتا ۽ پوءِ اڄوڪو يڪ خدائي مذهب پيدا ٿيو. ايئن اسين ڏسون ٿا تہ مذهب جو مُنڍ، اُن جي اڄوڪي شڪل ۾ بہ ماڻهوءَ جي اڻ ڄاڻائي ئي آهي ـ اڻڄاڻائي فطرت کان ۽ اڻڄاڻائي پنهنجي پاڻ کان.

ماديت اُن جي اُبتڙ اڻ ڄاڻائيءَ جي اُنهن حدن کي هٽائي، پري ڪرڻ جي ڪوشش جو نتيجو آهي. اُهي طاقتون جن تصوري خيال پئي رکيا آهن، اُنهن سماج جي تاريخ ۾ سدائين اڻ–ڄاڻائي ۽ جهالت کي پئي پاليو ۽ تاتيو آهي. اوائلي يونانين جو سڄو شعور ديو ـ وارتائي هو. مثال ڪهڪشان (جنهن کي اسين اڄ بہ "آڪاس ندي" يا اُن مان تري ويندڙ "نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جو ليڪو" چئون ٿا، اُن لاءِ هنن جي ڄاڻ هئي تہ اُهو سندن سورج ديوتا، اپالو جي پٽ زيئس جي ساهيڙي، هيرا ديويءَ جي ٿڻن مان اُڏمجي وهيل ٿڃ جو پٽو هو (جنهن تان ئي شايد انگريزيءَ ۾ اُن جو عام نالو اڄان تائين بہ (دي ملڪي وي) "کير جو پٽو" هليو اچي ٿو). نيٺ جڏهن ڊيموڪريٽس (ق م 370–460) کين ٻڌايو تہ اهو تہ رڳو تارن جو هڪ اننت ميڙ هو تہ ماڻهن وني گوڙ ڪيو تہ "اهو ائين چوڻ تہ ڪفر آهي!" ۽ اُنهن جي هڪ ٻئي فيلسوف، انڪسا گورس (ق م 428–500)، جڏهن سچ لاءِ کين چيو تہ اُهو سندن "خالق ۽ مالڪ" "اُپالو" ديوتا نہ پر باهہ ۾ ويڙهيل پٿر جي اننت چپ

هو تہ ماڻهو هن تي مڃرجي پيا ۽ ڪيس طرحين طرحين عذاب ڏنائون. چي، ”ماڻهوءَ جي ڳالهہ ”خدا“ جي ڳالهہ کان مٿي ڪيئن ٿي!“

”ماضيءَ جي مُرسل“ جنهن کي اسين تاريخ چئون ٿا، سا شاهدي ڏئي ٿي، تہ اڄ کان اڍائي هزار ورهيہ ڪن اڳ يونان جي شهر اٿينس ۾ تنهن زماني جو هڪ ڏاهو ۽ گامون سچار رهندو هو. سندس نالو سُقراط چون ٿا. هي حق گو انسان پنهنجي هڪ ننڍڙي ۽ محدود ماحول ۾ لامحدود ڪائنات متعلق سچ جا ٻول ۽ احترام آدميت جي صداقت جي آذان، عوام ۽ خاص ڪري نئين ٿهيءَ جي ڳڀرو نوجوانن ۾ بلند ڪندو رهندو هو. جيڪا ڳالهہ تنهن دؤر جي رائج انا پرست شريعتن جي تعليم جي بنهہ اُبتڙ هئي، بس پوءِ ڏاڍ، ڏمر ۽ قهر جا نيش ۽ ننهن، سچ جي چم ۽ ماس کي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ لاءِ تکا ۽ تيز ڪيا ويا. سقراط تہ زهر جو پيالو پي، جند ۽ جان فدا ڪري ويو پر هو آزاديءَ جي اظهار ۽ سچ جي اُڏام کي تاريخ ۾ هڪ امر مقام عطا ڪري ويو.

هيءَ ڪشمڪش، جيڪا انسان ذات جي تاريخ ۾ سدا جاري رهي، هڪ اهڙي ڪشمڪش جيڪا اڄ اسان جي پنهنجي دؤر ۾ بہ اهڙي ئي زوردار نموني هلندي ٿي رهي، جهڙي روزِ اول کان هئي، سا حقيقت ۾ اڻ ڄاڻائيءَ ۽ ڄاڻ، عقليت ۽ غير عقليت، علم ۽ جهالت، انڌ-وشواسي عقيدن ۽ سائنس جي وچ ۾ ڪشمڪش آهي. هيءَ ڇڪتاڻ هيءَ جنگ آهي ٻن لاڙن جي وچ ۾، جن مان هڪ انسان ذات کي اوندهہ ڏانهن نئي ٿو ۽ اوندهہ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ٻيو، اُن جي اُبتڙ، اوندهہ جي جاءِ تي روشنيءَ جي فتح گهُري ٿو ۽ اُن وسيلي اُهو ماڻهوءَ جي آزاديءَ جو خواهان آهي، ۽ اُن لاءِ ڪوشش ڪري ٿو.

مذهب ازل کان وٺي ماڻهن کي عملي زندگيءَ جي ڪشالن کان فراريت، انسان کي درپيش حقيقي سماجي مسئلن جي حل ڳولڻ کان بيزاري، دنيا کان لاتعلقيءَ جو درس ڏيندو آهي- ”انسان جون سيئي خواهشون فضول آهن، بيڪار آهن. انسان ڪڏهن بہ خوش نٿو ٿي سگهي، اقتدار، خوشي، دولت، دنيوي سک، وغيره، هن دنيا ۾ ڪڏهن بہ حاصل نٿا ڪري سگهجن. ڇاڪاڻ تہ اُنهن جو ڪو وجود ئي ڪونهي.... ڪاميابيءَ پنيان ڀوڙڻ، دولت جي آرزو ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. اهم شيءِ اها آهي تہ زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ حاصل آهي، تنهن تي شُڪر ڪرڻ گهرجي“.... وغيره وغيره.

تصوريت (مايا_واد) جيڪا پنهنجي جوهر ۾ "مذهب"، "دين"، "الاهيات"، آهي، تنهن جي بنيادي تعليم جا مکيہ ۽ خاص نُقطا هي آهن:

- مادي دنيا روحاني دنيا تي آڌاري آهي.
- روح يا ذهن. تصور (خيال) مادي کان الڳ وجود رکي سگهي ٿو ۽ رکي ٿو. (جيئن اها دعويٰ تہ مادو بلڪل موجود ڪونهي. اُهو نيارُ "مايا" _ نظر جو دوکو آهي)
- غيب ۽ اَڪلُ (ڄاڻ ۾ نہ ايندڙ) جي دنيا موجود آهي_ جيڪا اُن سڀ ڪجهہ کان بہ "مٿي" "پرانهين" يا اُن جي پٺيان آهي، جيڪو سوجهيءَ، تجربي ۽ علم (سائنس) وسيلي ڄاڻي سگهجي ٿو.

ماديت (جڙ_ واد) جي بنيادي تعليم تصوريت (مذهب) جي انهن ٽنهي دعوائن جي عين مقابل هن ريت بيٺل آهي.

- دنيا پنهنجي سڄيءَ فطرت ۾ مادو آهي ۽ هر شيءِ جيڪا موجود آهي، مادي سببن جي ڪري ئي وجود ۾ اچي ٿي ۽ مادي جي تحرڪ جي قانونن مطابق اُسري ٿي ۽ وڌي ٿي.
- مادو ذهن کان ٻاهرتو . آزاد ۽ معروضي حقيقت آهي، ۽ بجاءِ اُن جي تہ ڪا شيءِ مادي وجود کان جدا هجي، هر ذهني يا روحاني شيءِ مادي سلسلي عمل جي ئي اُپت يا پيداوار آهي.
- دنيا ۽ اُن جا قانون پوريءَ طرح ڄاڻي سگهڻ جهڙا آهن ۽ توڙي جو وقت جي هڪ نہ ٻئي مرحلي تي گهڻو اَڄاتل ئي رهي، پر ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي، جيڪا پنهنجي فطرت ۾ اَڪلُ (ڄاڻ ۾ اچڻ کان ٻاهر) هجي.

اسين ٻنهي فلسفن جو تَتُ پيش ڪرڻ کانپوءِ هاڻي اُن ڳالهہ جي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسون تہ هڪ ماڻهوءَ جي عام سماجي زندگيءَ تي اهي فلسفا ڪهڙيءَ ريت اثرانداز ٿين ٿا. انهن جو سماجي ڪارج ڪهڙو آهي؟ عام ماڻهو انهن مان ڪنهن کان وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو؟ اچو تہ انهن ڳالهين واسطي عام رواجي روز مرهہ جي سماجي زندگيءَ تي هڪ نظر وجهي ڏسون. اسين هتي سماجي زندگيءَ سان لاڳاپيل هڪ سوال پيش ڪريون ٿا ۽ پوءِ اُن جي حل لاءِ ٻنهي مڪتبہءِ فڪر سان رجوع ڪريون ٿا. ڏسڻو اهو آهي تہ اُهي مسئلي کي ڪهڙيءَ ريت حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

سوال آهي: "ماڻهو شاهوڪار ۽ غريب ڇو آهن؟" هي هڪ اهڙو سوال آهي، جيڪو تمام گهڻا ماڻهو خاص ڪري غريب ماڻهو اڪثر پڇندا رهندا آهن. يا عام گڏجاڻين، نجي ڪچهرين ۽ محفلن ۾ ڪندا رهندا آهن.

هڪ مايا- واد مذهبي ماڻهو ان جو سڌو سنئون جواب ڏيندو ته ائين انهيءَ ڪري آهي جو خدا انهن کي ائين بڻايو آهي. اها خدا جي مرضي آهي ته ڪي ماڻهو شاهوڪار هجن ۽ ٻيا غريب هجن- ٻين لفظن ۾ هيئن کڻي چئجي ته خدا جنهن کي وڻي، تنهن کي ڏَن، دولت ڏئي يا غربت ۽ بُک. يا وري هيءُ به چيو ويندو آهي ته، "سندس نصيب ۾ ائين ئي لکيل آهي!"

هڪ جڙ- واديءَ جو مؤقف هوندو ته ان حالت- غريبي يا شاهوڪاريءَ -جي سببن جي ڳولا ڪجي، سماجي زندگيءَ جي مادي ۽ اقتصادي حالتن ۾ اُن جا ڪارڻ ڳولجن. هو چوي ٿو: جيڪڏهن سماج شاهوڪارن ۽ غريبن ۾ ورهايل آهي، ته اُهوان ڪري، جو زندگيءَ جي مادي ذريعن جي پيداوار يا اُپت اهڙيءَ طرح انتظاميل آهي، جو ڪن وٽ زمين جي اُپت ۽ اُپت جي ٻين ذريعن جي ملڪيت آهي ۽ باقي ٻين کي اُنهن ملڪيتدارن لاءِ ڪم ۾ ڳهٽو پوي ٿو (جيڪي پاڻ اُن ملڪيت سبب پنهنجي لاءِ به ڪونه ٿا ڳهن!) ڪيترو به سخت ڪم هو ڪن ۽ ڪيترو به ڪوئن ۽ ڪسوئن ۽ بچائين، پر اُهي غير ملڪيتدار ماڻهو غريب ئي رهندا ۽ ملڪيتدار ماڻهو اُنهن جي پورهئي جي ميوي تي وڏ کان وڏ شاهوڪار ٿيندا ويندا.

جيڪڏهن اسين شاهوڪاريءَ ۽ غربت جي حقيقتن لاءِ تصوراتي (مذهبي) سمجهاڻي قبوليون ٿا، ته اُن لاءِ اسين فقط اهو ئي ڪري سگهون ٿا ته موجوده صورتحال کي تسليم ڪريون ۽ خاص طرح پنهنجي بهتر حالت يا درجي تي خوش ٿيون، ۽ ٿورو ڪجهه صدقي، خيرات ۽ زڪوات جي صورت ۾ ڪڏهن ٻين کي ڏيون ۽ وڏيڪ خوش ٿيون ۽ جيڪڏهن غريب آهيون ته پنهنجي ڀاڳ کان ڀانيون يا اُن کي ويهي پِٽيون ۽ گهٽ وڌ ڳالهايون. پر سماج جي جڙ- واد سمجهاڻيءَ جي روشنيءَ ۾ اسين سماج کي تبديل ڪرڻ واري رستي جي ڳولا ڪري سگهون ٿا ۽ اُهو اسين دريافت به ڪري سگهون ٿا.

معلوم ٿيو ته ماديت پسند (جڙ- واد) فلسفو عقليت تي ٻڌل، مظلومن کي نجات ڏيارينڊڙ ۽ انسان دوست فلسفو آهي، ان جي اُبتڙ تصوريت پسند (مايا واد) فلسفو يعني مذهبي فلسفو عوام ورڌُ، سرمايه دوست نظام جو حامي ۽ رجعتي پروپيگنڊا جو مددگار آهي. اهو فلسفو سڀ قسم جي دقيانوسي سوچ، ڀرم ۽ انڌ-

وشواسيءَ کي فائدو ڏئي ٿو اسان کي پنهنجيءَ پر ۾ سوچڻ کان ۽ اخلاقي ۽ سماجي مسئلن ڏانهن عقليت پسند ۽ سائنسي رُخ اختيار ڪرڻ کان روڪي ٿو. اُهي (مايا ـ وادي) اسان کي ٻڌائين ٿا ته، "اسان کان پنهنجا انساني مسئلا سواءِ اندر جي اُبڙڪي/ ڪنهن اُپار جي، سواءِ ڪنهن "روحاني آبياري" جي، ڪڏهن به حل ٿي نه سگهندا. پيٽ پريل ماڻهن جي ڳالهين ۽ تقريرن جو هي ڳُل وقتي دل پسند موضوع هوندو آهي، پر ڪيترائي هٿ پورهيت ـ کيتن ۾، ڪارخانن ۾، آفيسن ۽ رستن تي ڪم ڪندڙ ـ به اهڙن ڏٺن، منن ۽ ننڍاڪيندڙ لفظن ۾ ڦاسي پون ٿا. خدائي ڏاهپ جا ترجمان اسان کي پنهنجين حالتن کي بهتر بڻائڻ واسطي جدوجهد ڪرڻ لاءِ نه پر پنهنجي اندر کي، روح کي، آتما کي سڌارڻ ۽ اُجارڻ لاءِ چوندا آهن. اُهي ڪڏهن به اسان کي ائين نه چوندا آهن ته مادي ۽ اخلاقي طور پاڻ کي بهتر بنائڻ لاءِ اسان کي پنهنجي دنيا ۾ هلندڙ امن لاءِ سوشلزم لاءِ جدوجهد ۾ شامل ٿي وڃڻ گهرجي.

فلسفي جي سڄيءَ تاريخ ۾ اسين تصوريت ۽ماديت جي وچ ۾ لڳاتار اهڙين نظرياتي ڇڪتاڻ، نظرين جو ٽڪراءُ، ڪشمڪش ۽ مقابلو هلندي ڏسون ٿا. ماديت جو سڄو ڪارج ۽ پورو اُمنگ سدائين انساني مسئلن جي عقلي ۽ سائنسي حل ۽ اُن لاءِ جاکوڙ ۾ سمايل آهي.

ماديت پسندي جيئن ته عقل، سائنس ۽ عقل سليم تي ڀروسو ڪري ٿي، تنهنڪري اُنهيءَ ۾ هميشه تشڪيڪ پسندي (معروضي حقيقت جي استدراڪ جي امڪان تي شڪ ڪندڙ نظريو)، شڪ جو هڪ صحتمند حصو شامل هو. ڪنهن به شيءِ کي عقيدي طور قبول نه ڪرڻ، هر شيءِ تائين پاڻ پهچڻ، هر شيءِ جي جاچ ڪرڻ، هر شيءِ کي آزمائڻ ـ اُهي ماديت پسند زمانه شناسيءَ جون خاصيتون آهن.

ماديت پسند فلسفين شروع کان وٺي، هن ڪائنات ۽ اُن جي اسرارن کي سمجهڻ، انساني مادي مسئلن جي قبول جوڳي حل ڳولڻ واسطي انهن خاصيتن ۽ سائنسي اُصولن کان ڪم ورتو جنهنڪري اُهي ڏاڪي به ڏاڪي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندا ويا ۽ ڪائناتي اسرارن تان پردو کڻندا ويا. ان ريت قدرتي سائنس جي مطالعي ( ۽ ان ۾ ترقيءَ) ۽ ڪاميابيين ٽن عظيم ايجادن يا کوجنائن کي جنم ڏنو.

- جيو گهرڙي جي دريافت ۽ کوجنا: اهو تسليم ڪيو ويو ته سڀ جانور ۽ ٻوٽا مختلف قسمن جي جيو گهرڙن مان ٺهيل آهن.

- توانائيءَ جو پاڻ محفوظ رکڻ ۽ منتقل ٿيڻ واري خوبيءَ جي دريافت.
- چارلس ڊارون پاران ٻوٽن ۽ ساهوارن جي جنسن جي اصليت بابت ارتقائي نظريو.

انهن ٽن عظيم کوجنائن، هڪ نئين رستي سان قدرت جي تجزئي ۽ اڀياس جي راهه ڏيکاري، انهن کوجنائن ثابت ڪري ڏيکاريو ته قدرت جامد يا هڪ هنڌ بيٺل نه آهي. ننڍي کان ننڍي ذرڙي کان وٺي گرهن ۽ ستارن تائين، واريءَ جي ڪڻي کان سج تائين، هڪ ننڍڙي جيو گهرڙي کان ماڻهوءَ تائين هر شيءِ لڳاتار چرپر ۽ تبديليءَ جي عمل ۾ آهي. انهن ٽنهي کوجنائن مابعد الطبعياتي سوچ رکندڙن جي تنگ نظريءَ وارن طريقن کي پيچي پورا پورا ڪري وڌو.

مذهب، جنهن اڳ ۾ به دعوي ڪئي ۽ اجان به ڪري ٿو ته اُهو فلسفي جي دليل بازين ۽ بحث مباحثن ۽ سائنسي کوجنائن کان بالاتر آهي، بلڪ تنقيد کان بالاتر آهي، تنهن جڏهن محسوس ڪيو ته سائنسي، مادي ۽ فطرتي سمجهاڻين کي وڌيڪ بهتر نموني ۽ پوريءَ طرح ڪاميابيءَ سان منهن ڏيئي نٿو سگهجي، تڏهن اُن ماڳهين مادي جي وجود جو ئي انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انساني دنيا ۾ مادي نظرين، مادي فلسفين خلاف اعلان جنگ ڪيو جيڪو اڄ به اسان جي پنهنجي دؤر ۾ به ماديت جي جديد شڪل، جدلياتي ماديت سان ائين جاري آهي- اُن کي اڄ به مذهبي حلقن طرفان پڪيڙي ۽ بدزيبو بڻائي پيش ڪيو پيو وڃي ته جيئن ماڻهو اُن جي ويجهو به نه وڃن. گدڙ ڊاک نه پُڄي، آکي ٿُو کٽا!

مذهبي پيشوائيت، جڙ–واد خلاف منفي پرپٽگنڊا، تعصب ۽ حسد هڪ طويل عرصي کان منظم نموني اُپاريندي ۽ وڌائيندي رهي آهي. ماديت لفظ مان تنگ نظر، جاهل، فقط ٻُک ۽ نشي خوري، اک جو موهه ۽ جسم جو موهه، اهنڪار، لالچ ڪنجوسپائي، نفعي خوري ۽ سٽي بازاريءَ جو مطلب ته ڪين اُن ۾ سڀ اُهي گنديون برايون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جن ۾ اُهي پاڻ کي خانگي/ ذاتي طور تي خوب وڪوڙيل ڏسن ٿا، جڏهن ته اُهي پاڻ کي سراپا سچ، نسورو نور، نيڪيءَ، ايمان ۽ پارسائيءَ جو مجسمو خيرات، زڪوات، عمل جهڙن آدرشن ۽ اخلاقي قدرن جي چيمپيئن ۽ صاف سٿريءَ دنيا ۾ رهندڙ سمجهن ٿا.

اسان کي انهيءَ تي ڪوبه اعتراض ڪونهي ته مذهبي مهندار سڀ گورا پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿا سمجهن يا پنهنجي ثنا ۾ ڇا ٿا ٻڌڻ گهرن، پر انساني فڪر ۽ عمل جي هن دنيا ۾ رڳو ڪي سنا آدرش ۽ سهڻا سخن لفاظيءَ طور استعمال ڪرڻ، عمل جي ميدان ۾ انهن تي ذري برابر به عمل نه ڪرڻ ۽ فقط پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ

۽ اُنهن جي بنياد تي نيڪيءَ ۽ پارسائيءَ جي دعويٰ ڪرڻ، انساني ڪهل، محبت ۽ همدرديءَ جهڙن اعليٰ انساني صفتن تي فقط پنهنجو ئي حق جتائڻ ۽ اُنهن جو پرچار وغيره ڪرڻ وڏي معنيٰ ڪونہ ٿو رکي. اصل ڳالهہ عمل جي هوندي آهي.

جيڪڏهن مٿي دعويٰ ڪيل گُڻ ۽ سهڻا سخن عمل جي ڪسوٽيءَ تي پورا نٿا لهن، تہ پوءِ اُهي خيال، قدر، گُڻ يا آدرش ٺلهو هڪ ٻوليءَ جا لفظ يا اصطلاح ئي وڃي ٿا باقي بچن.... ڪابہ معنيٰ ۽ مراد اُنهن ۾ باقي ڪانہ ٿي بچي ۽ اُنهن جو جَپُ يا ورد ۽ اُنهن جي ٻي ڪا حمد ۽ ثنا، تعريف ۽ تشريح رڳو بُت پرستانہ لفاظي ۽ وِنڌ ٻڌجي وڃي ٿي، يا خود فريبيءَ، طِفل تسليءَ، ڪنهن منافقيءَ ۽ مڪر جو تہ ڪم ڏيئي سگهي ٿي، پر ٻيو اُن جو ڪو ڪارج ڪونہ ٿو رهي. مقدس کان مقدس لفظ، اصطلاح يا ڪلمات بہ ائين انساني تجربي يا عمل جي ساهہ سُڏير يا تخليقي دائري مان نڪري فقط ٻوليءَ جي زينت يا پرتيءَ جا آواز ٻڌجي وڃن ٿا ۽ پوءِ اڪثر اُنهن جي مالڪي يا وارثي جتائڻ وارا منافق ۽ مڪار اُنهن جي نالي ۽ آڙ ۾ ظالم ۽ ڏاڍ جي بازار لڳايو، رڳو پنهنجو مفت خورو ۽ ڪائو وجود قائم ڪيو ويٺا رهندا آهن.

مذهبي مهندارن اهڙن سپاويڪ لفظن ۽ اصطلاحن کي خوب ڪئش ڪرايو آهي ۽ اُنهن کي ڍال طور استعمال ڪندي، پارسائيءَ جي لبادي ۾ ويڙهجي مظلوم ۽ محروم خلق مٿان پنهنجو پرماري وجود مڙهيو ۽ اُن کي قائم رکيو آهي. مذهبن جي تاريخ پڙهي ڏسو سيئي مذهب هر دؤر ۾ آباديءَ جي رعايت يافتہ طبقي جي مفادن جا، اُنهن جي حقن جا، اُنهن جي طرز زندگيءَ جا، اُنهن جي آزادين جا اٽل محافظ بڻبا رهيا آهن.

اسان وٽ، سنڌ ۾ پڻ جتي وڏيرا شاهي سڄي انساني خلق، بلڪ چوپائي خلق سميت سڄي ڏيهہ کي ڳچيءَ کان جهليو ۽ گهُٽيو بيٺي آهي، ان کي ساهہ نٿي کڻڻ ڏئي، تڏهن اُتي مذهب، اُن جي حمايت ۾ بلڪ اُن سان گڏ بيٺل ۽ استعمال ٿيندي ڏٺو ويو آهي، مذهب جي شريعت جو پک ۽ طريقت جو پک، اُن وڏيرا شاهيءَ جي پٺڀرائيءَ ۾ بيٺل آهي، بلڪ طريقت يعني پيري، سجاده نشينين جو ڄار ۽ سنڌ جو خاص سيدپڻو شريعت کان بہ وڏيڪ ـ ڇو تہ پير ۽ مُرشد پاڻ ئي اسان وٽ وڏين وڏين زميندارين جا مالڪ آهن ـ اهي ڳٺ جوڙ ڇاڪاڻ تہ انفرادي ۽ گروهي مفادن جي پاسبانيءَ جي چڪر ۾ ورتل آهن، انهيءَ ڪري انهن جا قدر بہ انفرادي ۽ گروهي آهن. قدامت پسند، رجعت پسند، اقتدار دوست ۽ انقلاب دشمن ـ ۽ اُنهن جو اجتماعي قدرن، جدت پسند، ترقي مائل ۽ اقتدار دشمن ۽ انقلاب دوست قدرن سان ٽڪر لازمي ۽ اٽل آهي. ۽ ان معرڪي ۾ اجتماعي قدرن جي سوڀ سان ئي

مظلوم سنڌ جي مجبور ۽ محروم عام خلق پنهنجي ڇوٽڪاري ۽ بهتر زندگيءَ جا امڪان وابسته ڏسي سگهي ٿي.

اهو ئي ڪارڻ آهي ته سنڌ ۾ اڄ جو سڄاڻ ۽ ساڃاهه وند ماڻهو شعور جي پختگيءَ جو مظاهرو ڪندي، دقيانوسي نظرين کان پنهنجو پلئه آجو ڪرائي، سڄيءَ دنيا ۾ رائج جديد ترين انسان دوست نظرين کي قبول ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته هو اُنهن ۾ پنهنجي ئي مذهبي ٺيڪيدارن کي پريشان ڪري ٿو ۽ سندن ننڊون ڦٽائي ٿو.

آئون اڄ به ايئن سمجهان ٿو ته اسان جِي، مطلب ته خاص طرح سنڌ جي صورتحال اها ئي آهي، جيڪا انقلاب فرانس کان اڳ فرانس ۾ سماج جي هئي، يورپ جي ٻين قومي سماجن جي هئي، جهڙوڪ پولنڊ، اٽليءَ ۽ آئرلنڊ جي. اسان وٽ اڄ به وڏيرا شاهي قابض آهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن اهڙيءَ ڏاڍائيءَ جي شهه تي پنهنجن ماڻهن تي سدائين الريو بيٺي آهي ۽ اُنهن کي قبيلن ۾، ذاتين ۾ ۽ دين ڌرم جي فرقن ۽ ويڇن ۾ ورهايو ۽ ويڙهايو پست خيال، بي حس ۽ پنهنجي وجود جي قدر ۽ وزن کان بي خبر رکيو ويٺي آهي. تاريڪ خيالي آهي، جا سڄي عوام جي مغز کي دونهاٽيو ۽ ٻوساٽيو بيٺي آهي، بلڪ اسان جا علماءِ ڪرام ۽ مشائخ يورپ ۾ اُن اونداهي دؤر جي مسيحي ڪليسا وانگر، پاڻ ئي وڏا وڏيرا بڻيا، اُن پنهنجي ديني ۽ دنيوي "عام مختياري" جي بچاءُ ۾ پنهنجي تقدس ۽ تسبيح سان بلڪ پنهنجي خدا ۽ رسول جي حرمت کي به داوَ تي لڳايو ميدان ۾ بيٺا آهن.

جڏهن ڪو مذهب يا نظريو مظلوم ۽ محروم خلق جي ترجمانيءَ ۽ طرفداريءَ کي ڇڏي، جنهن سان اُن جي ڪڏهن ابتدا ٿي هئي، سڄي سماج ۽ پيار ۽ پوڄا پاٺ جو بُت بڻجي وڃي ٿو (مطلب ته اُن کي ائين بڻايو وڃي ٿو) يعني ظالم خلق جو به اُهو ئي مذهب ته مظلوم خلق جو به اُهو ساڳيو مذهب۔ تڏهن اُهو مذهب يا نظريو طاقتور ۽ ظالم خلق جي ئي تصور ۽ تحفظ ۾ هئڻ سبب، صرف اُن ئي ظالم خلق جي هٿ جي هٿيار جو ڪم ڏئي ٿو ۽ اُن جي سڄي تعليم ۽ تدريس پوءِ "فرماني" تعليم جي صورت ۾ رُخ وٺي بيهندي آهي ۽ اُهو نظريو يا مذهب پوءِ ظالمن کان مظلوم خلق جي آزاديءَ يا ڇوٽڪاري جو وسيلو هرگز بڻجي نٿو سگهي. پوءِ ڪيتريون به ڪٽي اُهو پنهنجي ازلي ۽ ابدي، اصلي يا آخري هجڻ جون دعوائون ڪري.

اهو ئي سبب آهي ته دنيا جا عقليت پسند، ترقيءَ جا خواهان، باشعور، سڄاڻ ۽ ترقي پسند ماڻهو جديد نظرين ڏانهن لاڙو رکن ٿا. ڪين جڙ۔ وادي فلسفي ۾ اڄ به

ڪُل انسان ذات جي نجات جو اولڙو نظر اچي ٿو. اُهي اِج بہ جڙ_ وادي فلسفي کي انسان دوست فسلفو سمجهن ٿا.

جڙ_ وادي فلسفي جيئن تہ سڄيءَ دنيا ۾ مذهبي ٺيڪيدارن جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن. ڪين پنهنجا مفاد ۽ پنهنجو وجود خطري ۾ محسوس ٿيندي نظر اچي رهيا آهن. اصل حقيقت هيءَ آهي تہ بنياد پرست هر شيءِ کان وڌيڪ خيالن ۽ نون نظرين کان ڊڄن ٿا, انهن جي پنهنجي دنيا تي وچئين دؤر جو نظريو ايترو تہ حاوي آهي جو اُهي اطلاعن (ڪميونيڪيشن) تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ چاهين ٿا تہ جيئن تخليقي ۽ اهڙيءَ طرح سندن خيال موجب "تخريبي" خيال وڌڻ ويجهڻ نہ شروع ٿي پون.

سچُ آ, ڪنهن بہ بغاوت کان, باغي گيت ٻُرو آهي,
اوندا هيءَ جي راڪي جي ڇاتيءَ منجهہ ڇُرو آهي.

(اياز)

شيخ اياز اهڙي قسم جي سازشن کي خبردار ڪرڻ واسطي سنڌ جي سپوتن, ڏانهن هڪ امر پيغام موڪليو آهي, هو چوي ٿو:

"سنڌ جا سپوتو! مدي خارج سنڌي دماغ هڪ منظم سازش ڪري, اج سنڌي شعور جي ارتقا کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. مون پهرين تہ اُنهن جي حرڪتن کي ڏسي لنوايو هو تہ سنڌوءَ جي ڌارا کي بہ ڪُميون ڇا روڪينديون! پر اج هو هزارين حربا استعمال ڪري رهيا آهن. مڪر, فريب, دروغ گوئي, صحافتي بدديانتي, سياسي ۽ مذهبي اشتعال انگيزي, اقتدار ۽ اختياريءَ اڳيان روئڻ رڙڻ, ليلڙاٽيون ڪرڻ, ليٽڙيون پائڻ تہ جيئن حق جو آواز دٻجي وڃي ۽ جيئن سنڌي زبان, ادب ۽ ثقافت جا حمايتي هيسجي وڃن.

"مون کي منصور جي اُنهن چپن جو قسم آهي, جي ڪپجي ويا هئا تہ بہ اناالحق چوندا رهيا هئا تہ اوهان جا جوان اديب, هر ڌمڪيءَ ۽ دڙڪي جي باوجود, اوهان جي ادب ۽ زبان جي مشعل بلند رکندا, منهنجي ۽ اوهان جي حقيقت ڪجهہ بہ نہ آهي, جيستائين سنڌ نہ آهي, سنڌي زبان نہ آهي ۽ سنڌيت نہ آهي."

## 4_ تهذيبي، تمدني قدر ۽ مذهب:

محترم محمد موسيٰ ڀُٽي صاحب جو الزام آهي تہ:

“اسان جي نظر ۾ سندس ڪردار جو سڀ کان اهم پهلو جيڪو سنڌ ۽ اهل سنڌ لاءِ نهايت هاڃيڪار آهي، جنهن ڪري سنڌ جا هزارين پڙهيل لکيل نوجوان پنهنجي تهذيب، روايتن ۽ قدرن کان محروم ٿي ويا آهن.... سنڌ ۾ ماده پرستيءَ جي جنهن فڪر جو ٻج هن 60_50 سالن کان وٺي پوکيو آهي ۽ اُن جي آبياري ڪئي آهي، اُن فڪر جي نتيجي ۾ سنڌي سماج کي ڇا مليو؟ ماضيءَ کان بغاوت، مثالي قدرن کان بغاوت، پاڪيزه تهذيب کان بغاوت، سماج ۾ مسلسل انتشار، ڦيٽاڙو جذبات جو مظاهرو، مارا ماريءَ جي فضا، سڪون ۽ اطمينان جو خاتمو وغيره وغيره.”

الزامن جي انهيءَ فهرست کي اسين ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا. (1) مثالي قدرن، پاڪيزه تهذيب، آفاقي قدرن وغيره کان بغاوت ۽ (2) سماج ۾ مسلسل انتشار، ڦيٽاڙو، مارا ماريءَ جي فضا، وغيره وغيره. هتي اسين پهرئين حصي جو جائزو وٺون ٿا ۽ ٻئي حصي جو جواب هڪ ٻئي عليحده مضمون ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

محترم موسيٰ صاحب! اسان کي اول اِهو ٻڌائڻ جي زحمت ڪرڻ فرمايو تہ سنڌ جو ماضي، اُن جا مثالي قدر، پاڪيزه تهذيب ۽ آفاقي قدر توهان جي نظر ۾

ڪهڙا آهن. جن ڪان سنڌي سماج، سنڌ جي نوجوانن بقول توهان صاحبن جي، اسان جي برغلائڻ تي بغاوت ڪئي آهي.

اسان جي نظر ۾ سنڌ جا تهذيبي، تمدني ۽ آفاقي قدر هي آهن:

سيني انسانن سان پيار ڪرڻ، سيني لاءِ خيرُ گهرڻ، سيني لاءِ هڪجهڙائي، آزادي، هڪ جهڙو انصاف، اُخوت ۽ برابري، روشن خيالي، سَهَپ، مَنش مريادا ۽ شانُ، مهمان نوازي، ڳَهَلَ ڪرڻ، نيڪي، معاف ڪرڻ، راڳ رنگ، موسيقي، ميلا ملاکڙا، سماجي ريتون رسمون، سنؤڻ ساٿ، زندگيءَ جي تانَ تي رقص ڪرڻ، زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ شريڪ ٿيڻ، ننگن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ ماءُ تان گهور وڃڻ، وغيره وغيره.

**هڪ جُوءِ، ٻي جوءِ، ڇڏين ڪين جوان،**
**اهڙا ٻي انسان، جيڪي ننگن تان نثار ٿيا.**

محمد موسيٰ صاحب! فيصلو توهان تي آهي، توهان ئي نياءُ ڪري ٻڌايو ته سنڌي سماجَ ۽ سنڌي نوجوانن اُنهن مان ڪهڙن قدرن کان بغاوت ڪئي آهي؟ توهان هرو ڀرو ڪٽي پنهنجي اکين تي مذهبي ڪٽرپڻي جي عينڪ چاڙهي آهي ۽ هر ڪنهن ڳالهه کي اُنهيءَ عينڪ جي مدد سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا. حالانڪ زندگيءَ ۾ ٻيون به گهڻيون ڪجهه حقيقتون آهن، جن کان مُنهن نٿو مَٽي سگهجي. جيئنتائين تهذيبي، تمدني ۽ سماجي سرگرمين ۽ قدرن جو تعلق آهي، سي ڪنهن به مخصوص مذهب جا محتاج هرگز نه هوندا آهن، بلڪ اُهي پنهنجي مخصوص ماحول ۾ ڏاڪي به ڏاڪي ارتقائي مرحلا ۽ منزلون طئي ڪندا، جُڙندا ۽ قائم ٿيندا رهندا آهن. اها جوڙ ۽ اُپج انسان جي حس ۽ شعور سان لاڳاپيل ۽ اُن جي ماتحت هوندي آهي. جيئن ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ خوب چيو آهي ته، ”ثقافت دراصل انسان جي تحت الشعور ۾ ماٺ ميٺ ۾ ڪم ڪندي ويندي آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن ساهه کڻڻ، هَلڻ ڦرڻ ۽ جسم جي ٻي چُرپُر حِس انساني ۽ شعور انسانيءَ جي تحت چُپ چاپ ٿيندي رهندي آهي، گويا، ثقافتي شعوري اوسر هڪ جِبلي حقيقت آهي، جڏهن ته مذهب هڪ نفاذي ۽ حُڪمي: جيئن مُلا حضرات چوندا آهن ته اسلامي قانون، مثلاً: خاص طرح پنج ارڪان نافذ ڪريو يا ٻين مذهبن ۾ اهڙا ڪي ڪريا ڪرم يا رسمون (Rituals) ادا ڪريو. مذهبي عقيدي، ارڪانن ۽ ڪِريا ڪرمن ۾ ڪا ردوبدل ۽ تبديليءَ جي اجازت نه هوندي آهي. جڏهن ته ثقافتي قدر وقت، حالتن ۽ انساني طبع جي ڦير گهير جي

نتيجي ۾ بدلجي بہ سگھن ٿا تہ منسوخ بہ ٿي سگھن ٿا. ڪي نوان بهتر کان بهتر پيداٿي سگھن ٿا. مطلب تہ مذهب انسان لاءِ هڪ طرح جبري صورت وٺي بيهي ٿو ۽ ثقافت اختياري. انسان مذهب جي پاروٿن. وقت ڪاڈل ۽ ڪم کان ويل ڳالهين کان باغي ۽ مُنڪر نٿو ٿي سگھي پر ثقافتي قدرن کان ڪن لاٿار بہ ڪري سگھي ٿو تہ اُنهن ۾ نوانڻ بہ آڻي سگھي ٿو. ٻئي طرف ائين بہ آهي تہ هو ڪنهن مذهب يا اُن جي ڪنهن فرقي کي قبولڻ يا نہ قبولڻ ۾ آزاد آهي. پر ثقافتي قدرن ۽ ضابطن سان ڪيس وري بہ في زمانہ جُڙجي رهڻو پوي ٿو. انساني قومي معاشري جي هڪ فرد جي حيثيت سان هُن جي سڃاڻپ سندس ثقافت جي حوالي سان آهي ۽ ان حيثيت سان اها سڃاڻپ قوم ۾ فساد يا انتشار جو سبب نٿي بڻجي. موسيٰ ڀٽو صاحب بہ سنڌ ۾ سيني سنڌين جي نظر ۾ هڪ جهڙو سنڌي آهي نہ ڪي عربستان جو ڪو عرب سڳورو يا ٻئي ڪنهن وطن يا قوم جو ٻيو ڪو ماڻهو.

محترم موسيٰ ڀُٽي صاحب کي معلوم هجڻ گھرجي تہ ثقافتي قدر ڪنهن وحي، الهام ۽ آسماني احڪامن جي نتيجي ۾ قائم نہ ٿيندا آهن. بلڪ اُنهن جو پنهنجو مقامي طور تي ارتقائي عمل جاري هوندو آهي. “هو جمالو” ڳائڻ لاءِ سنڌين تي ڪڏهن بہ ڪو وحي يا الهام نازل نہ ٿيو هو ۽ نہ ئي ڪنهن سنڌيءَ کي ڪو الهام ٿيو هو تہ سنڌي ماڻهو “هو جمالو” ڳائين. ياوري اهو تہ پنجابي ماڻهو “ماهيا” ڳائين. هرگز نہ! دراصل قومي تهذيب ۽ ثقافت جو وجود وطن جي وجود ۽ حقيقت سان لاڳاپيل هوندو آهي. جڏهن تہ مذهب جو وجود ڪنهن بہ جاگرافيائي حدن سان مشروط نہ هوندو آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ جيڪر دين اسلام عرب جي سرحدڪان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪري سگھي ها! مذهب جو بنياد الاهيات تي رکيل آهي ۽ ثقافتي ۽ تهذيبي قدرن جو عقليات يا معقولات تي.

محترم محمد موسيٰ صاحب! توهان کي مذهبي احڪامن ۽ اُنهن جي زير اثر ڪِريا ڪرمن ۽ قومي تهذيبي، ثقافتي ۽ تمدني سرگرمين ۾ ڪو بہ فرق نظر نٿو اچي! ان کان وڌ ٻيو ڪهڙو وڏو الميو توهان لاءِ ٿي سگھي ٿو!! توهان جي ڄاڻ ۾ اضافي لاءِ عرض آهي تہ دنيا ۾ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ مذهب کي ڪنهن نہ ڪنهن قوم جي ضرورت اوَس پوندي آهي. جڏهن تہ ڪنهن قوم لاءِ ڪو مخصوص مذهب هجڻ ضروري ناهي هوندو. چيني قوم وٽ پنهنجي قديم تهذيب ۽ ثقافتي ورثو محفوظ آهي. پر هنن وٽ ڪو مذهب مخصوص ناهي. اهڙيءَ طرح دنيا جي سيني قومن وٽ قومي ۽ مذهبي صورتحال اها ئي ساڳي آهي. تهذيبي ۽

تمدني قدر الڳ شيءِ آهن ۽ مذهبي عقيدا ۽ رسمي ڪم ڪار هڪ الڳ شيءِ. هاڻي اچو تہ توهان کي هڪ سادو مثال سمجهايون.

هڪ مومن مسلمان لاءِ قرآن پاڪ هڪ مُقدس ڪتاب آهي ۽ هُو اُن تي ايمان رکي ٿو پر اسين سنڌي قوم وارا ماڻهو مسلمان بہ آهيون تہ هندو، عيسائي، پارسي، ٻُڌ ۽ قادياني وغيره بہ. سنڌي قوم، يا ان طرح پاڪستاني قوم جي هر فرد لاءِ قرآن شريف تي يا گيتا ڀلاريءَ يا بائبل سڳوري تي ايمان آڻڻ لازمي ناهي.

هاڻي اسين هڪ ٻيو مثال کڻون ٿا. اسين سنڌي ماڻهو چوندا آهيون تہ، "نياڻي سَتَ قرآن آهي." اسان جي سنڌي سماج ۾ ان جو مطلب هڪ نياڻيءَ جو قدر ۽ اهميت ۽ عزت افزائي ڪرڻ آهي. اهو اسان جو هڪ سماجي قدر آهي. نياڻي اگر تي هلي اچي تہ اسين ماڻهو سَتَ پيڙهين کان هلندڙ خوني تڪرار، دشمنيون وغيره ختم ڪري ڇڏيندا آهيون. نياڻيءَ جي صدقي اسين سنڌي ماڻهو خون بہ بخش ڪري ڇڏيندا آهيون. اسين سنڌي ماڻهو نياڻيءَ کي ٻي مانو ڪڏهن بہ نہ ڪندا آهيون. زهر جو ڍُڪ تہ پي ويندا سين پر نياڻيءَ جي مُنهن ۾ گهُنج پوڻ نہ ڏيندا سين. اوڙي پاڙي واري جي نياڻيءَ جي عزت پڻ پنهنجي نياڻيءَ جيئن ڪندا آهيون. پاڙي جي نياڻيءَ، راڄ جي نياڻيءَ جو احترام ۽ عزت ڪندا آهيون. گس پنڌُ تي ڪٿي ڪنهن دشمن جي عورت يا نياڻي ايندڙ يا ويندڙ هجي، اسين سنڌي ماڻهو اُن جي احترام طور اُهو گسُ، اُها واٽ ئي ڇڏي ڪجهہ پريرا ٿي هلندا آهيون. محمد موسيٰ صاحب! اسان جا اخلاقي، تهذيبي ۽ تمدني، ۽ پاڪيزه قدر اِهي اٿوَ. توهين الائي تہ ڪهڙن قدرن جي پائماليءَ جي ڳالهہ ٿا ڪريون. ڇا، سنڌي سماج انهن مٿي ذڪر ڪيل قدرن تان هٿ کڻي ويو آهي، يا اُنهن کان بغاوت ڪئي اٿس؟ هرگز نہ.

رهي ڳالهہ سنڌ جي ماضيءَ جي تہ مِنل! سنڌ جي ماضيءَ جو امين موهن جو دڙو آهي، بلڪ سنڌ جو ماضي اُن کان بہ قديم آهي. سنڌي سماج پنهنجي اُن عظيم ماضيءَ ۽ اُن جي ورثي جو والي ۽ وارث آهي. سنڌي سماج پنهنجي اُن ماضيءَ تان هرگز هٿ نہ کنيو آهي. اسين اڄ بہ موهن جي دڙي ۽ اُن جي ثقافت تي فخر محسوس ڪندا آهيون ۽ پنهنجي ماضيءَ جو ناتو اُن سان جوڙيندا آهيون. اُهي تہ توهين تنگ نظر مُلا حضرات آهيو جيڪي محمد بن قسم پاران سنڌ تي ڪاهہ واري وقت کان اڳ واريءَ سنڌ جي ماضيءَ تان هٿ کنيو ويٺا آهيو. قومي تاريخ جي قديمي دؤر ۽ خاص ڪري موهن جي دڙي جو نالو ٻُڌڻ سان ئي توهان

حضراتن جي نازڪ طبيعت تي ناگوار اثر پون ٿا. جڏهن ته سنڌي سماج پنهنجي سچيءَ تاريخ جي مالڪيءَ جو داعي آهي. توهان صاحبن جي خدمت ۾ هڪ نماڻي گذارش آهي ته مهرباني ڪري درباري ۽ اقتداري داعين جي خيالن ۾ ڪليل ڪتابن کي هڪ طرف پاسيرو رکي غير جانبدار، عالمي ۽ مُستند تاريخي ڪتاب پڙهي ڏسو ته جيئن توهان صاحبن کي ڪجهه خبر پوي ته سنڌ جو ماضي، اُن جي سڀيتا ۽ اُن جا تهذيبي، تمدني قدر ڪهڙا هئا؟

پر، جيڪڏهن سنڌ جي ماضيءَ ۽ اُن جي تهذيبي ۽ تمدني قدرن مان توهان جي مراد محمد بن قاسم جي سنڌ تي حملي ڪانپوءِ سنڌ جي ڪن ماڻهن جي قبوليل مذهب ۽ عربن جي، ايرانين جي يا مغلن جي ثقافت آهي ته منهنجا مِٺا، ماڻهن کي اها به خبر آهي ته اِنهن سڀني ۽ حملي آورن جي تهذيب ۽ ثقافت ڇا هئي، اچو ته مثال طور اُن بابت ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪريون.

ايران جي جڳ مشهور "شاهنامي" جو ڙيندڙ فردوسي فرمائي ٿو ته عرب ڳوهه ڪائيندڙ هئا! ڇا، اهو درست ناهي؟ هڪ ٻيو مثال ٿا ڪڍون. انين ڪلاس جي انگريزيءَ جي ڪتاب ۾ "عقلمند شيخ" (The Wise Shaikh) جي عنوان سان هڪ سبق آهي، اُن ۾ لکيل آهي ته اُن شيخ صاحب کي پنهنجي گڏهه سان ايترو ته پيار هو جو هُو پنهنجي تنبوءَ ۾ اُن گڏهه سان گڏ سمهندو هو جڏهن ته سندس غلام تنبوءَ ٻاهران سُمهندا هئا! هڪ ڀيري ڪنهن سفر دوران سندس هڪ دوست علي به ساڻس گڏ هو جنهن وٽ 80 سونيون اشرفيون هيون. مسافريءَ جي ٿڪاوٽ سبب هڪ رات ان دوست کي اگهور ننڊ گهيري وئي، ٻئي ڏينهن سجاڳ ٿيڻ تي جان ڪٽي ڏسي ته سندس اشرفيون غائب هيون!

هڪ وڏيڪ مثال ٿا وٺون:

اسان کي يارهين ڪلاس جي آسان اردوءَ جي ڪتاب ۾ هڪ عرب بَدُو ۽ ڪُتي جي آکاڻي پڙهائي ويندي هئي، جنهن موجب هڪ لڱا ڪو عرب بدو ڪنهن ڊگهي سفر تي نڪتو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجو وفادار ڪتو به سفر ۾ شامل ڪيائين. سفر دوران وات تي جڏهن ڪيس بُک لڳندي هُئي ته اُهو بدو پاڻ سان گڏ ڪنيل خوراڪ مان پيٽ ڀري ڪائيندو هو پر ڪُتي کي ڪاڏو ته پري جي ڳالهه پر پنهنجي اوبر به ڪين ڏيندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن اُهو ڪُتو بُک وگهي مري ويو!

پرائمري ٽئين ڪلاس جي سنڌي نصاب ۾ هڪ آکاڻيءَ ۾ لکيل آهي ته ڪي به عرب ڪنهن سفر تي نڪتا. منجهائن هڪ وٽ ٽي مانيون ته ٻئي جٽي وٽ پنج

مانيون گڏ هيون. واٽ تي هڪ ٻيو مسافر بہ سفر ۾ ساٿن گڏ ٿيو پر اُن وٽ ماني وغيره نہ هئي. سفر دوران بُک لڳڻ تي جڏهن همراهہ ماني کائڻ ويٺا، تڏهن اُن ٽئين مسافر چيو تہ ٻيلي مون کي بہ ماني کارايو. آئون اوهان کي اُن جي عيوض پئسا ڏيندس. تڏهن کيس بہ گڏ وهاريائون. ماني کائڻ کانپوءِ اُن اجنبيءَ جڏهن پئسا ڏنا تہ اڳ وارا ٻئي همراهہ پئسن جي ورڇ تان پاڻ ۾ وڙهي پيا. اوچتو حضرت علي ڪرم الله وجهہ اُتان لانگهائو ٿيو. تنهن فيصلو ڪري منجهائن هرهڪ کي سندس حصي ۾ آيل رقم ورهائي ڏني. اها آهي عربن جي بي مثال مهمان نوازي!

اِهي تہ چند عام رواجي مثال آهن رڳو عرب سڳورن جا. سنڌ تي ٻين حملي آورن، ايرانين، مغلن، انگريزن يا ٻين اهڙن جي سماجي، ثقافتي قدرن بابت اسين گهڻو ڊيگهہ ۾ وڃڻ نٿا چاهيون. ميان موسيٰ صاحب! توهان جيڪڏهن انهن حقيقتن کان انڪار ڪرڻ چاهيو تڏهن بہ نٿا ڪري سگهو. ڇاڪاڻ تہ اِهي ڳالهيون تحقيق ۽ تصديق کانپوءِ ئي نصابي ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن ۽ اسان وٽ اسڪولن ۾ ٻارن کي پڙهايون وڃن ٿيون. نصابي ڪتابن جي جائزي واري قومي ڪميٽيءَ پڻ انهن جي منظوري ڏني آهي. هاڻي جيڪڏهن توهان چئو ٿا تہ سنڌي نوجوانن مٿي ذڪر ڪيل "بي مثال تهذيبي ۽ تمدني قدرن" کي قبولڻ کان بغاوت ڪئي آهي تہ پوءِ برابر، توهين ان ڳالهہ ۾ حق بجانب آهيو. سنڌي نوجوان توهان صاحبن جا ڏوهي، "مجرم" آهن. ڇاڪاڻ تہ اُهي نہ تہ ڳوهہ کائي سگهن ٿا ۽ نہ ئي ڪنهن دوست سان ويساهہ گهاتي ۽ نہ ئي ڪنهن مهمان کان کيس ماني کارائڻ عيوض پئسا وٺن ٿا. اسان جو سنڌي ماڻهو تہ پڪي پڪ، جيت جڻئي کي بہ نيم سان داڻو پاڻي، چوڳو ۽ کاڌو خوراڪ ڏئي ٿو. سندس در تي ڪوبہ ساهوارو، پَسُو پکي پڪ، جيت جَنتُو بُک وگهي نہ مرندو آهي. اسان پنهنجين اهڙين عادتن سبب گهڻو ڪجهہ لوڙيو بہ آهي، پر پوءِ بہ پنهنجي عادت کان مجبور آهيون، ڇا ڪيون؟

محمد موسيٰ صاحب! شايد توهان انهيءَ حقيقت کان اڻواقف آهيو تہ ڪنهن سماج ۾ ڪنهن ڌارئين مذهب جي نفاذ کان پوءِ بہ اُن سماج ۾ اڪثر ثقافتي ريتون رسمون، سنؤڻ، ساٺ ۽ رواج اُن نئين مذهب جي حڪمن جي برخلاف بہ موجود ۽ قائم رهندا آهن. جيئن اسان وٽ ميلا ملاکڙا، راڳ رنگ، موسيقي، پينگهہ ۾ لُڏڻ، سنگ تراشي، مزارن ۽ مقبرن تي حاضريون، نذر نياز، ڪُشتي راند، گهوڙن جون

شرطون ۽ ٻيون انيڪ ثقافتي ۽ سماجي سرگرميون جيڪي اسان جي قديم ثقافتي قدرن جو حصو هيون، سي اسلام نافذ ٿيڻ کانپوءِ بہ اڄ تائين جيئن جو تيئن موجود ۽ مروج آهن. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اسلام کي قبول ڪئي بہ درجن کن صدين کان ڪجهہ مٿي عرصو گذري چڪو آهي ۽ ان دوران توهان ٻارن عالم دين حضرتن هر دؤر ۾ انهن ريتن رسمن ۽ قدرن خلاف ڪُفر جون فتوائون جاري ڪيون بلڪ گهڻو ڪجهہ ڪيو ويو. اورنگزيب تہ ماڻهين ليڪا لتاڙي ويو هو اڄ اوهين بہ اُهائي سُنت ادا ڪريو پيا، پر پوءِ بہ اهي ريتون رسمون اڄ بہ سنڌ ۾ سچي سنڌي سماج ۾ رائج آهن ۽ وڏي قومي اُتساهہ سان ادا ڪيون وڃن ٿيون. اُنهن کي تياڳيو نہ ويو آهي. سنڌي سماج، سنڌي نوجوانن ڪنهن بہ صورت ۾ اُنهن قدرن ۽ سرگرمين کان بغاوت هرگز نہ ڪئي آهي.

رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي تہ موهن جي دڙي جون سنڌي عورتون تنهن زماني ۾ بہ هار سينگار ڪرڻ کان اڻ واقف نہ هيون. اُهي سون، چانديءَ ۽ عاج جا زيور پائينديون هيون. (توهان کي اعتبار نہ اچي تہ توهان اڄ بہ اهڙا زيور موهن جي دڙي واري عجائب گهر ۾ ڏسي سگهو ٿا)، عورتون هٿن کي ميندي لائينديون هيون، ميڪ اپ ڪنديون هيون، سونهن سينگار ڪنديون هيون. رگ ويد ۾ چٽيءَ طرح لکيل آهي تہ اُن دؤر جون ناريون وارن ۾ گُل سجائينديون هيون، تيل ڦُليل ڪنديون هيون، چوٽيون ٺاهينديون هيون، علحده علحده نمونن سان وارن جي ٺاهہ ٺُوهہ ڪنديون هيون (اُنهن نمونن ۽ اُنهن جي نالن جو ذڪر پڻ تفصيل سان ڪيل آهي.) سينڌ ۾ سنڌُور پرينديون هيون، عورتون زريءَ پريل ڪپڙا پائينديون هيون، ريشمي ڪپڙا پائڻ جو رواج عام جام هو، ”زالون اهو هار سينگار ۽ چڱو چوکو ڪپڙو ان لاءِ استعمال ڪنديون هيون تہ جيئن پنهنجن مُڙسن کي وڌيڪ سهڻيون لڳن.

ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ”قديم سنڌ“ نالي ڪتاب ۾ لکي ٿو: ”رگ ويد واري زماني جي سڀيتا، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي سا سنڌو ماٿر جي سڀيتا آهي ۽ اُها اڄ بہ ساڳي آهي. ڪن غير اهم ۽ جُزوي ڳالهين کان سواءِ ريتون رسمون بہ ساڳيون تہ کائڻ پيئڻ، چوڙڻ ماڻڻ جا نمونا بہ ساڳيا آهن.“

هاڻي سنڌي ماڻهو پاڻ ان ڳالهہ جو فيصلو ڪن تہ سندن سماج جي اُٿڻي ويهڻيءَ، نيت ريت ۽ تهذيبي تمدني قدرن کان بغاوت ڪنهن ڪئي آهي ۽ اُنهن خلاف ماڻهن کي بغاوت تي ڪير ٿو اُڀاري؟ اسلامي قانون جيئن اُهو ايران ۾ آندو ويو هو يا افغانستان ۾ طالبان نافذ ڪيو آهي ۽ جيئن اسان جا ڪي محترم عالم

دين حضرات اُن جي تشريح ڪن ٿا، تنهن پٽاندر هڪ عورت کي فقط سُرخي (Lip_stick) لڳائڻ جي جُرم ۾ 71 ڪوڙن جي سزا تجويز ڪيل آهي! ٻيا هار سينگار ۽ وارن جي ناهه نوهه ته پري جي ڳالهه آهي!!

پر وري به اياز چواڻي "ٻه ڪُميون سنڌوءَ جي ڌارا کي ڇا روڪي سگهنديون!" جيتوڻيڪ اُنهن پنهنجي، پر ۾ پُورا ننهن چوٽيءَ جا زور لڳايا آهن ته مٿي ذڪر ڪيل سندن سوچ پٽاندر "ڪافرانه" ۽ غير شرعي رسمون ختم ڪرايون وڃن ۽ اُنهن جي جاءِ تي خالص ۽ نبار اسلامي رسمون نافذ ڪيون وڃن. اسين پنهنجي دعويٰ جي حق ۾ روز مرهه جي سماجي زندگيءَ مان ان قسم جا ڪوڙ سارا مثال دليل طور پيش ڪري سگهون ٿا. مثال طور ڪجهه عرصو اڳ "جاڳو" اخبار ۾ اها خبر ڇپي هئي ته موري شهر ويجهو هڪ ڳوٺ سنيهڙا ۾ صوفي فقير خدا بخش ڪٽيءَ جي درگاهه تي ڪُجهه صوفي فقير صوفياڻو راڳ ڪري رهيا هئا ته مُلن جي هڪ جماعت جا ڪجهه مُلا، مولوي ابراهيم سومري جي اڳواڻيءَ ۾ بندوقون کڻي آيا ۽ کين راڳ بند ڪرائڻ لاءِ چيائون پر راڳ بند نه ڪرڻ تي هُنن صوفي فقيرن مٿان بندوق جا فائر ڪيا (وڌيڪ مثال جاڻڻ لاءِ روزانه "جاڳو" ۾ 97_9_25 تي ڇپيل محترم رسول بخش پليجي صاحب جو مضمون "تنگ نظري، تعصب ۽ انصاف دوستي" پڙهو)

دراصل مُلا حضرات چاهين ٿا ته ماڻهو راڳ رنگ، ساز سرود بدران فقط قواليون ڳائين، مولود پڙهن، دهل دمامن ۽ شرناين بدران پٽڪو ۽ ماتم ڪن. ميلن ملاکڙن بدران عرب ثقافت واري رسم يعني اُنن ۽ گهوڙن پٺيان معصوم ٻارڙن کي ٻڌي گهلڻ واري رسم اختيار ڪن ۽ حرم سرائن ۾ مختلف رنگ ۽ نسلن جي بيمار عورتن جا ڌڻ پالين. پر ڇا ڪجي، جو سنڌي ماڻهو ۽ خاص ڪري نوجوان نسل اهڙن "عالمي تهذيبي ۽ تمدني قدرن" تي عمل نٿو ڪري، تنهنڪري اُهي محترم موسيٰ صاحب جهڙن عالم دين حضرات جي نظر ۾ "باغي" آهن. اسان کي بهرحال، پنهنجي ماضيءَ، ثقافتي، تمدني ۽ آفاقي قدرن تي ناز آهي. موسيٰ ڀُٽي صاحب کي اِها ڳالهه وڻي يا نه وڻي، سندس مرضي.

# 5 ـ سيڪيولرزم ۽ عقليت پسندي

اسان پنهنجن گذريل مضمونن ۾ محترم موسيٰ ڀُٽي صاحب طرفان مڙهيل تهمتن مان ڪجهه وڏيڪ اهم الزامن جي جوابن ڏيڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ مضمون اُن سلسلي جي آخري ڪڙي آهي. هن مضمون جي آخر ۾ اسين معزز پڙهندڙن کان اها اُميد رکون ٿا تہ اُهي فيصلو ڪن تہ سنڌي سماج ۽ سنڌي قوم جو ڏوهي ڪير آهي. محترم پڙهندڙن کي اسان جي نماڻي گذارش آهي تہ اُهي سُچيتائيءَ سان، پنهنجي پوري دل جي خلوص سان، الزام مڙهيندڙ ۽ الزامن جي زَدِ ۾ ايندڙ شخصيتن جي سنڌ ۽ سنڌيت دوستيءَ جي حوالي سان ادا ڪيل ڪردار جي ڇنڊ ڇاڻ ڪن ۽ فيصلو ڪن تہ سنڌ لاءِ هاڃيڪار ڪير آهي؟

هن مضمون ۾ اسين محترم موسيٰ ڀُٽي صاحب پاران لڳايل ڪجهہ تهمتن ۽ فتوائن جي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسين. مثال موسيٰ ڀٽو صاحب فرمائي ٿو:

“سنڌ ۾ ماده پرستيءَ جي جنهن فڪر جو ٻج (ابراهيم جويو) 60ـ50 سالن کان وٺي پوکيو آهي ۽ اُن جي آبياري ڪئي آهي، اُن جي نتيجي ۾ سنڌي س ماج کي ڇا مليو؟..... سيني قدرن کان بغاوت ۽ سماج ۾ مسلسل انتشار، ڦيٽاڙو، جذبات جو مظاهرو، مارا ماريءَ جي فضا، سُڪون ۽ اطمينان جو خاتمو” وغيره وغيره.

الزامن جي انهيءَ فهرست کي اسان اڳئين مضمون ۾ ٻن حصن ۾ ورهايو هئوسين، هڪ حصي جو جواب "تهذيبي، تمدني قدرَ ۽ مذهب" نالي عنوان واري مضمون ۾ ڏنو هئوسين. ٻئي حصي يعني سماج ۾ انتشار، ڦيٽاڙي، مارا ماريءَ جي فضا وغيره جو جواب هن مضمون ۾ ڏيڻ جي هڪ عاجزاڻي ڪوشش ڪنداسون. هاڻي اچو ته مٿي ذڪر ڪيل الزامن جو جائزو وٺون.

محترم موسيٰ ڀُٽي صاحب جي بقول مٿي ذڪر ڪيل سڀئي سماجي ڪيفيتون سنڌ ۾ان ڪري پيدا ٿيون آهن جو اسان اهڙن لاڙن جو ٻج ڇٽيو ۽ اُنهن جي آبياري ڪئي آهي. مٿي ذڪر ڪيل صورتحال واقعي به ڳنڀير آهي، محترم محمد موسيٰ صاحب! جيڪڏهن هڪ فرد جي ڪري سماج ۾ ايڏو ڦيٽاڙو ۽ انتشار پيدا ٿي پيو آهي ته پوءِ توهان پارا هزارين علماءَ دين سڀڳورن سوين سالن تائين هتي سنڌ ۾ ڇا پئي ڪيو؟ ڇا اسان جو فڪر ايترو اثرائتو وزندار، ڪارائتو ۽ عوام لاءِ قابل قبول ۽ نجات ڏياريندڙ آهي، جو سوين سالن کان رائج اوهان جي دعوي موجب ازلي ۽ آفاقي فڪر کي به ماڻهو ترڪ ڪري يا اُن کان بغاوت ڪري، اُن نئين فڪر کي قبولڻ لڳا آهن. ۽ ان ريت اوهان کي اِنهيءَ ڊپ اچي ورايو آهي ته متان ڪٿي اوهان جي فڪر تي پڻ رومن ڪليسا وانگر زوال نه اچي وڃي! جيڪڏهن اوهين ان ڳالهه جو اقرار ڪريو ٿا ته اسان جي 60_50 سالن جي ڪوشش اوهان جي سوين سالن جي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي ته پوءِ ته اوهان کي کپي ته ان فڪر کي قبول ڪريو ۽ اُن جي مڃتا ڀڏائي سگهندوَ ته هي جيڪي ايم ڪيو ايم وارا سنڌ جي شهرن اندر آدم ٻُو آدم ٻوُ ڪندا ٿا وتن، تن جي سرپرستي ۽ نظرياتي آبياري ڪنهن ڪئي آهي؟ ڇا ڪين اسان چيو آهي ته اوهين وڃي ائين ڪريو؟ سنڌ اندر جيڪي نسلي ۽ قبائلي جهيڙا ٿي رهيا آهن، تن جا مُحرڪ ڪير آهن؟ سنڌ جي ڳوناڻي زندگيءَ جو ساهه مُٺ ۾ گهُٽي رکڻ وارن ڌاڙيلن جي سپرستي ڪير ٿو ڪري، اسين يا وڏا وڏا گادي نشين، مير، پير؟ ڊي ايم سي (ڊائو ميڊيڪل ڪاليج) ۾ غنڊه گردي ڪري سنڌي شاگردن تي حملي ڪندڙ ۽ ابو زاهد ناريجي کي شهيد ڪندڙ "جمعيت" جي سرپرستي ۽ نظرياتي آبياري ڪير ٿو ڪري؟

راولپنڊيءَ ۾ 5 ايراني ٽيڪنيشنن کي قتل ڪندڙ لشڪر جهنگويءَ (جنهن جي سربراهه 102 ڄڻا قتل ڪرڻ جو اعتراف پڻ ڪيو) جي سرپرستي ۽ آبياري مذهبي عالم سڀڳورا ڪن ٿا يا اسين؟ ملتان ۾ تحريڪ جعفريه وارن جو قتلام ۽

ايرانين جو جماعت خانو (خانہ فرهنگ) باهہ جي نذر ڪرڻ بہ گويا اوهان جي خيال موجب اسان جي چُرچ تي ٿيو هوندو! مسلمانن ۾ اڄ جيڪا فرقي بندي آهي ۽ اُنهن فرقن جا هٿيار بند ۽ تربيت يافتہ جٿا جيڪا رت جي هولي کيڏندا وتن ٿا تن جو ذميوار ڪير آهي؟ توهان جي تہ خيال موجب مسجدن ۾ نمازين مٿان ۽ امام بارگاهن ۾ مومنن مٿان گوليون هلائڻ ۽ بم اُڇلائڻ وارا عمل ڪنهن جي چُرچ تي ٿيندا هوندا.

گذريل ڪجهہ سالن ۾ الجزائر ۾ جنوني درندن 60 هزار کان مٿي ماڻهن کي ڪُٺو آهي. هر روز جون اخبارون سندن "شاندار ڪارنامن" سان ڪاريون ٿيون پيون آهن. اڃان چند ڏينهن اڳ انهن دين جي علمبردارن يارنهن ماسترياڻين کي سندن اسڪولن ۾ اسڪولي ٻارن اڳيان ڪُٺو آهي. اهي حضرات اُهي اسلامي نظام نافذ ڪرڻ لاءِ "جهاد" ڪري رهيا آهن ۽ "ڪافرن" کي جهنم رسيد ڪري رهيا آهن!

هُو جيڪو سن 1971ع ۾ ويهہ لک کان مٿي بنگالي مسلمانن جو ڪُوس ڪيو ويو هو. (ڇاڪاڻ جو ديني حلقن جي نظر ۾ اُهي "مُرتد" ٿي ويا هئا) ۽ لکين بنگالي عورتن ۽ ڪنوارين ڇوڪرين سان زنا جا ڪلور ڪيا ويا هئا، جن ۾ ايمان ۽ جهاد جي جذبي سان سرشار "البدر" ۽ "الشمس" جا تربيت يافتہ "جوڌا" سڌا سنوان ملوث هئا، تن جي تربيت ۽ نظرياتي آبياري توهان جي خيال ۾ ڪنهن ڪئي؟ هُو جيڪا افغانستان ۾ گهرو ويڙهہ هلي رهي آهي، تنهن ۾ بہ اوهان جي سوچ پٺاندر ڪنهن جو هٿ ۽ فڪر شامل هوندو؟ بليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا!!! محترم موسيٰ صاحب! توهين تہ عالم دين آهيو ڀلا ٻڌايو تہ هاڻي افغاني پاڻ ۾ ڇو وڙهي رهيا آهن؟ اڳ ۾ تہ ڪٺي مجيوسين تہ اُهي مجاهدين اسلام ڪُفر ۽ دهريت خلاف "جهاد" ڪري رهيا هئا، پر هاڻي؟

اڳوڻي وزيراعظم محمد نواز شريف هڪ تقريب کي خطاب ڪندي فرمايو هو تہ، "ديني مدرسا نفرت جو ٻج پوکي رهيا آهن. اُتي سُني مُرتد ۽ شيعا ڪافر جو درس ڏنو وڃي پيو."

حجاج بن يوسف هڪ ڀيري سمورن عالمن کي مسجد ۾ گهرائي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. سندس چوڻ هو تہ، "اڄ آئون فصل پڪو ٿو ڏسان، انهيءَ ڪري اُن کي لُڻڻ جي ضرورت آهي." سوال آهي تہ هُن ائين ڇو ڪيو؟ يا وزيراعظم مٿي ذڪر ڪيل بيان ڇو ڏنو؟ ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي، تڏهن تہ سجاڻ ۽ ساڃاهہ وند ماڻهن

جا لڳ ڪاندارجي ويندا آهن ۽ اُهي امالڪ چئي ڏيندا آهن: "اي مذهب، اي خدا...... ڇا ڇا نہ ظلم ۽ ڪلورتا جا ڪم تنهنجي نالي ۾ واقع ٿين ٿا!"

ٻيو الزام آهي تہ، "محمد ابراهيم جويي سنڌ ۾ جديد قومپرست، ترقي پسند تحريڪن جي سرپرستي ڪئي آهي ۽ ڪين زور ونرايو آهي."

محترم ٻُٽا صاحب! ڇا پنهنجي ديس ۽ ديس واسين سان پيار ڪرڻ ڪو ڪبيرو گناهہ آهي؟ ممڪن آهي تہ اوهان جي شريعت ۾ ائين ئي هجي، پر دنيا جي سڀني سُڌريل ۽ جديد معاشرن وٽ اهو سڀ کان وڌيڪ قابل قبول ۽ قابل عمل نظريو آهي.

اسان قوم پرست ۽ سنڌ دوست ڌرين جي نظر ۾ سڀئي سنڌي هندو، سنڌي مسلمان، ڪولهي، ڀيل، جوڳي، باگڙي ۽ ڀنگي وغيره سنڌي قوم جا فرد آهن. موسيٰ ڀُٽو بہ اُنهن جيان هڪ سنڌي آهي ۽ سنڌي هئڻ ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي هڪ فرد هئڻ جي ناتي محمد موسيٰ ڀُٽو صاحب اسان جو پيارو ۽ محب آهي. هاڻي جيڪڏهن موسيٰ صاحب ايئن چئي تہ نہ، نہ، ايئن وري ڪيئن ٿيندو، يا ٿي سگهي ٿو تہ آئون بہ انهيءَ قطار ۾ بيهان، جنهن ۾ سندس سوچ ۽ فڪر موجب "ڪافر" بہ شامل هجن. يعني تہ هُو صاحب قطار مان ڇڄي قوميت ۽ ديس تان هٿ کڻي ٿو تہ اُهو سندس اختيار آهي ۽ هُو صاحب ائين ڪرڻ ۾ خود مختيار آهي، پر اسين موسيٰ ڀُٽي صاحب خاطر سنڌ جي حقيقي ۽ ازلي باشندن تان هرگز هٿ نہ کڻنداسون. اسين تہ سنڌ جي هرهڪ حقيقي فرزند، پوءِ ڀل تہ اُهو شڪاري قبيلي سان تعلق رکندڙ ڇو نہ هجي، تنهن سان بہ پيار ڪريون ٿا. محترم موسيٰ صاحب ڪيءِ اها ڳالهہ وٽي، يا نہ وٽي، سندس مرضي.

ڌرتيءَ سان عشق جي حد تائين محبت ڪرڻ انسانَ جو هڪ فطري جذبو آهي. اُهي سچ پچ تہ اياڻا ماڻهو ئي چئبا، جيڪي اهڙي جذبي کان وانجهيل هوندا آهن. جيئن شاهہ صاحب سنڌ جي ماڻهن جي محب وطن جذبن جي ترجماني ڪندي فرمايو آهي:

سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهن اٺاسي وسري،
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

ديس سان محبت ڪرڻ هڪ اهڙو جذبو آهي، جنهنڪري ماڻهو ڌرتيءَ تان پنهنجو تن، من ۽ ڌن قربان ڪري ڇڏيندا آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ مائرون تہ پنهنجن ٻچڙن کي لولي ئي اها ڏينديون آهن:

سنڌ بہ تنهنجي اهڙي جيجل، جهڙي جيجل آنءُ،
جي تون پنهنجي پونءِ چمينديِن، هُرندءِ مون لاءِ هانءُ.

(اياز)

محترم موسيٰ صاحب، جيڪڏهن جيجل اها لولي توهان کي نہ ڏني آهي تہ اسين توهان جي انهيءَ محروميءَ تي افسوس ئي ڪري سگهون ٿا. سنڌي سماج جي عظمت اِها آهي تہ اسان جون غيُور عورتون بہ قومي غيرت ۽ حُب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار هونديون آهن. رگ ويد پڙهي ڏسو تہ سنڌي نارين ڪهڙيءَ ريت حملي آور آرين جي حملن جي مزاحمت ڪئي! ٻيو نهيو رڳو "سانگهڙ" ناول پڙهي ڏسو تہ ڪيئن سنڌي عورتن انگريز سامراجين سان ويڙهاند ڪئي!! مارُئيءَ جي ديس ڀڳتيءَ جو مثال سڄيءَ دنيا ۾ يڪتا آهي. شاهہ صاحب سنڌي عورت جي وطن پرست اُڌمن جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

"ڀڳــو" آءٌ نـہ وِسـهان، "مــاريو" تــان مڃــان،
ڪانـــتُ مُـــنهن ۾ ڏکـــڙا، ســـيکيندي
ســـــــــــــــــــونهان،
تــہ پـــڻ لـــڄ مـــران، جـــي هُـــو نـــس پُـــٺَ ۾!

هاڻي، جيڪڏهن محترم موسيٰ صاحب جي ديني فڪر موجب قوم پرستي ۽ وطن دوستي هڪ جرم آهي ۽ سنڌ جا نوجوان اُن جرم جا مرتڪب ٿيا آهن تہ پوءِ ڪين انهيءَ جرم تي ڪوبہ پڇتاءُ ڪونهي.

ڪــاتيءَ هيـٺان ڪنڌ، پـوءِ بـہ نعرا نيـنهن جا!

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو اڄ تاريخ جي انتهائي نازڪ دوُر مان گذري رهيا آهن. اسان کي پنهنجي وجود جي بقا جهڙا مسئلا درپيش آهن. پر هي اسان جا عالم سڳورا اسلامي پائيچاري جي رٽ لڳائي ويٺا آهن. محمد موسيٰ صاحب! ڪالاباغ ڊيم، پاڻيءَ ۽ ناڻي وارا ناهہ، آدمشماري ۽ سنڌجي ورهاست، وغيره، ڪي اهڙا معمولي نوعيت جا مسئلا ناهن جن تي اک پور يا ڳَن لاتار ڪئي وڃي. اِهي مسئلا اسان جي قومي ۽ سماجي وجود جي بقاءَ سان جَڙيل آهن. مُٺ جيترا ماڻهو سنڌ ۽ سنڌين جي حقن کي تين وال پيا ڪن، مختلف حربن سان سٽون پيا سٽين. سڄيءَ دنيا جي نڌڻڪن ۽ تڙيلن جي لوڌ کي مذهب جي نالي ۾ هڪ مڪروہ سازش تحت سنڌ ۾ آباد ڪري، اسان جي ڌرتيءَ کي هڪ بين الاقوامي يتيم خانو بڻايو ويو آهي. ڇو؟ اسلام جي اُنهن سچن عاشقن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڇا سعودي عرب جي سرزمين وڌيڪ موزون ڪانهي؟ اُها تہ پاڪ ۽ مقدس ڌرتي آهي. اوهين ماٺ ڇو آهيو؟ اڃا ڪالهہ جي ڳالهہ آهي، ضياءَ دجالَ جڏهن شاهنواز ڀٽو کي

ڏورانهين ڏيهه ۾ شهيد ڪرايو ۽ سندس پيڻ پنهنجي ڳوٺڙي پاڻ جو لاش کڻائي جڏهن ڏاڏاڻي ڏيهه آئي تہ جيئن شهيد جي مڙهه کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪجي، تڏهن اُن وقت منصوره براندِ اسلام جي مهندار مُلي عبدالوحيد قريشيءَ فتويٰ جاري ڪئي هئي تہ. "شاهنواز ڀٽو جي لاش کي سنڌ ۾ دفن ڪرڻ نہ ڏينداسين!" اعليٰ حضرت محمد موسيٰ صاحب! اِهو مُلو ڪير ٿيندو آهي ايئن چوڻ وارو! ڪيس اهڙيءَ ڳالهہ ڪرڻ جي جُرئت ڪيئن ٿي، جو هڪ سنڌي سپوت کان پنهنجي جيجل ڌرتيءَ ماءُ جي گود ۾ سمهڻ جو حق کسي!! پر، چاڪاڻ تہ اوهان پارا عالم دين سڳورا اهڙن يارن سان ٻِٽ ٿيو ويٺا آهن. تڏهن ئي تہ هو اهڙي ٻَڪ ٻَڪي سگهيو!!! دين جي نالي ۾ سنڌ ۾ صوفي منش سنڌين سان جيڪي ڪِيس ڪيا ويا آهن، يا اجا تائين ڪيا پيا وڃن، تن تي توهان جهڙا اعليٰ حضرت ۽ ڪشاده دل عالم دين حضرات ئي اکيون ٻُوٽي، يا ماٺ ڪري ويهي سگهن ٿا. ٻئي ڪنهن جي دل گُردي جي جاءِ ناهي. سنڌ جو ڪو باضمير اسڪالر يا اديب تہ پري جي ڳالهہ آهي پر سنڌ جو هڪ عام شهري، عام ساجاهہ وند ماڻهو بہ اهڙيءَ صورتحال تي چُپ ڪري نٿو ويهي سگهي، هُو هميشہ وانگر اڄ بہ رت جا لُڙڪ ڳاڙي رهيو آهي، احتجاج ڪري رهيو آهي، دانهين رهيو آهي.

تون چئہ نہ ڪُچان، تون چئہ نہ لُچان،
پر توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان؟
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين،
اعلان هزارين، مان نہ رڳو.

(اياز)

دراصل محترم موسيٰ صاحب! انهيءَ ۾ توهان جو ڪو ڏوهہ بہ ڪونهي، ڇو تہ توهان جنهن فڪر سان لاڳاپيل آهيو سو توهان کي تعليم ئي اها ڏئي ٿو تہ. "هيءَ دنيا هڪ ڪوڙي دنيا آهي، اک جو موهہ آهي، انسان کي هِن نہ. پر هُن دنيا جو فڪر ڪرڻ گهرجي." سو قبلا. توهين وتو ٿا ماڻهن کي انهيءَ دنيا جا ڏَسُ ڏيندا. سنڌ سان يا سنڌين سان اوهان جو ڇا؟ سنڌ ۽ سنڌي جيڪڏهن ڏچي ۾ آهن تہ اوهان جي سوچ موجب پيا ڏوڙ پائين! توهين تہ بهشت جا طلبگار آهيو اُتي جي محل محلاتن. باغ باغيچن. عيش عشرتن جا سَڌڙيا آهيو بلڪ پنهنجيءَ پَر ۾ پڪ اٿوَ تہ اِهي سڀ نعمتون ماڻيندؤ. سو هاڻي ويٺا ڏينهن ڳڻيو تہ ڪڏهن ٿو خدا

تعاليٰ توهان صاحبن کي پاڻ وٽ گهرائي؟ ۽ پوءِ بهشت ۾ وڃي مزا ماڻيندؤ پر هن ڌرتيءَ جا مظلوم، محڪوم ۽ مسڪين ماڻهو ڪيڏانهن تہ ويندا!

مياں محمد موسيٰ صاحب! مسئلن کان فراريت، ڪنهن بہ صورت ۾ مسئلن جو حل ناهي. اِهو مڙس ماڻهوءَ جو شان هوندو آهي تہ مانجهي مُڙس ٿي ميدان تي بيهي ۽ حالتن ۽ مسئلن جو فيصلي ڪُن مقابلو ڪري، پر توهان پارن عالم دين سڳورن ۾ اهڙي اخلاقي جُرئت ڪٿان آئي، جو ويهي عوام دوستيءَ جو ڍڪيو ۽ اڙانگو فرض نڀايو؟ توهان جِي ترقي پسند ۽ روشن خيال ماڻهن تي ڪاوڙ بلڪل بجا آهي، ڇو تہ اُهي توهان جي واٽ نٽا وٺن، پر هِن سنڌي سماج ۾ اُن جا دنيوي ۽ مادي مسئلا عقل جي بنيادن تي، مادي وسيلن، معروضي حالتن، سائنسي بنيادن تي ۽ سماجي لاڳاپن جي بنياد تي حل ڪرڻ چاهين ٿا، ۽ اُنهن مقصدن کي ماڻڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، تحريڪن هلائڻ ۽ اُنهن جي سرواڻي ڪرڻ جهڙا توهان جي سوچ موجب ناقابل معافي گناهہ ڪن ٿا، اُهي توهان جي شريعت موجب گنهگار مُرتڪب ٿيا آهن، تنهنڪري سندن خلاف فتوائون جاري ڪرڻ ۾ توهين اعليٰ حضرت بجا طور تي حق بجانب آهيو ڇو تہ توهان ماڻهن جو ازل کان وٺي ڪردار ئي اهو رهيو آهي.

سڄاڻ سائين! اڄ جي دؤر جو انسان هاڻي اها ڳالهہ پليءَ پٽ ڄاڻي چُڪو آهي تہ مذهبن هميشہ کان غريبن، مظلومن ۽ محڪومن جي دردن جو دارون ڪرڻ بدران حاڪم طبقي جي رُتبن، گادين ۽ خصوصي رعايتن کي ٽيڪو ڏنو آهي ۽ اُنهن جي مفادن جي حفاظت ڪئي آهي. توهين جيڪڏهن ان ڳالهہ جي ترديد ڪريو ٿا تہ پوءِ اهو توهان تي فرض عائد ٿئي ٿو تہ ڄام صادق، جنرل ضياءَ ۽ ايوب خان جي کيل ڏاڍ ۽ ڏمر وارن عملن خلاف فتويٰ ڏيو. اوهين جيڪڏهن سچ پچ بہ حق ۽ سچ جا پاسبان آهيو تہ پوءِ مذمت ڪريو اُنهن ڌورو، حملي آورن عربن، ارغونن، ترخانن، پٺاڻن ۽ مغلن جي، جن سنڌ ڌرتيءَ تي معصوم سنڌي ماڻهن خلاف قتل ۽ غارت گريءَ ۽ لُٽ مار جون بازارون گرم رکيون هيون، جن هتي بي شمار سنڌي نارين جي لڄالٽ ڪئي، اُنهن جنسي بگهڙن سنڌي نارين کي غلام بڻائي پنهنجن آقائن جي حوالي ڪيو، جن پڻ اسان جي ننگن کي تاراج ڪيو. پلا، ڀيو نہ تہ بہ، انسانيت جي ناتي پڻ توهان تي اهو اخلاقي فرض عائد ٿئي ٿو تہ اوهين اهڙن ڪُڌن ڪرتوتن جي مذمت ڪريو ۽ سنڌي قوم کان معافي گهُرو. جيئن ڀين مُهذب معاشرن ۾ ٿيندو آهي. دنيا جي ڪيترين ئي قومن ٻيءَ مهاڀاري

لڙائيءَ ۾ پنهنجي ڪيل ظلمن تي پشيمانيءَ جو اظهار ڪيو آهي ۽ متاثر ٿيندڙ قومن کان معافيون ورتيون آهن. پر، اوهين ائين هرگز ڪونہ ڪندؤ. اها اسان کي بہ خبر آهي تہ ٻين سيني عام ماڻهن کي بہ. ڇو تہ اوهان ۾ اها اخلاقي جُرئت ئي ڪانهي.

"تاريخ جي ڌارا کي ڪو بہ اجا تائين روڪي نہ سگهيو آهي، اهو وهڪرو هڪ گونجندڙ گرجندڙ سمنڊ وانگر ڪيئي پهاڙ پاڙ کان پٽي ڦِٽي ڪندو آهي. زندانن جون سيخون انسانن کي تہ روڪي سگهنديون آهن. پر تاريخ کي ڪابہ رُڪاوٽ، ڪابہ بندش، ڪوبہ تشدد روڪي نہ سگهيو آهي. تاريخ کي هڪ پڪو وهي کاتو آهي ۽ اُها هر غدار کان ڳڻيل وياج سان قرض چُڪائي وٺندي آهي ۽ هر محب وطن کي مُدي خارج مُور بہ موٽائي ڏيندي آهي. تاريخ وٽ دير آهي، انڌير نہ آهي، ۽ اُن جي ديگ جڏهن بہ ٽپندي آهي، تڏهن هر حرامخور جي هڏي هڏي رَجهي ويندي آهي. تاريخ هر دوُر جا ڪيئي مقدس لاش مقبرن مان ٻاهر ڪڍي اُڇلائي ڇڏيا آهن ۽ اُنهن جي هڏاوَن پڃرن کي چوُڪ چوُڪ تي لٽڪندو ڏنو ويو آهي. (اياز)

جناب موسيٰ ڀٽي صاحب هڪ الزام هيءُ بہ لڳايو آهي تہ مون سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ سن 1964ع ۾ ٽماهي "مهراڻ" رسالي ۾ "مشرقي شاعريءَ جا فني لاڙا" نمبر ڇپرايو هو. محترم موسيٰ ڀٽو صاحب پنهنجي الزام ۾ لکي ٿو تہ. "مهراڻ جو مشرقي شاعري نمبر ڇا هو اسلام جي صاف ۽ شفاف تعليمات ۽ پيغام کي ميسارڻ جي ناڪام ڪوشش هئي.... انهيءَ نمبر ۾ مشرقي شاعريءَ جو تفصيلي جائزو وٺي، باڪمال صوفي شاعرن جي ڪلام کي سياق ۽ سباق کان ڌار ڪري، صوفي شاعرن جو اُهو ڪلام هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي...."

جناب محمد موسيٰ صاحب! اسان تہ برابر وڏو گناهہ جو ڪم ڪيو هو. توهين هيئن ڪريو تہ هڪ شرعي عدالت ويهاري اُنهن صوفي شاعرن کي، جن بقول توهان جي توحيد، شريعت، اسلامي احڪامن ۽ تعليمات وغيره سيني کي غير اهم قرار ڏنو آهي، تن کي اسلام جي دائري مان خارج ڪرائي ڇڏيو. اهو ڪم توهان ڀارن ماڻهن لاءِ تہ ڏائي هٿ جو کيل آهي. اسلام جا اصل مُجرم تہ اُهي آهن جن اهڙي تعليمات جو پرچار پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي الائي تہ ڪهڙي خيال کان هيءُ بيت چيو هو:

مُلان مُلان نہ چئو، اهي آهيڙي آهين،
مروءَ سندي ماس تي، تہ ماڻڪ متائين،

کنيــون قــرآن کـــچ ۾، ٿـــا رُليـــا رُلائـــين،
صـــحيح ورق وصـــال جـــو، پِٽيـــا نـــہ پـــارين،
پـــوءِ اهـــڙن تـــي آهـــين، لعنتـــون لطيـــف چـــوي.

مولانا صاحب! لطيف کي دين جي دائري مان خارج ڪريو. سچل کي غلط ۽ ڪوڙو قرار ڏئي اسلام مان خارج ڪريو جيڪڏهن اوهان ۾ جُرئت آهي تہ سيني صوفي شاعرن کي غلط، ڪوڙا ۽ ڪُفر جا پوئلڳ ثابت ڪريو. اُنهن صوفين تان هٿ کڻو کين دين جي دائري کان خارج ڪريو. پلا، پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ سندن مذمت تہ ڪريو. توهين شاهہ لطيف، سچل، بلهي شاهہ، فريد ۽ باهُو مطلب تہ سيني صوفين جي مذمت ڪريو. توهين ائين ڪري ڏسو. ڏجو ڇو ٿا؟ آخر اُها ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا اوهان کي ائين ڪرڻ کان جهلي ٿي!!!

## فتوا نمبر 1:

فتوي نمبر هڪ جي جواب ۾ اسين جڳ مشهور فيلسوف رُوسو جو هڪ قول نقل ڪنداسون. هُو چوي ٿو: "آزاديءَ تان هٿ کڻڻ، انسانيت تان هٿ کڻڻ/ دست بردار ٿيڻ جي برابر آهي. راءِ جي آزادي کسڻ معنيٰ ماڻهوءَ جي عملن مان اخلاق کي نيڪالي ڏيڻ. آزادي ماڻهن ۽ قومن لاءِ قدرت جو تاحيات تحفو آهي، اُها فطرت جو مُروج سِڪو آهي، جيڪو جاري ۽ ساري رهڻ گهرجي.

هـــيءُ جـــو منهنجـــو مـــچ آ،
اج جـــــــــي اُجهـــــــــاٽو،
صـــــديون رهنـــــدو ســـــيءُ ۾
گهــــــر گهــــــر گهراٽـــــو!
(اياز)

## فتويٰ نمبر 2:

محترم موسيٰ صاحب پنهنجي هن فتويٰ ۾ حڪم صادر فرمايو آهي تہ، "جيڪي ماڻهو ماده پرستيءَ جي نظريي جا علمبردار آهن، جيڪڏهن اُهي نالي جي آڌار تي پاڻ کي مسلم اُمت ۾ شامل فردن کي حاصل ٿيندڙ سمورا فائدا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا تہ کين اسلامي اعتقادي نظام تي ويساهہ رکي، ماديت ۽ ماده پرستيءَ جي نظريي جي تلقين جو ڪم ڇڏڻو پوندو، يا اخلاقي جرئت جو ثبوت ڏيندي، مسلم ملت جي رياستي ادارن جي اهم عهدن تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي."

## مَت ماٺيل حضرات، ڪجهہ ڌيان:

اوهين ائين ماڻهن جي حياتي تنگ نہ ڪريو اها ڳالهہ اوهان کي نٿي جُڳائي ۽ نہ ئي اوهان جي اختيار ۾ بہ آهي. پاڻ اج ايڪيهين صديءَ ۾ قدم رکي چڪا

آهيون. هيءُ پٿر جي دؤر وارو زمانو ڪونهي، جڏهن اِن قسم جون سوچون نروار ٿينديون هيون، هيءَ دنيا، اڄ جي دنيا، لڳ لاڳاپن ۽ سماجي تعلقاتن جي دنيا آهي. اهڙيون ڳالهيون اوهان جي فڪري سوچ کي ظاهر ڪن ٿيون تہ اوهين کهڙيءَ سوچ، کهڙيءَ منورتيءَ جا پوئلڳ آهيو. ٿورڙي ٿڌي دماغ سان سوچيو تہ جڏهن توهان کي مٿي ۾ سور پوندو آهي، تڏهن ڊاڪٽر توهان کي اسپرين جي گوري يا ٻي ڪا گوري وٺڻ جي صلاح ڏيندو آهي، ڇا اسپرين گوريءَ جو فارمولا دريافت ڪرڻ واري شخص ڪڏهن اهو شرط وڌو هو تہ هيءَ گوري، جيئن تہ مون ٺاهي آهي، تنهنڪري اها فقط منهنجي ڪٽنب، منهنجي نسل يا منهنجي قوم، يا فقط منهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ آهي ۽ ٻيو ڪير بہ اُن کي استعمال نٿو ڪري سگهي. ڇا، هي سائنسدان جيڪي عيسائي، يهودي، هندو ۽ ٻيا آهن، جن کي اوهين ”دهريا“ ۽ ”ڪافر“ ٿا ڪوٺيو (مسلمان سائنسدان اول تہ ناپيد آهن، پر پوءِ بہ جيڪي بہ چار مسلمان سائنسدان جيئن ابن رُشد، الرازي وغيره جا نالا، اسڪولي ڪتابن ۾ پڙهايا وڃن ٿا، تن سان جيڪي تعديون ۽ عقوبتون مذهب جي نالي ۾ روا رکيون ويون، سي ڪنهن کان بہ ڳُجهيون ناهن. ان سلسلي ۾ تفصيلي ڄاڻ لاءِ روزانہ ”جاڳو“ ۾ 25 سيپٽمبر 1991ع تي رسول بخش پليجي جو مضمون پڙهو) اُهي انساني ڀلائيءَ واسطي جيڪي کوجنائون، ايجادون ۽ دريافتون ڪري رهيا آهن، اُنهن ڪڏهن اهڙي پابندي لڳائي آهي؟ هرگز نہ. اُهي تہ ڪُل انسانذات، ڪُل جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. اُنهن آڏو فقط اهو ئي آدرش آهي تہ ڏکويل انسانذات جي خدمت ڪجي، اُنهن جي دردن جو دارون ڪجي، انساني سُک، آسائشون ۽ خوشيون وڌائجن. اُهي ماڻهوءَ تي حياتيون تنگ ڪونہ ٿا ڪن ۽ نہ ئي جنت ۾ 70 حورن ماڻڻ جا سڌڙيا آهن. حق تہ انهن کي جُڳائي ٿو جن انهن نعمتن جي حاصلات لاءِ رنڊا روڙيا آهن، ڪشالا ڪڍيا آهن، تَنَ کي تَسيا ڏني آهي. نُور نچويو آهي، اوهين ڪير ٿيندا آهيو ماڻهن جو حُقو پاڻي بند ڪرڻ وارا؟

پر، جيڪڏهن هرو ڀرو توهان صاحبن اهو عهد ڪيو آهي تہ ڏنڊي جي زور تي، تلوار جي نوڪ تي، بندوق جي ناليءَ تي ماڻهن کي انساني ۽ سماجي نعمتن کان محروم ڪندا تہ پوءِ اسين اهو چوڻ ۾ حق بجانب هونداسون تہ مادي فلسفي، ڪائنات جي مادي نظريي جي مخالفن کي هن مادي دنيا جي مادي شين تي ڪوبہ اختيار يا حق ڪونهي. ياد ڪريو تہ اوهان کي اوهان جو فڪر ڪهڙي تعليم ڏئي ٿو ان جي فڪر موجب هن دنيا جا سُک ۽ آسائشون اوهان تي واجب ناهن. هي سائنسي ايجادون ۽ تحقيقون ڪفر ۽ شيطان جا شعبدا آهن، تنهنڪري اوهان پارن بزرگن تي ديني ۽ خدائي فرض عائد ٿئي ٿو تہ ڪُفر جي اُنهن اهڃاڻن کي ٽي

طلاق ڏيئي وجي جهنگ ۾ بيابان آباد ڪريو. جبل جهاڳيو اُتي گاهه، پن کائو ۽ شڪار ڪريو. اوهان جو چا وڃي هن مادي دنيا منجهه! پلا ايئن نٿا ڪري سگهو ته گهٽ ۾ گهٽ رسول الله صلي الله عليه وآلهِ وسلم جن جي سُنت تي ئي ڪٽي عمل ڪريو. هونئن به رسول ڪريم صلي الله عليه وآلهِ وسلم جن جي سُنت تي عمل ڪرڻ هر مؤمن تي لازمي فرض آهي.

اوهين راهه غريبي گذاريو ڦاٽل، تٽل ڪپڙن پهرڻ کان عار نه ڪريو سيئي ڪم پنهنجن هٿن سان پاڻ ڪريو پنهنجن ڦاٽل تٽل جوتن جو ڳنڍ توپو به پاڻ ڪريو سادي زندگي گذاريو گهر ۾ عورتن کان جنڊ تي اٽو پيهايو عورتن کان پاڻي پرايو گڏهه، اُٺ، گهوڙي وغيره جي سواري ڪريو گهر ۾ جيڪا ڪجهه ملڪيت هجي سا الله جي راهه ۾ ضرورتمندن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو پنهنجي نياڻين کي ڏاج ۾ اُهو ڪجهه ڏيو جيڪو ٻنهي جهانن جي سردار رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي پياري نياڻيءَ، خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها کي ڏنو هو. اڄ اوهان رسول ڪريم صلعم جي سُنت تي عمل ڪندي عار ڇو ٿا محسوس ڪريو؟ ڇا، رسول پاڪ صلي الله عليه وآلهِ وسلم ۽ اُنهن جي اصحابن سڀني پنهنجين زندگين ۾ عملي طرح ايئن ڪونه ڪيو هو؟ اوهين انهن کان مٿيرا ته ڪونه آهيو. اُنهن جي اُمت آهيو! پر اوهين ائين هرگز ڪونه ڪندؤ. جيتوڻيڪ اوهين انهن ڳالهين کان چڱيءَ ريت واقف به آهيو پر پوءِ به اُنهن تي عمل نٿا ڪريو ڇو ته اوهان کي اڄ مادي آسائشون گهرجن. اوهان کي اڄ ايئرڪنڊيشن ڪپن، فرج، ڪارون، موٽرون ۽ رهائش لاءِ لگزري ويل ڊيڪوريٽيڊ بنگلا گهرجن، نرم ۽ گداز فوم جا پلنگ گهرجن. اوچا ۽ عمدا ويس وڳا، عطر عنبر کپن، ست طعام، حلوا، سيرا ۽ سيون کپن. اهو ئي ڪارڻ آهي ته اڄ نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهِ وسلم جن جو آفاقي دين اسلام مذهبي ٻهروپين جي عملن سبب دنيا ۾ دفاعي پوزيشن ۾ آهي. اوهان جي قول ۽ فعل ۾ زمين آسمان جو تضاد موجود آهي.

اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائيين،
دغا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
مُنهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

(شاهه)

رهي ڳالهہ اعليٰ منصبن تي ويهڻ جي، تہ اُنهن تي فهم فراست جا ڏٽي ۽ ڏاها، عقل جا اڪابر ۽ دانشور ماڻهو نہ ويهندا تہ پوءِ پلا مدرسن جا ڪُٺابي ويهندا؟ اوهان جهڙا نيم پڙهيل ماڻهو ويهندا، بابا، اوهان جو ڪم آهي، مدرسا ۽ مسيتون آباد ڪرڻ، سو وڃي پنهنجي ڏنڏي ڏاڙهيءَ جي ڪريو. دنيا جي معاملن ۾ اوهان جو ڇا؟ وڃي الله ڪريو ۽ پنهنجي آخرت سنواريو. جيڪڏهن اوهان پارا ماڻهو اعليٰ سماجي ۽ انتظامي منصبن تي براجمان ٿيا تہ پوءِ سڄڻ! فيصلا بہ اُهڙا ئي ڪندؤ جيئن اوهان جي لڏي جي هڪ پاءُ ڪيو هو. جڏهن ڪنهن ڪوهہ ۾ ڪو گڏهہ ڪري پيو هو! يا جيئن 1994ع ۾ جڏهن بينظير ڀٽو (تڏهوڪي وزيراعظم) آباديءَ تي ڪنٽرول بابت عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ قاهره وئي تڏهن جماعت اسلاميءَ جي امير قاضي حسين احمد صاحب فرمايو هو تہ، ”آباديءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ مسلم اُمت ۾ آبادي جيتري وڌندي، اسلامي لشڪر اوترو ئي وڌو ٿيندو ۽ جهاد ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.“ ۽ ائين معصوم ۽ ساده لوح ماڻهن کي جهاد جهڙي پُرفريب نعري ۾ ڦاسائي ڪين زوريءَ جنگ جدل جي ڪيفيت ۾ ڏڪيو وڃي ٿو. مائرن جون جهوليون خالي ڪيون وڃن ٿيون. سهاڳڻين جا سُهاڳ اُجاڙيا وڃن ٿا. لکين ابهم ۽ معصوم ٻارڙن جي مٿي تان شفقت جو هٿ کسي، ڪين يتيم ۽ سندن مستقبل اونداهو ڪيو وڃي ٿو. سندن سهارو کسيو وڃي ٿو. تازو ئي اخبارن ۾ هڪ 15 سالہ نوجوان معروف احمد جو هڪ خط شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن صدر ۽ وزيراعظم کي اپيل ڪئي آهي تہ ڪيس ڪلفٽن مدرسي جي سربراهہ کان پنهنجي جان ۽ خاندان وارن کي تحفظ ڏياريو وڃي. معروف احمد کي مدرسي وارن زوريءَ افغان جهاد واسطي طالبان سان گڏ افغانستان موڪليو هو. جتان هو وجهہ وٺي ڀڄي واپس آيو آهي. هڪ ٻيءَ اخباري خبر موجب افغانستان ۾ طالبان 14 عورتن کي برقعو نہ پائڻ تي ۽ 23 مردن کي ڏاڙهيون ڪوڙن تي سزا طور بازارن ۽ گلين ۾ سرعام مارڪُٽ ڪئي، بعد ۾ مردن کي جبل ڏانهن اُماڻيو ويو.

**ٻہ لفظَ دست بستہ:**

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان ڪجهہ سال اڳ دنيا ۾ آباديءَ ۾ واڌ ۽ خوراڪ جي گهٽتائيءَ جهڙن مسئلن مُنهن ڪڍيو هو. برطانوي شهنشاهيت جنهن جي راڄ ۾ ڪٿي بہ سج نہ لهندو هو، تنهن انهن مسئلن جي حل ڳولڻ لاءِ صلاح مشورا ڪيا ۽ نيٺ هڪ وڏي پادريءَ کي اُن سلسلي ۾ درٻار ۾ گهرايو. اُن پادريءَ صلاح ڏني هئي تہ، ”ڪا مهاڀاري لڙائي لڳائي وڃي، جنهن ۾ وڏي پئماني تي انسانن جو جاني

نقصان ٿئي. اُن ريت هڪ طرف تہ آباديءَ ۾ واڌ واري مسئلي کي مُنهن ڏيئي سگهبو تہ ٻئي طرف خوراڪ جي کوٽ وارو مسئلو بہ پاڙهي نبري ويندو!"

اهو تہ ڊاڪٽر نارمن اي بورلاگ نالي هڪ آمريڪي سائنسدان هو جنهن تمام وڏي جدوجهد ۽ جفاڪشيءَ کانپوءِ سن 1963ع ۾ مڪئي ڪڻڪ جي هڪ هٽرادو جنس تيار ڪري ورتي، جيڪا پوءِ سڄيءَ دنيا ۾ سائي انقلاب جو ڪارڻ بڻي. ڊاڪٽر بورلاگ کي سندس اُنهيءَ شاندار ڪارنامي جي مڃتا طور سن 1970ع ۾ امن جو "نوبل انعام" پڻ ڏنو ويو هو. بهرحال، سماجياتي ۽ سياسي علمن جي ماهرن جي راءِ آهي تہ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي لڳڻ ۾ کوڙ سارن سياسي ۽ اقتصادي سببن سان گڏ هڪ ڪارڻ اُن پادريءَ جي اُها صلاح بہ هئي، جيڪا هن برطانوي تاجدارن کي ڏني هئي.

اهي تہ بهرحال تمام وڏا ۽ ڳنڀير مسئلا آهن. ظاهر آهي تہ ديندار حضرات اُنهن کي حل ڪرڻ ۾ پنهنجي شاندار ۽ بي مثال ذهني صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا رهندا، جيئن اُهي ماضيءَ ۾ بہ ڪندا رهيا آهن. اسين هتي روز مرہ جي زندگيءَ مان هڪ سادو مثال پيش ڪريون ٿا. اخبارن ۾ هڪ خبر ڇپي آهي تہ "خانواهڻ" ۾ هڪ مدرسي جي مُلي شبير احمد، نَوَ سالن جي هڪ معصوم ڪُتابي شهمير ڇَنَ کي ديني سبق پڪو ڪري نہ ٻڌائڻ جي سزا ڏيڻ واسطي سندس نازڪ عضوي کي پڪڙ سان ڦاسائي ايذاءَ ڏنا. اُهو معصوم ٻار بيهوش ٿي ڪري پيو، کيس اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو . اعليٰ حضرت مولانا صاحب! جيڪڏهن اهڙا عالم دين حضرات اعليٰ منصبن تي براجمان ٿيا تہ پوءِ فيصلا بہ اهڙا ئي ڪندا!

محترم جي ايم سيد پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو هو: "..... اهو نہ وساريو تہ اسلامي سماج ۾ مذهبي اڳواڻ هڪ ڇٽ مُلان هوندو آهي ۽ روحاني اڳواٽي بہ پيرن وٽ هوندي آهي. ساڳيءَ طرح سياسي رهنما اقتدار جي نشي ۾ چُور هڪ جاگيردار هوندو آهي.... اسلام خطري ۾ آهي، جو نعرو رڳو سندن ڪُڌن ڪرتوتن ۽ رجعت پسند ڪمن، بدڪرداريءَ ۽ ظلم تي پردي وجهڻ لاءِ آهي."

جيستائين جديد نظرين ۽ جديد فڪر جو تعلق آهي ۽ جيڪڏهن اُهي غلط آهن يا موسيٰ ڀُٽي صاحب کي اها ڳالهہ نئي وٽي تہ ماٺهو اُنهن کي مڃين، اسين اهو مؤقف رکون ٿا تہ جيڪڏهن عالم سڳورا انهن کي غلط سمجهن ٿا تہ پوءِ دليلن ۽ عقلي بنيادن تي اُنهن کي رد ڪري ڏيکارين. "مان نہ مڃان" واري ڪار هتي نہ هلندي، دليل ۽ منطق سان ميدان ۾ اچو اسين اوهان کي ڀليڪار چونداسين. "ارتقا" جي نظريي، جدلياتيماديت جي نظريي کي رد ڪري ڏيکاريو اوهين

گليلو ۽ ڪوپرنيڪس جي انهيءَ نظريي کي رد ڪري ڏيکاريو ته ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي، ٻيا به ڪوڙ سارا قانون ۽ نظريا آهن. ڪيترن جو ذڪر ڪريون. پر جيڪڏهن ايئن نٿا ڪري سگهو ته پوءِ خدا جي واسطي دنيوي معاملن ۾ اجائي ٽنگ نه اڙايو. اِهي ڪم انهن تي ڇڏي ڏيو جن کي سونهن ٿا. اوهين پنهنجي ديني فريضي ۽ عبادت سان سچا رهو. ڇا، اوهين ان ڳالهه کي رد ڪري سگهندؤ ته هزارين سالن جي حڪمرانيءَ ۽ پنهنجي سيني پِٽ پاراتن ۽ دمن دلاسن، دڙڪن، داٻن ۽ تبليغن جي باوجود به مذهبَ رستي تان برائيءَ کي ختم ڪرائي نه سگهيا آهن. بلڪ اُن مقصد ۾ اُهي بنهه ناڪام رهيا آهن.

گبرئيل پيري جيڪو مارڪسزم لينِنزم نظريي جو حامي هو تنهن پنهنجي حياتيءَ جي پوين گهڙين ۾ هڪ خط لکيو هو جنهن جو متن هيٺينءَ ريت هو: "بنديخاني جي پادريءَ مون کي ٻڌايو آهي ته ڪجهه گهڙين کان پوءِ مون کي منهنجي ساٿين جي عيوضي ۾ گولي هڻي ماريو ويندو.....

"منهنجي دوستن کي خبر هجي ته آئون سڄي پنهنجيءَ زندگيءَ جي آدرش سان وفادار رهيو آهيان. منهنجي ديس واسين کي خبر هجي ته آئون مران ٿو ته انهيءَ لاءِ ته فرانس جيئي.

"مون آخري پيرو پنهنجي ضمير جي چڪاس ورتي آهي. مون کي ڪوبه افسوس ڪونهي. آئون چاهيان ٿو ته اُها منهنجي ڳالهه هر ڪنهن کي ٻُڌائي وڃي. جيڪڏهن منهنجي زندگي مون کي ٻيهر ملي، ته آئون هوند هيءَ ساڳي راهه وٺي جيئان..... اج آئون پنهنجي موت کي هن دليريءَ سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌان ٿو."

ارڏي ۽ اڏول انسان جو ڪردار تلوار جي تيز ڇهنب تي نچندي نظر ايندو آهي، هرڪو پنهنجي صليب ڪُلهي تي کنيو پيو هلي. جيڪو قول ۽ عمل هنن کي پنهنجي تقدير جي واٽ تان هٽائڻ چاهي ٿو اُن کي هو ڪبيري گُناهه برابر سمجهن ٿا.....

جنهن وقت اسان جي تَندُ تپي، ۽ ساز تَپي آواز جهَپي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌُ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا!

(اياز)

عظيم شخصَ پنهنجي سماج ۾ نئين انسان طور اُڀرندا آهن ۽ اُن ۾ نئين انسان جي پيدا ڪرڻ جا داعي هوندا آهن ۽ ائين ان ۾ نئون ساهه ۽ تازگي آڻڻ چاهيندا آهن. هو ذاتي مفاد کي ڇڏي عام مفاد لاءِ لُڇندا آهن. پاڻ کان هٽي، ٻين لاءِ جيئندا آهن. سڄي سماج لاءِ وسيع ۽ عام خلق جي نئين زندگيءَ لاءِ. هو سڄي

پنهنجي عمر، سچو پنهنجو وقت ۽ سچو پنهنجو فڪر پوريءَ طرح انهيءَ پنهنجي هڪ سڀ لاءِ سُک ۽ ساءَ پريءَ، نئينءَ دنيا جي تعمير لاءِ ڳهندا ۽ ڳرندا آهن. اها ئي پاڻ کان لاپرواهي ۽ ٻين جي اونَ ۽ اها ئي سندن هڪ مقصد جي لڳن ۽ اُن لاءِ سندن تانگهه ۽ ڪوشش ۽ اُن کي پهچڻ لاءِ سندن غير رواجي حوصلو ۽ همت- اهي ئي اُنهن جي عظمت جون نشانيون هونديون آهن.

زندگيءَ سان سر سيتائي- سنڌ جي حوالي سان اجتماعيت ۾ جيڪا زندگي آهي، اُن سان ڪمٽمينٽ تہ اُن ۾ پورهيت جو لوڪ راڄ هجي، جنهن ۾ اُن جا لازمي توسيعي قدر، آزادي، اُخوت ۽ مساوات عمل ۾ هجن. سنڌ ڌرتيءَ تي اهڙي بهشت جي قائم ڪرڻ لاءِ روشن خياليءَ، احتجاج ۽ جدوجهد وسيلي، پورهيتن جو جمهوري انقلاب آڻجي. سنڌ ۽ سنڌي سماج کي اها فوري ضرورت آهي. اُن جي گهُر آهي، تقاضا آهي.

نئــــون نيــــاپو آئيــــو، راڻـــــي مـــــلا رات،
لــڌي ســـون لطيـــف چئـــي، ڪَنـــا ڌاتـــر ڌات،
ڪونـــہ پڇـــي ڌـــو ذات، جـــي آيـــا ســـي اَگهيـــا.

(شاهہ)

جنهن گهڙيءَ نئين انسان ۾ هڪ نئين سماج اَڏڻ، ماڻهپي ۽ مريادا، شرڌا ۽ پريم واري سماج اَڏڻ جو اُمنگ پيدا ٿيندو آهي، تنهن گهڙيءَ انسان پنهنجو پاڻ کي هڪ نئين روپ، هڪ نئين رنگ ڍنگ ۾ ڏسڻ لڳندو آهي. سموري ڪائنات هُن جي آڏو نئين سر جُڙندي ۽ راس ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ڪردار ۽ ڪيترائي ڪارناما هوندا آهن. جيڪي اُن هيٺي ۽ ذهني غلام انسان جي هٿان سرانجام ٿيڻ جا منتظر هوندا آهن. پوءِ هُو پنهنجي ذهن تان آهستي آهستي، گهڙيءَ گهڙيءَ ذهني غلاظتن جا غلاف لاهڻ شروع ڪندو آهي. پنهنجيءَ ذلت نفس، احساس ڪمتريءَ، بيوسيءَ، ڪم طاقتيءَ ۽ ڏاڍي جي بالادستيءَ ۽ خود فريبيءَ واريون جيڪي پوشاڪون سندس هيٺي ذهن ۽ جسم تي پيل هونديون آهن، تن کي هو لاهڻ ۽ اُڇلائڻ شروع ڪندو آهي.

اسان سنڌ ۾ نئين انسان جو جيڪو تصور قائم ڪيو آهي، تنهن جا ماخذ شاهہ، سچل ۽ سامي آهن. هُنن سنڌي سماج جي آڏو نئين انسانَ جو تصور پيش ڪيو. هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو ۽ ان لاءِ ڪين عملي راهہ ڏيکاري، قومي تهذيب ۽ قومي سياست جي راهہ. مشترڪ مفاد ۽ باهمي قربانيءَ جي راهہ. هُنن سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد

۽ خوشحال وجود جو تصور ڏنو ۽ اُن تصور جي تڪميل جو رستو بہ ڏسيو ھيائين، ويچي ڪي مِتائڻ جو پنھنجن ڪي پنھنجو ڪرڻ جو ۽ ايڪتا جو سچ جو سچي ماڻھپي جو ماڻھوءَ جي مريادا ۽ مانُ جو ماڻھوءَ جي شيوا ۽ پريم جو انساني تھذيب ۾ پنھنجي حصي جي فرض ادا ڪرڻ جو عالمي امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جي جدوجھد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو رستو.

اسان ڪي محمد موسيٰ ڀُٽي ڪان ڪابہ شڪايت ڪانھي. سنڌيءَ ۾ ھڪ چوڻي آھي: "رڍن اڳيان رَباب وڄائيندي ورھيہ ٿيا، نڪي ريڍيون راڳ تي، نَڪو ڏنئون جواب." شيخ اياز جو شعر آ:

**ھيرا تہ ڏسو، ڪنڪر نہ ھڻو، اينھو نہ وري ھي وڻجارو،**

**ڪجھہ ذات ڏسو، پوءِ بات ڪيو، ھي شورُ اجايو آ پيارا!**

اسين وري بہ سُچيتائيءَ واري ورتاءُ واري سوچ جو مظاھرو ڪريون ٿا، ڇو تہ مذھبي ڪٽرتا، تعصب ۽ فرقيواريت جي مقابلي ڪرڻ لاءِ اھو ئي ھڪ رستو باقي بچيو آھي. اسان جي ديس جھڙن اُسرندڙ ملڪن جي بدنصيبي اھا آھي تہ مُٺ جيترا جُنوني ماڻھو مذھب جي لبادي ۾ کُلئي عام نفرت ۽ تشدد پڙڪائيندا رھن ٿا. اسان جي ديس جي سُجاڻ ۽ ساڃاھہ وند ماڻھن، مائٽن، استادن ۽ بزرگن ۽ پڻ نئين نسل ڪي پنھنجي چوُطرف وڪوڙيل اھڙن فتني باز ماڻھن تي ڪڙي نظر رکڻ کپي ۽ اھا سوچ ھجڻ گھرجي تہ اسين کھڙي قسم جي ماڻھن جي چُنگل ۾ ڦاٿل آھيون، کھڙا ماڻھو پالي رھيا آھيون.

اسان ڪي اھڙن ماڻھن ڪي ھمتائڻو ۽ اُپارڻو آھي، جيڪي سيني سان پيار ڪري سگھن، جيڪي سيني جي سُک واسطي پاڻ دُک جھيلي سگھن، جيڪي سرجڻھار تي سگھن ۽ جيڪي ڏُک سُور ونڊي سگھن ۽ اُھي جيڪي زندگيءَ جي ھڪ رچنا تمڪ ۽ نياءَ پرئي جوڙجڪ لاءِ وڙھي سگھن. اسان ڪي اُنھن ماڻھن مان پنھنجي جند آجي ڪرائڻي آھي، جيڪي روحانيت جا دعويدار تہ آھن، پر سندن دل خالي ۽ ذھن سُڃا آھن ۽ آپي ۽ ايمان پريل آھن ۽ متل مانگر مَڇن وانگر ٿونھيندا ۽ ھر شيءِ ڪي ڳڙڪائيندا وتن ٿا، ۽ پاڻ ڪي ماڻھن ڪان برتر سمجھن ٿا ۽ سڏائين ٿا. اسان ڪي اُھي ماڻھو پالڻا ۽ تاتي وڏا ڪرڻا آھن، جيڪي ماڻھن جي ڀلائيءَ خاطر اُنھن منڪرن ڪي انھن ابليسن، قارونن ۽ فرعونن ڪي اُتي مُنھن ڏين ۽ اُنھن جي سڄي مانڊاڻ ڪي ڊاھي پٽ ڪري سگھن. اسين محترم محمد موسيٰ ڀُٽي صاحب جي خدمت ۾ شيخ اياز جو ھيءُ شعر عرض ڪنداسون:

جنهن جو سڀ پرڪارُ ٻنڌن ڇوڙي مڪت ٿئي،
اهڙي پُوڄيہ پُرش جو ڳهلا، ڳول دُوارُ!
آهي پار، اپارُ، ساروُن جي سُوجهہ ۾.

اسين آخر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌي عوام، ساڃاهہ وند، علم دوست ۽ سنڌ دوست ڌُرين جي خدمت ۾ پنهنجي هيءَ وينتي ورجائيندا سين تہ هيءُ فيصلو ڪين ئي ڪرڻو آهي تہ سنڌي سماج جو مجرم ڪير آهي؟ سنڌ لاءِ هاڃيڪار ڪير آهي؟ اسان جي دانهن سنڌي عوام جي عدالت ۾ آهي.